
سنڌو سڀيتا :
آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو
رڪ سنڌي

# سنڌو سڀيتا:
# آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو

مصنف: رڪ سنڌي

# Indus Civilization:
# Aryan and Dravidian Hypothesis

Author: Ruk Sindhi

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت پاران

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”سنڌو سيپيتا: آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب نامياري ليکڪ، محقق ۽ صحافي محترم **رُڪ سنڌي** جو لکيل آهي.

برطانوي تاريخدانن ۽ آرڪيالاجي جي ماهرن هڪ گهري سازش ۽ حڪمت عملي هيٺ برصغير تي آرين جي حملي جو تصور آڏو آندو. جيئن هن خطي ۾ سندن بيٺڪي مفاد سلامت رهي سگهن. آرين جي حملي واري بي بنياد ٿيوري اڄ بہ برصغير جي ماڻهن وچ ۾ سياسي، ثقافتي ۽ ٻولي جي بنياد تي تضادن جو سبب بڻيل آهي. ان ئي ٿيوري جي بنياد تي انگريزن اتر ۽ ڏکڻ هندستان جي ماڻهن وچ ۾ دراوڙ ۽ آريا جي نسلي بنيادن تي تضاد کي هٿي ڏني ۽ کين هڪ ٻئي جي سامهون آڻي بيهاريو. هن ڪتاب ۾ برصغير تي برطانوي قبضي دوران سنڌو ماٿري تي نام نهاد آرين جي حملي واري مفروضي کي سائنسي دليلن سان رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. موجوده دور ۾ آرڪيالاجي، اينٿروپلاجي ۽ جينيٽڪس بنيادن تي تحقيق دوران نتيجن کي آڏو رکي تجزيو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

هي ڪتاب ڪنهن بہ اداري اڃا تائين ناهي ڇپيو اسان ٿورائتا آهيون سائين رُڪ سنڌيءَ جا جنهن هن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پڙهندڙن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| .1 | مهاڳ | 05 |
| .2 | سنڌو ماٿري تي آرين جي حملي واري ٿيوري | 07 |
| .3 | ٻولين وچ ۾ هڪ جهڙائي | 11 |
| .4 | آريائي حملي، لڏپلاڻ وارو مفروضو هڪ سازش | 21 |
| .5 | آريائي نسل پرستي واري ٿيوري بابت رٿابندي | 24 |
| .6 | آرين جي اصل وطن بابت ماهرن ۾ اختلاف | 27 |
| .7 | انگريزن جو غلامن لاءِ تعليمي سرشتو | 31 |
| .8 | يورپ کي پنهنجي ئي ٿيوري ڳچي ۾ پئجي وئي | 35 |
| .9 | آرين جو حملو ۽ رگ ويد | 38 |
| .10 | ويدن ۾ سنڌوندي جي ساراهه | 43 |
| .11 | آرين ۽ اڻ آرين ۾ ويڙهه جا سبب | 46 |
| .12 | آريائي ٿيوري ماهرن طرفان رد | 49 |
| .13 | سنڌو سڀيتا کي دراوڙي قرار ڏيڻ وارو مفروضو | 55 |
| .14 | براهوي ۽ دراوڙي تهذيب وارو مفروضو | 65 |
| .15 | ايران ۽ آريائي نسلي مفروضو | 72 |
| .16 | آريا ٿيوري ۽ برصغير ۾ گهوڙي جو وجود | 75 |
| .17 | جينياتي بنيادن تي آريائي حملي وارو مفروضو رد | 81 |
| .18 | تهذيب جو تسلسل برقرار | 90 |
| .19 | سنڌو ماٿري مان پرڏيهه ڏانهن لڏپلاڻ | 100 |
| .20 | نتيجا | 104 |
| .21 | سنڌو سڀيتا جي سڃاڻپ سان هٿ چراند | 105 |
| .22 | ماخذات | 108 |

# مهاڳ

اڄ جي جديد سائنسي دور ۾ ڪنهن به ملڪ، قوم، خطي يا ڪابه ٻولي ڳالهائيندڙن بابت ڪوبه ڪوڙ لپاڙبازي يا غير حقيقي دعوئا ڦٻي نه ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته جيستائين هر دعوئا جا ٺوس سائنسي بنياد ثابت نه ٿيندا، ان کي فقط پنهنجي خواهش تي سچ قرار ڏئي نه ٿو سگهجي. سائنس اسان جي عقيدن، نظرين، نسل پرستاڻي سوچ ۽ غير حقيقي دعوائن کي رد ڏيڻ لاءِ موجود آهي، ان ڪري قديم دور جي تهذيب، ثقافت، ماڳن، مڪانن، موسم، درياهي وهڪرن بابت ڪابه ڪوڙي دعوئا پير ڪوڙي بيهي نه ٿي سگهي. اڄ قديم دور جي تهذيبن، نسلن، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، طور طريقن ۽ ثقافتي قدرن جي جاچ لاءِ سائنس ڪيئي بنياد فراهم ڪيا آهن. ڪنهن به خطي جي ماڻهن جي جينيٽڪس جا بنياد معلوم ڪرڻ لاءِ پاپوليشن جينيٽڪ، ڪمپريٽو جينيٽڪ، آرڪيو جينيٽڪ، جينومڪس ۽ جينوٽائپنگ هڪ ٻئي سان سلهاڙيل سائنسي فيلڊ آهن. انهن سائنسي طور طريقن جي بنياد تي اسان هزارين سال اڳ جي ماڻهن بابت اها ڄاڻ حاصل ڪري سگهون ٿا ته انهن پنهنجي ارتقا جون منزلون ڪيئن ۽ ڪٿي طئه ڪيون. اسان کي سنڌو سڀيتا بابت به چوڪ چڪاس لاءِ اهي سائنسي طريقا استعمال ڪرڻا پوندا.

برصغير تي انگريزن جي قبضي واري دور ۾ قبضي هيٺ آيل خطي جو هر ماڻهو پاڻ کي انگريز جي ويجهو ڏسڻ يا ٻاهرين حملي آورن سان پنهنجو حسب نسب ملائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. خاص ڪري مٿيون طبقو هندو برهمڻ، مسلمان جاگيردار ۽ قبائلي سردار انگريزن کان رعايتون حاصل ڪرڻ ۽ سندن خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ سندن هر ڳالهه، قول ۽ فعل تي عمل ڪرڻ پنهنجي ايمان جو حصو سمجهندا هئا. اها غلامانه ذهنيت فقط انگريزن جي قبضي واري دور ۾ پيدا نه ٿي هئي، پر ان کان اڳ به جڏهن عربن سنڌ تي حملو ڪيو ته هتان جي مقبوضا ماڻهن ۽ خاص ڪري مٿئين طبقي رعايتون حاصل ڪرڻ ۽ اقتدار جي اچليل هڏي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي عربن جي تابعدار قرار ڏيڻ لاءِ مختلف قسم جا حربا استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. مٿئين طبقي جا خاندان رات پيٺ ۾ پنهنجو حسب نسب عربن سان ملائڻ لاءِ پنهنجي اصلوڪي سڃاڻپ ختم ڪري پاڻ کي سيد، قريشي، دائود پوٽا، عباسي وغيره سڏائڻ لڳا. ان ڪري انگريزن جڏهن هن خطي جي ماڻهن کي ذهني طور غلام بڻائڻ لاءِ يورپي نسل جي سفيد فام آرين جي حملي واري ٿيوري گهڙي ته کين اها ٿيوري هتان جي غلام ماڻهن کان تسليم ڪرائڻ ۾ ڪابه تڪليف درپيش نه آئي. اسڪولن ۾ جوڙيل نصاب ذريعي ان ٿيوري کي معصوم ٻارن جي ڪچڙن ذهنن ۾ داخل ڪري، هڪ اهڙو نسل تيار ڪيو ويو جيڪو مالڪ کان وڌيڪ مالڪ جو وفادار ٿي بيٺو. ان نسل جي ذهني طور اهڙي پرورش ڪئي وئي، جو هنن جي ذهن ۾ اها ڳالهه پختي ٿي ويئي ته انگريز برصغير

جي مقامي ماڻهن کان وڌيڪ ڏاهو تعليم يافته، هوشيار ۽ جديد علمن هجڻ سبب سڀ هر شيءَ جي ڄاڻ رکندڙ آهي. ان ڪري سندن ڪوبه خيال، نظريو يا راءِ غلط ٿي نه ٿي سگهي.

بيٺڪي دور جي حڪمرانن سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي يورپ کان آيل آرين جي حملي ۽ قبضي وارو مفروضو جوڙي هڪ طرف اتر هندستان جي ماڻهن کي اهو باور ڪرايو ته اوهان ڪي الڳ نه پر اسان جي ئي اعليٰ نسل آرين مان آهيو ان ڪري اوهان اسان جا غلام نه پر ماضيءَ جا عزيز ۽ رشتيدار آهيو. جڏهن ته ڏکڻ هندستان جي دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن کي سنڌو تهذيب جو وارث قرار ڏئي، ان خوش فهمي ۾ مبتلا ڪيو ويو ته اوهان اتر هندستان وارن کان الڳ نسل جا ۽ هن ديس جا اصل ڌڻي ۽ سنڌو سڀيتا جا وارث آهيو.

برطانوي تاريخدانن ۽ آرڪيالاجي جي ماهرن هڪ گهري سازش ۽ حڪمت عملي هيٺ برصغير تي آرين جي حملي جو تصور آڏو آندو. جيئن هن خطي ۾ سندن بيٺڪي مفاد سلامت رهي سگهن. سندن ان ٿيوري جو ڪيتو اڄ تائين برصغير سنڌ هند جا ماڻهو پوڳي رهيا آهن. اڄ به برصغير جا ماڻهو انگريزن جي ان سازشي ۽ ڪوڙي ٿيوري ۾ يقين رکن ٿا.

آرين جي حملي واري بي بنياد ٿيوري اڄ به برصغير جي ماڻهن وچ ۾ سياسي، ثقافتي ۽ ٻولي جي بنياد تي تضادن جو سبب بڻيل آهي. ان ئي ٿيوري جي بنياد تي انگريزن اتر ۽ ڏکڻ هندستان جي ماڻهن وچ ۾ دراوڙ ۽ آريا جي نسلي بنيادن تي تضاد کي هٿي ڏني ۽ کين هڪ ٻئي جي سامهون آڻي بيهاريو. هن ڪتاب ۾ برصغير تي برطانوي قبضي دوران سنڌو ماٿري تي نام نهاد آرين جي حملي واري مفروضي کي سائنسي دليلن سان رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. موجوده دور ۾ آرڪيالاجي، اينٿروپلاجي ۽ جينيٽڪس بنيادن تي تحقيق دوران نتيجن کي آڏو رکي تجزيو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. آئون هن ڪتاب ۾ ڏنل نتيجن کي حرف آخر نه ٿو سمجهان. جيڪڏهن ايندڙ وقت ۾ جديد سائنسي تحقيق جي روشني ۾ نيون ثابتيون ملن ٿيون ته هن ڪتاب ۾ ڏنل نتيجا ڪي حرف آخر نه سمجهڻ گهرجن. ڇاڪاڻ ته سائنس جو اسان جي عقيدن، نظرين، سوچ ۽ دعوائن سان ڪو به تعلق ناهي.

**رڪ سنڌي**

14 جولاءِ 2019ع

# سنڌو ماٿري تي آرين جي حملي واري ٿيوري

آرين جي وچ ايشيا جي هڪ نسلي گروپ وارو تصور ڀهريون پيرو جرمن ٻولي ماهر ميڪس مولر 1850ع ۾ پيش ڪيو. آريا نسل واري ٿيوري گهڙيندڙ جرمن ماهر فريڊرڪ ميڪس مولر (جنم: 1823ع, وفات: 1900ع) 1848ع ۾ آڪسفورڊ ۾ رهائش اختيار ڪئي. هن 1850ع ڌاري




پهريون ڀيرو انگريزي ٻولي ۾ ”آريا“ لفظ ٻولين جي هڪ وڏي گروپ طور متعارف ڪرايو. هن نه فقط آرين ٻولين جي گروپ وارو نظريو ڏنو پر ان سان گڏ آرين نسل جو به مفروضو متعارف ڪرايو. ميڪس مولر آرين نسل جي ماڻهن جو اولهه ايشيا کان ٻن گروپن ۾ لڏپلاڻ جو تصور پيش ڪيو. جنهن موجب سينٽرل ايشيا مان آرين جي هڪ گروپ اولهه طرف يورپ ۽ ٻئي گروپ اوڀر يعني ايران طرف لڏپلاڻ ڪئي.(1) ايران طرف لڏپلاڻ ڪندڙن جي آخري منزل انڊيا (سنڌ ماٿري) هئي. آرين بابت اهو خيال پيش ڪيو ويو ته هو سينٽرل ايشيا جا خانه بدوش قبيلا هئا. جن 1500 ق م ڌاري پنهنجي اصل وطن وچ ايشيا مان نڪري اوڀر طرف ايران رستي انڊيا ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. جن آريائي خانه بدوش قبيلن ايران مان انڊيا طرف لڏپلاڻ ڪئي. سي پهريان سنڌو ماٿري يعني موجوده پنجاب ۽ سنڌ جي ميداني علائقن ۾ داخل ٿيا. ڪجهه يورپي ماهرن موجب آريا سنڌو ماٿري ۾ ايران رستي نه پر هندوڪش جبل واري واٽ وٺي افغانستان کان داخل ٿيا.(2) جڏهن پروفيسر ميڪس مولر آريائي نسل جي وچ ايشِائي هجڻ جو تصور پيش ڪيو ته 1880ع ڌاري يورپ جي ڪجهه ماهرن آرين نسل واري مفروضي تي پنهنجي اجاره داري قائم رکڻ لاءِ آرين کي وچ ايشيا بدران يورپ جو نسل قرار ڏنو. هنن اها تصور پيش ڪيو ته آريا وچ ايشيا جا نه پر يورپ جي هنگري ۽ آسٽريا جو اصل رهواسي هيا. يورپي ماهرن يورپ، ايران ۽ انڊيا جي ٻولين وچ ۾ هڪ جهڙائي کي بنياد بڻائي انڊو يورپين ٻولين واري تصور پيش ڪيو. (3) سندن موجب يورپ ۽ انڊيا توڙي ايران جي ٻولين وچ ۾ هڪ جهڙائي جو بنياد يورپ مان ايران ۽ انڊيا طرف لڏپلاڻ يا حملو ڪري آيل آرين جي ٻولي هئي. انهن ان مفروضي تحت يورپ جي آرين جي ٻولي کي ايران ۽ اتر انڊيا جي ٻولين جي ماءُ قرار ڏنو.

يورپي ماهرن طرفان انڊيا ۽ يورپين ٻولين وچ ۾ هڪجهڙائي جي بنياد تي جوڙيل انڊويورپين ٻولين واري تصور کي ان وقت وڏو ڌڪو لڳو جڏهن 1920ع ۾ هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي کوٽاين مان هزارين سال آڳاٽي ترقي يافته سنڌو سيپتا دريافت ٿي. آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي ان وقت جي ڊائريڪٽر جنرل ۽ هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائيندڙ ماهر سر جان مارشل اهو انڪشاف ڪيو ته جنهن وقت يورپ کان اچي برصغير فتح ڪندڙ آرين اچا سنڌ ۽ پنجاب سميت انڊيا جي ٻين خطن بابت ٻڌو به نه هو ان وقت هتي 5 هزار سال آڳاٽي هڪ ترقي يافته شهري تهذيب موجود هئي، جيڪا ڪن حالتن ۾ مصر ۽ عراق جي تهذيبن کان به ڪافي سڌريل هئي.(4) (5) موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي دريافت بعد لڳ ڀڳ 2 صديون اڳ يورپ جي سڌريل هجڻ جي دعوىٰ وڃي پٽ پئي.

ميڪس مولر آريا نسل جي مفروضي جو بنياد ويدن تي رکيو. جڏهن هن ويدن جو ترجمو ڪيو ته هن رگ ويد ۾ ڪجهه هنڌن تي ڪتب آيل لفظ آريا کي بنياد بنائي آرين کي ٻاهر کان آيل قرار ڏئي سنڌن 1500 ق م ۾ سنڌو ماٿري طرف لڏپلاڻ جو تصور پيش ڪيو. هن موجب رگ ويد ۾ ذڪر ڪيل آريا يورپ جا هئا ۽ هنن سنڌو ماٿري (انڊيا) طرف لڏپلاڻ ڪري پنهنجي تهذيب جا بنياد رکيا. برصغير ۾ ڪين آرين جي حملي وارو مفروضو ان وقت جوڙڻ جي ضرورت پيش آئي. جڏهن سنڌو ماٿري ۾ 5 هزار سال کان به آڳاٽي تهذيب دريافت ٿي. آرين جي سنڌو ماٿري تي حملي واري ٿيوري سر مرٽيمير وهيلر طرفان پيش ڪئي وئي. آريائي حملي واري ٿيوري موجب آرين سنڌو ماٿري تي حملو ڪري ان جي سيپتا جو خاتمو آندو. مارٽيمير وهيلر 1946ع ۾ جڏهن هڙاپا جي کوٽائي دوران هڪ دڙي جي چوڌاري هڪ قلعي نما يت دريافت ڪئي ته هن بنا ڪنهن سوچ ويچار ۽ ٽائيم وڃائڻ جي ان کي آرين جو حملو قرار ڏئي، اهو نتيجو ڪڍيو ته آرين سپتا سنڌو يعني ستن درياهن جي ديس کي حملو ڪري فتح ڪيو ۽ هنن اتان جي رهواسين جي شهرن جي چوڌاري قائم ڪيل قلعا تباهه ڪيا. (6) مارٽيمير وهيلر موجب ويدن ۾ آرين جي جنگجو ديوتا اندرا سنڌو سيپتا جي ماڳن کي تباهه ڪيو. ديوتا اندرا کي ان ويڙهه ۾ 90 کن قلعا تباهه ڪندڙ قرار ڏنو پيو وڃي. اهي قلعا ڪٿي هئا، جن کي اندرا تباهه ڪيو انهن جو مارٽيمر وهيلر وٽ ڪو به ثبوت موجود نه هيو. مارٽيمير وهيلر هڙاپا جي کوٽاين مان هڪ ڊٺل قلعي کي بنياد بڻائي آريائي حملي جو جواز فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. (7)

سنڌو ماٿري تي آريائي حملي واري ٿيوري جا يورپي ماهرن طرفان 3 مکيه نقطا پيش ڪيا ويا: پهرين نقطي موجب سنڌو ماٿري (انڊيا) جا اصلوڪا رهواسي ڪاري رنگ جا دراوڙ هئا، جن سنڌو ماٿري ۾ هڪ انتهائي پرامن ۽ ترقي يافت شهري تهذيب جو بنياد وڌو. ٻئي نقطي موجب سنڌو ماٿري تي 1500 ق م ۾ سفيد رنگ جي آرين نالي هڪ رولو نسلي گروپ حملو ڪري قبضو ڪري ورتو. اهي آريا نسل جا ماڻهو يورپ جا هئا. آريا نسل جا اهي ماڻهو سنسڪرت ڳالهائيندڙ هئا.

انهن ماڻهن مقامي دراوڙي تهذيب کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. آريا نسل جي حملي آورن سنڌو ماٿري ۾ رهندڙ دراوڙن کي ڏکڻ هندستان طرف لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو. تين نقطي موجب سنڌو ماٿري تي قبضو ڪندڙ ان آريائي نسل جي ماڻهن ويد تخليق ڪيا ۽ هن خطي ۾ هندو ڌرم نافذ ڪيو ۽ هتان جي مقامي ماڻهن ۾ ذات پات جي بنياد تي ويڇا پيدا ڪيا. (8)

يورپ جي ٻولي ماهرن سميت آرڪيالاجسٽن آريائي حملي واري ٿيوري کي ڏکڻ ايشيا سميت يورپ ۾ ڦهلايو. بعد ۾ 20 صديءَ جي آخر ۾ سنڌو ماٿري تي حملي واري ٿيوري جا بنياد نہ ملڻ بعد ان کي حملي بدران آرين جي لڏپلاڻ واري ٿيوري (Indo Aryan Migration Theory) (IAMT) جو نئون ويس پهرايو ويو. ان نئين ترڪسات موجب آرين سنڌو ماٿري تي حملو نہ ڪيو هو پر هن خطي ڏانهن لڏپلاڻ ڪري اچي آباد ٿيا هئا. انهن لڏپلاڻ ڪري آيل رولو قبيلن جي ماڻهن ويد لکيا ۽ هندو ڌرم جو بنياد وڌو. آرين حملي واري ٿيوري جي هڪ ٻي حامي تاريخدان روميلا ٿاپر بہ اڳتي هلي حملي واري ٿيوري تان هٿ کڻي وئي ۽ هن اهو موقف اختيار ڪيو تہ انڊيا تي آرين جي ڪنهن وڏي حملي جا ثبوت نہ مليا آهن. پر آرين جي هن خطي طرف لڏپلاڻ ٿي، جن پنهنجي زبان ۽ ڪلچر هن خطي ۾ آندو.




حوالا:

(1)Muller, Max (1988), Biographies of words and the home of the Aryas, Longmans

(2)Bryant, Edwin, The Quest for the Origins of Vedic Culture: The Indo-Aryan Migration Debate, 2001, Published to Oxford Scholarship Online: November 2003, DOI: 10.1093/0195137779.001.0001

(3)Auroux, Sylvain (2000). History of the Language Sciences. Berlin, New York: Walter de Gruyter. p. 1156.

See Also: Anthony, David; Ringe, Don (2015), "The Indo_European Homeland from Linguistic and Archaeological Perspectives", Annual Review of Linguistics, 1: 199–219

(4)Danino, Michel, Aryans and the Indus Civilization: Archaeological, Skeletal and Molecular Evidence, Book: A Companion to South Asia in the Past, Pp.206, April, 2016.

(5)Marshall, 1931: v

(6) Wheeler, R.E.M., "Harappa 1946: The Defences and Cemetery R 37", Ancient India, 3 (1947), p.82.

(7)Possehl, Gregory L. (2002), The Indus Civilization: A Contemporary Perspective, Rowman Altamira, p. 238

(8)Knapp, Stephen, The Aryan Invasion Theory: The Final Nail in its Coffin, www.stephen_knapp.com

# ٻولين وچ ۾ هڪ جهڙائي

جڏهن ٻولي ماهرن 18 ۽ 19 صديءَ ۾ مختلف ٻولين تي تحقيق جي شروعات ڪئي تہ ڪين سنسڪرت ۽ فارسي سميت يورپ جي ڪيترين ئي زبانن ۾ تمام گهڻي هڪ جهڙائي نظر آئي. جنهن مان هنن اندازو لڳايو تہ انهن ٻولين جو بنياد ڪا هڪ ئي ٻولي هوندي. جنهن بعد ٻولي جي ماهرن سنسڪرت سان هڪجهڙائي رکندڙ ٻولين جي گروپ کي انڊو يورپين ٻولين جو ڪٽنب قرار ڏنو. ٻولين جا گروپ جوڙڻ جو خيال ڪيئن آيو؟ جڏهن 16 صديءَ ۾ ڪجهہ يورپي سياح برصغير ۾ آيا تہ هنن انڊيا جي زبانن ۽ يورپي ۽ ايراني زبانن ۾ ڪيترائي هڪ جهڙا لفظ ڏٺا. عيسوي پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ پورچوگيزن, ڊچن, فرينچن ۽ انگريزن, هڪ ٻئي جي پٺيان, واپار سانگي هندستان ۾ اچي ڪوٺيون قائم ڪيون, تہ هنن سنسڪرت سميت هتان جي ٻين مقامي زبانن جو مطالعو ڪيو. هنن ڏٺو تہ سنسڪرت ۾ گهڻا ئي اهڙا لفظ موجود آهن, جيڪي ساڳيا ڪيترين ئي يورپي ٻولين ۽ پارسيءَ ۾ آهن. مثلاً سنسڪرت "ماتر" (ماتا, ماءُ) ۽ "پراتر" (پيءُ) جا اُچار پارسيءَ ۾ "مادر" ۽ "برادر" ۽ انگريزيءَ ۾ "مدر (Mother)" ۽ "برڊر (Brother)" آهن. اهڙا ٻيا ڪيئن ساڳيا لفظ ڏسي حيران ٿيا; پر سمجهي نہ سگهيا, تہ اهي لفظ يورپ, ايران ۽ هندستان ۾ ڪيئن عام ٿيا. (1) 1583ع ۾ انڊيا ۾ آيل هڪ مسيحي پادري ۽ محقق ٿامس اسٽيفن انڊيا ۽ يورپ جي زبانن ۾ ان هڪ جهڙائي کي محسوس ڪندي, گوا مان پنهنجي پيءُ کي خط رستي اطلاع ڏنو تہ انڊيا جون زبانون يوناني ۽ لاطيني زبانن سان هڪ جهڙائي رکن ٿيون. جنهن بعد فلورينس جي هڪ واپاري فيلپو ساسيٽي بہ 1585ع ۾ لاطيني زبان ۽ انڊيا جي ٻولين ۾ هڪ جهڙائي جو انڪشاف ڪيو. ان وقت سندن ان دعويٰ کي سنجيدگيءَ سان نہ ورتو ويو. (2) ان بعد هڪ ڊچ ٻولي ماهر مارڪوس زيورس وين باڪسهورن (Marcus Zuerius van Boxhorn) ايشيا ۽ يورپي ملڪن جي ٻولين وچ ۾ هڪ جهڙائي کي محسوس ڪندي اهو نتيجو ڪڍيو تہ اهي سڀ ٻوليون ڪنهن هڪ قديم زبان جو اولاد هونديون. ان قديم زبان کي هن يورپي لوڪن جي زبان سيٿين (Scythian) قرار ڏنو. اهڙي طرح مختلف يورپي ٻولي ماهر مختلف ٻولين ۾ موجود هڪجهڙائي تي مختلف قسم جا نظريا پيش ڪندا رهيا. سن 1783ع ۾ سر وليم جونس (1746-1794ع) بنگال جو چيف جسٽس مقرر ٿي آيو تنهن سنسڪرت جو اونهو ابياس ڪري ظاهر ڪيو تہ سنسڪرت, ايراني ۽ ڪيترين ئي يورپي ٻولين ساڳئي بنياد مان آهن, تنهنڪري ڪيترا لفظ ساڳيا اٿن ۽ نحوي بناوت بہ ڪيتري قدر هڪجهڙي اٿن. (3) سر وليم جونس (Sir William Jones) 1786ع ۾ ايشيائٽڪ سوسائٽي آف بينگال جي گڏجاڻي ۾ ليڪچر ڏيندي

سنسڪرت، لاطيني ۽ يوناني ٻولين ۾ هڪ جهڙائي بابت اها راءِ ڏني ته انهن ٻولين جو بڻ بڻياد ڪا هڪ ٺي ٻولي آهي. سنڌس ان بيان تائين انڊويورپين ٻولين جي خاندان بابت اجا سوڌو ڪا حتمي راءِ نه جوڙي وئي هئي ۽ نه وري اهڙو ٻولي خاندان بابت ڪو باضابطا اعلان ڪيو ويو هو. برطانوي ٻولي ماهر ٿامس ينگ( Thomas Young) پهريون ماڻهو هو جنهن 1813ع ۾ پهريون ڀيرو انڊو يورپين ٻولين جو ٽرم استعمال ڪيو. هن اولهه يورپ کان اتر انڊيا تائين انڊو يورپين ٻولين جي جاگرافيائي ايراضي ظاهر ڪئي. (4) ساڳي طرح ٻين ٻولين ۾ به هڪجهڙائي جي بنياد تي سنڌن لينگويج فيملي گروپ جوڙيا ويا.




جن ۾ سينو- تبتين، نائيجر- ڪانگو، آسترونيشين، ايٽلانٽڪ-ڪانگو، ايفروشيٽڪ ۽ ٻيا گروپ شامل آهن. انهن گروپن جا وري ننڍا ننڍا گروپ به جوڙيا ويا، جيئن انڊو يورپين ٻولين جي گروپ جا سب گروپ انڊو ايرانين ۽ انڊو آرين جي نالي سان جوڙيا ويا. يورپي ماهرن انڊيا ۽ يورپ جي ٻولين وچ ۾ هڪجهڙائي جي بنياد تي اهو مفروضو قائم ڪيو ته انهن زبانن جو بڻ بڻياد يورپ ۾ موجود هو. جتان اهي زبانون ماڻهن جي لڏپلاڻ يا حملن سبب انڊيا ۽ ايران سميت ٻين ملڪن ۾ پهتيون. يعني انڊويورپين ٻولين جي ماءُ ٻولي ڪا يورپي خطي جي زبان هئي. ان مفروضي جي بنياد تي ٻولين جا گروپ قائم ڪري ٻولين جي فيملي ٽري جوڙيو ويو.

انڊويورپي ٻولين جي انڊو آرين گروپ ۾ اهي ٻوليون شامل ڪيون ويون، جيڪي اڪثر برصغير ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. انهن ٻولين کي قديم سنسڪرت جون شاخون قرار ڏئي، وري ٽن وڏيڪ شاخن ۾ ورهايو ويو. جن ۾ هڪ اولهه واري شاخ سورشيني (Shaurasene) ۾ سنڌي، هندي، پنجابي، گجراتي، راجستاني ۽ نيپالي کي شامل ڪيو ويو. جڏهن ته ٻي ڏکڻ واري شاخ مهاراشتري (Maharashtri) ۾ سنهالي، ميراٺي، مالديوي ۽ ڪونڪاني کي شامل ڪيو. جڏهن ته اوڀر واري شاخ (Magadhi) ۾ آسامي، بنگالي، بهاري، ڀوجپوري وغيره کي شامل ڪيو ويو.

جڏهن ته انڊيا جي خطي ۾ ڳالهائجندڙ ٻين ٻولين خاص ڪري دراوڙي ٻولين کي الڳ گروپ جو نالو ڏنو ويو. دراوڙي ٻولين واري **خاندان** ۾ عام طور ڏکڻ هندستان جون ٻوليون شامل ڪيون ويون. **جن** ۾ ڪنڙ، **تامل**، تيلگو ۽ ملايالم ۽ **بلوچستان** جي قلات واري علائقي ۾ ڳالهائجندڙ

براهوي ٻولي کي شامل ڪيو ويو. يورپي محققن جي انڊو يورپين ٻولين جي خاندان سميت انڊو آرين ٻولين جي گروپ بندي سان انڊيا سميت دنيا جا ڪيترائي ٻولي ماهر متفق نه آهن.

يورپي ماهرن طرفان انڊو يورپين ٻولين جو بڻ بڻياد يورپ جي ڪنهن هڪ ٻولي کي قرار ڏيڻ واري مفروضي جي برصغير سميت مختلف ملڪن جي ٻولي ماهرن سخت مخالفت ڪئي ۽ ان جي رد ۾ دليل ڏئي ثابت ڪيو ته ٻولين وچ ۾ هڪ جهڙائي جو بنياد ڪا هڪ ٻولي نه هئي، پر قديم دور ۾ مختلف خطن جي ماڻهن طرفان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ لڏپلاڻ ڪري رهائش اختيار ڪرڻ سبب ٻولين وچ ۾ هڪ جهڙائي پئدا ٿي. يورپي ٻولين کي مڙني ٻولين جو بڻياد قرار ڏيڻ واري مفروضي جي مخالفت ڪندڙ ماهرن موجب آخري برفاني دور 20 هزار ق م کان 16 هزار ق م تائين انساني زندگي سخت سردي سبب پنهنجن پنهنجن خطن تائين محدود يعني قيد ٿي رهجي وئي. برصغير، ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ آفريڪا مان انسان جي دنيا جي ٻين خطن ڏانهن لڏپلاڻ رڪجي وئي. سخت ٿڌ سبب وڏي پئماني تي ماڻهن جو موت واقع ٿيو ۽ ڪجهه ماڻهن جابلو علائقن ۾ غارن اندر پناهه وٺڻ تي مجبور ٿيا. ان برفاني دور سبب ايشيا ۽ يورپ جا ڪيترائي علائقا انساني آبادين کان خالي ٿي ويا. جڏهن 16 هزار ق م کان 14 هزار ق م جي وچ ۾ موسم ڪجهه بهتر ٿيڻ لڳي ته انساني زندگي لاءِ موافق حالتون پئدا ٿيون ۽ انساني آبادي ۾ ٻيهر واڌ ٿيڻ لڳي. ان ئي دور ۾ برصغير ۾ نه فقط انساني آبادي ۾ واڌ ٿي پر ماڻهن پنهنجي گذر سفر لاءِ نوان گس ڳولڻ شروع ڪيا. ماڻهو پنهنجي جياپي لاءِ پوکي راهي ۽ شڪار طرف ڌيان ڏيڻ لڳا. اهڙي طرح ماڻهن نه فقط جانورن جو شڪار ڪيو پر انهن کي زنده پڪڙي ڌارڻ شروع ڪيو جيئن اڳتي هلي سندن کاڌي خوراڪ جون ضرورتون پوريون ٿي سگهن. ان ئي دور ۾ برصغير ۾ ماڻهن ڳائو مال، رڍون ۽ ٻڪريون ڌارڻ شروع ڪيون. آخري برفاني دور جي پڄاڻي بعد آبادي ۾ بي انتها واڌ کان پوءِ برصغير مان ماڻهن جي ٻين خطن طرف لڏپلاڻ شروع ٿي. برصغير مان ان دور ۾ ماڻهن جي ٻين خطن طرف لڏپلاڻ جا ثبوت ڊي اين اي تحقيق ذريعي ثابت ٿيا آهن. ڊي اين اي تحقيق ذريعي اها ثابتي ملي آهي ته هن خطي مان ماڻهن جي لڏپلاڻ ڏاکڻي روٽ گجرات ريجن ذريعي ٿي ۽ هو اناطوليا (موجوده ترڪي) پهتا. جنهن بعد يورپ طرف لڏپلاڻ ڪئي. برصغير مان يورپ طرف لڏپلاڻ ڪري ويندڙ ماڻهن نه فقط اتي پوکي راهي کي متعارف ڪرايو پر پنهنجي ٻولي جا به اثر ڇڏيا. (5) يورپي ٻولين ۽ برصغير جي ٻولين ۾ ويجهڙائپ جو سبب آريا نسل جي ماڻهن جو حملو نه پر هتان يورپ طرف ٿيل اها لڏپلاڻ ئي هئي.

يورپي محققن طرفان انڊو يورپين ٻولين جي خاندان سميت انڊو آرين ٻولين جي گروپ بندي وارو تصور يورپ مان سنڌو ماٿري (انڊيا) تي حملي يا بعد ۾ سندن چوڻ مطابق لڏپلاڻ تي قائم ڪيو ويو. جنهن کي بعد ۾ انڊيا سميت خود يورپ جي ئي ڪيئي ماهرن رد ڪري ڇڏيو. آمريڪا جي اوڪلوهوما اسٽيٽ يونورسٽي جي پروفيسر سڀاش ڪاڪ انڊيا (سنڌو ماٿري) تي آريائي حملي واري ٿيوري کي رد ڪندي چيو آهي ته نئين ڪوجنائن ذريعي 4 کان 5 هزار سال اڳ آرين جي هن

ديس تي حملي واري ٿيوري رد ٿي چڪي آهي. يونيورسٽي آف ويسٽ فلوريڊا جي پروفيسر ڊاڪٽر مدن لال گوئيل جو چوڻ آهي تہ جديد تحقيق موجب انڊيا مان ئي ماڻهن جي يورپ، جاپان ۽ چين طرف لڏپلاڻ ٿي. ان ڪري هن خطي جي ٻولين يورپ جي ٻولين تي پنهنجا اثر ڇڏيا. هن جو چوڻ آهي تہ تازي تحقيق ان ڳالهہ کي رد نہ ٿي ڪري تہ انڊيا جي ماڻهن جا يورپ ۽ وچ ايشيا جي انڊو يورپين ماڻهن سان لاڳاپا قائم هئا. انڊيا کان ميڊيٽرين سمنڊ (بحر روم) تائين هڪ بيلٽ قائم هيو جنهن جا ماڻهو هڪ ٻئي سان لاڳاپيل زبانون ڳالهائيندا هئا. جن کي انڊويورپين زبانون قرار ڏنو پيو وڃي. ڊاڪٽر مدن لال گوئيل موجب انڊو يورپين زبانن واري خاندان ۾ سنسڪرت سڀ کان وڏيڪ قديم زبان آهي. ان ڪري ان کي انڊو يورپين زبانن جي ماءُ قرار ڏئي سگهجي ٿو. (6)




يورپي ماهرن طرفان انڊيا ۽ يورپين ٻولين وچ ۾ هڪجهڙائي جي بنياد تي جوڙيل انڊو يورپين ٻولين واري تصور کي ان وقت وڏو ڌڪو لڳو جڏهن 1920ع ۾ هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي کوٽاين مان هزارين سال آڳاٽي ترقي يافتہ سنڌو سڀيتا دريافت ٿي. آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي ان وقت جي ڊائريڪٽر جنرل ۽ هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائيندڙ ماهر سر جان مارشل اهو انڪشاف ڪيو تہ جنهن وقت يورپ کان اچي برصغير فتح ڪندڙ آرين اجا سنڌ ۽ پنجاب سميت انڊيا جي ٻين خطن بابت ٻڌو بہ نہ هو ان وقت هتي 5 هزار سال آڳاٽي هڪ ترقي يافتہ شهري تهذيب موجود هئي. جيڪا ڪن حالتن ۾ مصر ۽ عراق جي تهذيبن کان بہ ڪافي سڌريل هئي. (7) (Marshall, 1931: v) موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي دريافت بعد لڳ ڀڳ 2 صديون اڳ يورپ جي سڌريل هجڻ جي دعوي وڃي پٽ پئي.

مائيڪل ڊانينو موجب بينڪي دور ۾ ڪن يورپي ٻولي ماهرن طرفان سنسڪرت ۽ يورپي ٻولين ۾ هڪ جهڙائي کي برصغير تي آريا نسل جي ماڻهن جو حملي سان جوڙڻ جي خود ڪجهہ يورپي ماهرن بہ مخالفت ڪئي. جن ۾ برطانوي آرڪيالاجسٽ ائزڪ ٽائلر (جنم مئي 1829ـ وفات آڪٽوبر 1901ع) بہ شامل هو. ٽائلر ٻولي ۽ نسلي گروپ ۾ هڪجهڙائي کي سختي سان رد ڪيو. جڏهن تہ فرينچ آرڪيالاجسٽ سيلومون رينيچ (جنم آگسٽ 1858ـ وفات نومبر 1932ع) آريائي نسل جي تصور کي ئي رد ڪيو. هن آريائي نسل واري تصور کي رد ڪندي چيو تہ اهو هڪ مفروضو ۽ ان تي ڳالهائڻ بي وقوفي آهي. ساڳي طرح برطانوي بائيولاجسٽ جولين هڪسلي (جنم

جون 1887ع ـ وفات فيبروري 1975ع) بہ حياتياتي بنيادن تي انڊو يورپين ٻولين واري خاندان ۽ آريائي نسل واري تصور وچ ۾ ڳانڍاپي کي رد ڪري ڇڏيو. (8)

انڊيا تي برطانوي بينڪي دور ۾ سنڌن ٺي هڪ آفيسر سر جارج ابراهم گريئرسن (Sir George Abraham Grierson) انڊيا جي ٻولين تي تحقيق ڪري "انڊيا جو ٻولين جو جائزو" (The linguistic Survey of India) نالي ڪتاب تيار ڪيو. برطانوي حڪومت گريئرسن کي 1898ع ۾ انڊيا جي ٻولين بابت سروي وارو ڪاتو قائم ڪري ان جو سپرينٽينڊنٽ مقرر ڪيو. هن ان وقت کان 1928ع تائين انڊيا جي 179 ٻولين جي سروي ڪري ان جا نتيجا 11 جلدن ۾ شايع ڪيا. (9) انڊو آرين ٻولين واري خاندان ۾ سنڌي ٻولي کي بہ شامل ڪيو ويو. گرئرسن جي رپورٽ جو جلد 8 جو پهريون حصو 1919ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ سنڌي ٻولي جي گرامر ۽ ٻين ٻولين سان ڀيٽ بابت جائزو شامل هو. (10) (11) جڏهن تہ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ سنڌي ٻولي بابت خيال پيش ڪيو تہ سنڌي زبان سنسڪرت مان پراڪرت، پالي، اپڀرنش ۽ پوءِ وراچڊ اپڀرنش جي معرفت يارهين صدي عيسويءَ ڌاري هاڻوڪي صورت اختيار ڪئي. (12) ارنيسٽ ٽرمپ جي ان راءِ سان ٻولي جي ماهرن سخت اختلاف ڪيو تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل آهي. (13)

يورپ جا محقق ۽ لساني ماهر جڏهن هندستان آيا تہ هنن پهريان سنسڪرت جو مطالعو ڪيو. بعد ۾ پنهنجي محدود مطالعي جي آڌار تي هتان جي ٻين ٻولين کي سنسڪرت ٻوليءَ جون شاخون ظاهر ڪيو. هنن کي جنهن بہ ٻوليءَ جي سنسڪرت سان ٿوري بہ مشابهت نظر ٿي آئي تہ تڪڙ ۾ اها راءِ پئي قائم ڪئي تہ اها ٻولي پڻ سنسڪرت جي ڌيءَ يا پيڙهي آهي. تامل، تيلگو ۽ ڪناڙي ۾ سنڌي ٻوليءَ جون ڪجهہ خاصيتون ڏسي ڏکو هنيو تہ سنڌي ٻولي انهن ٻولين جي گروپ مان جڙي راس ٿي ۽ اهي دراوڙي ٻوليون آهن. يا وري سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي هڪجهڙائي ڏسي سنڌي زبان کي سنسڪرت ڄائي ٿي سمجهين. پر اصل ۾ ائين ڪونہ هو. ان جو ڪوبہ ثبوت موجود نہ هو. تامل تيلگو ۽ ڪناڙي ٻولين جي وارثن جون تهذيبون ايتريون قديم نہ آهن، سنڌن تهذيبون سنڌو سڀيتا جي ڀيٽ ۾ ٻارڙيون لڳن ٿيون. (14)

سنڌي زبان جي آريائي ٻولي هجڻ واري يورپي مفروضي کي سنڌ جي ٻولي ماهرن ۽ محققن دليلن سان رد ڪيو آهي. سنڌ جي محققن سنڌي کي سنڌو ماٿري جي اصلوڪي زبان قرار ڏنو آهي. سنڌي ٻولي جي ماهرن موجب سنڌي ٻولي جون پاڙون 5 هزار سال آڳاٽي سنڌو ماٿري جي سڀيتا ۾ کتل آهن. موجوده سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد بہ سنڌو سڀيتا جي دور واري اها قديم ٻولي آهي، جيڪا قديم زماني کان هتي رهندڙ ماڻهو ڳالهائيندا هئا. سنڌي محققن انڊو يورپين ۽ انڊو آرين ٻولين جي خاندانن واري ٿيوري کي بہ سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي اها راءِ قائم ڪئي تہ سنڌو ماٿري جي زبان نہ فقط آڳاٽي سنڌي زبان هئي، پر اها هتان ٺي يورپ سميت اوڀر وارن ملڪن ۾ پکڙي،

اولهه ۽ اوڀر وارن ملڪن جي ٻولين تي پروٽو سنڌي ٻولي پنهنجا اثر ڇڏيا. اهي ئي اثر يورپ، ايران ۽ انڊيا جي ٻولين وچ ۾ هڪ جهڙائي جو سبب آهن.(15)

## ميلوها ٻولي (Meluhhan Language)

سنڌو سڀيتا جي وارثن جا پنهنجي تهذيبي عروج واري دور ۾ مصر ۽ عراق جي تهذيبن سان واپاري لاڳاپا موجود هئا. عراق جي قديم ماڳن جي کوٽائي دوران هڪ اهڙي ٻولي جا لفظ مليا آهن، جيڪي ان وقت سنڌو ماٿري مان اينڌڙ واپاري استعمال ڪندا هئا. ان ٻولي جا لفظ دراوڙين ٻولين جي گروپ جا نہ آهن، پر اهي هڪ اهڙي ٻولي جا آهن، جنهن کي عراق جي ميسوپوٽيبن تهذيبن جا شهري ميلوها نالي ٻولي سان سڏيندا هئا. ناميار آرڪيالاجسٽ ۽ انٿروپلاجسٽ گريگوري لوئيس پوشيل جي تحقيق موجب ميسوپٽيبن سان واپار ڪندڙ ميلوهن زبان ڳالهائيندڙ هئا ۽ ميلوهن زبان جي بنياد تي سميرين سندن ملڪ کي ميلوها جو نالو ڏنو. ميلوهن زبان سميرين جي زبان کان الڳ زبان هئي، جنهن ڪري هنن اها زبان ترجمو ڪرائڻ لاءِ ميلوها مان هڪ ترجمو ڪندڙ گهرايو. (16) آسڪو پرپولا موجب ميلوها مان گهرايل ان ترجميڪار جو نالو سوئلسو (Suilisu) هيو. (17) جنهن ٻولي کي سميرين ميلوها زبان جي نالي سان سڃاڻندا هئا، اها زبان اصل ۾ سنڌو ماٿري جي زبان هئي. جنهن کي سنڌ جا ٻولي ماهر سنڌوئن يا پروٽو سنڌي قرار ڏين ٿا. پوشيل موجب ميلوها هڪ فرد جو نالو هيو. ميلوها نالي شخص يا قبيلي جي ٻولي کي سندس ئي نالي پويان ميلوهن زبان سڏيو ويو هوندو. اهو فرد پنهنجي قبيلي جي نالي ميلوها (مهاڻو) پويان سڏيو ويندو هوندو ۽ سندس زبان کي بہ ان ئي نالي سان سان ميلوهن زبان ڪوٺيو ويو. ميلوها نالي قبيلي، برادري يا جاتي جا ماڻهو جيڪي عراق ۽ مصر جي قديم تهذيبن سان واپار ڪندڙ هئا، سي اصل ۾ سنڌو ماٿري جا مهاڻا هئا. جن کي سميرين جي قديم لکتن ۾ ميلوهہ (مهاڻا، ميربحر) سڏيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ مهاڻا سمنڊ رستي پر وارين رياستن سان واپار ڪندڙ هئا. ملاحن کي سنڌي ٻولي ۾ ڪيترن ئي مختلف نالن سان سڏيو ويندو آهي. هو هزارين سالن کان ٻيڙين ذريعي ڏيهہ پرڏيهہ سان واپار ۽ مڇيءَ جي شڪار سان لاڳاپيل رهيا آهن.

سنڌ جو ٻولي ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌو سڀيتا کي هن خطي جي اصلوڪي تهذيب قرار ڏيندي، ان جي زبان کي بہ هتان جي مقامي ۽ اصلوڪي ٻولي "سنڌو زبان" ( Sindhu language) قرار ڏئي ٿو. ڊاڪٽر الانا موجب سنڌو زبان ڪيترين ئي مقامي ٻولين جي شاخن ۾ ورهايل هئي. سنڌو زبان جون اهي ٻوليون انهن خطن ۾ ڳالهايون وينديون هيون، جتي هو رهائش پذير هئا. (18) موجوده سنڌي ٻولي قديم سنڌو زبان جي هڪ شاخ هئي، جيڪا سنڌو ماٿري جي ڏاکڻي حصي ۾ ڳالهائي ويندي هئي. جڏهن تہ سنڌو زبان جي سينٽرل برانچ سنڌو ماٿري جي مرڪزي علائقي (موجوده اوڀر ۽ اولهہ پنجاب) ۾ ڳالهائي ويندي هئي. انڊو آريائي زبانن تي تحقيق ڪندڙ ماهر ڊاڪٽر ڪولن پي ماسيڪا (Dr. Collin P. Masica)، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ

سميت سر گريئرسن جي سنڌي ٻولي سميت سنڌو ماٿري جي ٻين ٻولين جي اصليت بابت ٿيوري سان اتفاق نہ ٿو ڪري. ڊاڪٽر ڪولن پي ماسيڪا شڪاگو يونيورسٽي جي ڏکڻ ايشيا جي تهذيبن ۽ ٻولين تي تحقيق ڪندڙ شعبي جو پرفيسر آهي ۽ ڪيس انڊو آرين ٻولين تي تحقيق ڪندڙ ماهرن ۾ اهم مقام حاصل آهي. سنڌ ۽ انڊيا جي سنڌي محققن ۽ ٻولي ماهرن ڊاڪٽر اين اي بلوچ، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي بہ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ۽ سر گريئرسن جي سنڌي ٻولي جي اصل نسل بابت راءِ سان متفق نہ آهن. سنڌ جي عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي ٻولي کي سنڌو ماٿري جي قديم انڊو آرين پري سنسڪرت زبان قرار ڏنو. جڏهن تہ ڀارت جي سنڌي ٻولي جي ماهر ايم ڪي جيٽلي موجب سنڌي ٻولي ڪنهن پراڻي انڊو آرين ٻولين جي نسل مان آهي. جڏهن تہ سنڌي ٻولي جي ماهر سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻولي کي سنڌو ماٿري جي اصلوڪي زبان قرار ڏنو ۽ سنسڪرت کي سنڌي ٻولي مان ڦٽل ڏيکاري، ان کي سنڌي ٻولي جي ڌيءُ قرار ڏنو آهي. (19)

سنڌي محققن جي راءِ آهي تہ سنڌي سميت سنڌو ماٿري جون ٻيون ٻوليون آرين جي سنڌو ماٿري ۾ اچڻ (نام نهاد حملي) کان اڳ جون ۽ هتان جون مقامي ۽ اصلوڪيون زبانون آهن. اهي ٻوليون قديم سنڌو زبان جون شاخون آهن. (20)

هن وقت دنيا جي ڪيئي ٻولي ماهر، آرڪيالاجسٽ ۽ اينٿروپلاجسٽ ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ سنڌو ماٿري سميت گنگا جمنا ماٿرين ۾ آريا نالي ڪو نسل، قبيلو يا قوم موجود نہ هئي. پر آريا لفظ هارپو ڪندڙ ۽ ٻين ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ سڌريل ۽ سکين ستابن ماڻهن جي لاءِ استعمال ٿيندو هو. آرين جي ڪنهن پرڏيهي حملي آورن يا لڏپلاڻ ڪري ايندڙ ماڻهن بدران مقامي هجڻ واري ٿيوري کي ماهرن ڌرتي ڌڻي آريا ٿيوري (Indigenous Aryans theory) جو نالو ڏنو آهي. جنهن کي آئوٽ آف انڊيا ٿيوري ((Out of India theory (OIT) بہ چيو ويندو آهي. ان آئوٽ آف انڊيا ٿيوري موجب سنڌو ماٿري مان يورپ، سينٽرل ايشيا ۽ ٻين ملڪن طرف لڏپلاڻ ڪري ويل ماڻهن انڊو يورپين ٻولين (Indo_European languages) يا انڊو آرين ٻولين (Indo_ Aryan languages) جو بنياد وڌو. سنڌ ماٿري مان ٻين ملڪن ڏانهن لڏپلاڻ سبب سنڌو سيپتا جي آڳاٽي سنڌي ٻولي (Proto Sindhi Language) يورپي ۽ سينٽرل ايشيائي ٻولين تي نہ فقط پنهنجو اثر ڇڏيو پر انهن ٻولين جو بہ اثر قبول ڪيو. آڳاٽي سنڌو ٻولي جا ڪيئي لفظ يورپين ٻولين ۾ رائج ٿي ويا. ساڳي طرح انهن ٻولين جي لفظن بہ هڪ ٻئي سان رابطن ۽ واپار سبب سنڌو ماٿري سميت موجوده انڊيا جي ٻولين ۾ پنهنجي جاءِ جوڙي ورتي. هن خطي جي ٻولين وچ ۾ هڪجهڙائي جو سبب اهي ئي گڏيل رابطا ۽ واپار هو. جنهن کي بنياد بڻائي يورپين انڊو آرين ٻولين يا انڊو يورپين ٻولين جي گروپ جو نظريو قائم ڪيو پر ان ۾ بہ يورپين وڏي چالاڪي سان پنهنجي مٿيرائپ کي برقرار رکيو ۽ آريائي حملي يا لڏپلاڻ واري ٿيوري ذريعي گهوڙي کي گاڏي پويان جوڙڻ

جي ڪوشش ڪئي. يعني انڊو يورپيين يا انڊو آرين ٻولين جو اصل وطن يعني بنياد سنڌو ماٿري يا برصغير کي قرار ڏيڻ بدران يورپ ۽ سينٽرل ايشيا کي قرار ڏنو. يعني برصغير جون ٻوليون جو اصل وطن سنڌن پنهنجو خطو نه پر يورپ کي قرار ڏنو ويو. آريائي حملي يا لڏپلاڻ واري ٿيوري کي بنياد بنائي اهو مفروضو قائم ڪيو ويو ته سنسڪرت ٻولي برصغير جي مقامي ٻولي نه پر ٻاهران آيل آرين جي ٻولي هئي، جنهن ۾ ويد لکيا ويا ۽ ويدن جا خالق نديءَ ڪنڌ جا باشندا نه پر ٻاهران آيل سينٽرل ايشيائي ۽ يورپي يعني آريا هئا. انڊو آرين يا انڊو يورپيين ٻولين واري ٿيوري مان هن خطي ۾ آرين جي نام نهاد حملي يا لڏپلاڻ کان اڳ موجود هڪ سڌريل سنڌو سڀيتا جي ٻولي کي وڏي چالاڪي ۽ مڪاري سان نيڪالي ڏني وئي. جنهن ان وقت لکت جي صورت به اختيار ڪري ورتي هئي. ان آڳاٽي سنڌو ماٿري جي ٻولي جي لکت جا نمونا آرڪيالاجي ماهرن کي کوٽاين دوران مختلف ماڳن تان هٿ آيا آهن. ويدن جي زبان سنسڪرت به ان آڳاٽي سنڌو ٻولي مان ئي اسري هئي. يورپي ماهرن طرفان انڊو آرين يا انڊو يورپيين ٻولين واري ٿيوري ۾ ته ايئن ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته هن خطي ۾ ان وقت ڪا به سڌريل ٻولي ۽ ان جي لکت موجود نه هئي. ان ٻولي واري خال کي ٻاهران آيل ماڻهن پوري هن خطي جي ماڻهن تي احسان ڪيو. موهن جي دڙي سميت سنڌو سڀيتا جي هزارين ماڳن مان ساڍا 5 هزار سال اڳ ٻولي ۽ لکت جي ثبوت ملڻ بعد يورپي ماهرن جي ان دعويٰ جي پٽ وائکي ٿي وڃي ٿي ۽ سنڌن انڊو آرين يا انڊو يورپيين ٻولين واري ٿيوري جو جوڙيل ڪوٽ ڍهي اچي پٽ پوي ٿو.

سنڌو سڀيتا جي ماڳن مان مليل ٻولي جي لکت جا نمونا ساڍا 5 هزار سال پراڻا آهن. ماهرن طرفان سنڌو لکت کي دنيا جي آڳاٽي 3500 ق م جي لکت قرار ڏنو پيو وڃي. يعني سنڌو سڀيتا جي وارثن ٻولي دنيا جي آڳاٽي ٻولي هئي. جڏهن ته قديم مصر (ايجپٽ) جي ٻولي 2690 ق م، عراق جي سميري ٻولي 2600 ق م، سنسڪرت 2000 ق م، تامل 300 ق م، يوناني 1500 ق م جون ٻوليون آهن. ان ڪري سنڌو ٻولي کي دنيا جي ٻولين جي ماءُ قرار ڏيڻ ۾ ڪو به حرج ناهي. جڏهن نديءَ ڪنڌ ۾ ساڍا 5 هزار سال اڳ هڪ سڌريل ٻولي پنهنجي لپي (Script) سان وجود رکندڙ هئي ته پوءِ هتان جي ٻولين جو بڻ بنياد وچ ايشيائي يا يورپي ٻولين کي ڪيئن ٿو قرار ڏئي سگهجي. يا انڊو آريائي ٻولين جو اصل وطن برصغير کي ٻاهر هجڻ جي دعويٰ کي ڪيئن ٿو سچو ثابت ڪري سگهجي.

حوالا:

(1) پيرو مل، مهرچند آڏواڻي، قديم سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2004ع

(2) Auroux, Sylvain (2000). History of the Language Sciences. Berlin, New York: Walter de Gruyter. p. 1156.

(3) پيرو مل، مهرچند آڏواڻي، قديم سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2004

(4) Robinson, Andrew (2007). The Last Man Who Knew Everything: Thomas Young, the Anonymous Genius who Proved Newton Wrong and Deciphered the Rosetta Stone, among Other Surprising Feats. Penguin. ISBN 978-0-13-134304-7.

(5) Priyadarshi, P., Evidence of Indo-European origins from the Early Holocene pollen studies, linguistics and climatology, Dialogue, July-Sept 2013, Vol 15, No. 1.

https://aryaninvasionmyth.wordpress.com/page/2/

(6) Goel, Madan Lal, THE MYTH OF ARYAN INVASIONS OF INDIA, www.uwf.edu/lgoel

(7) Danino, Michel, Aryans and the Indus Civilization: Archaeological, Skeletal and Molecular Evidence, Book: A Companion to South Asia in the Past, Pp.206, April, 2016.

(8) Danino, Michel, Aryans and the Indus Civilization: Archaeological, Skeletal and Molecular Evidence, Book: A Companion to South Asia in the Past, Pp.205-224, April, 2016. (https://www.researchgate.net/publication/301336677_Aryans_and_the_Indus_Civilization_Archaeological_Skeletal_and_Molecular_Evidence)

(9) Grierson, George Abraham, Linguistic Survey of India, 11 Vols. In 19 Parts. Delhi, Low Price Publ. (2005)

(10) Grierson, George Abraham, Linguistic Survey of India, volume: VIII Indo-Aryan Languages, North-Western Group, Part I Sindhi & Lahnda

(11) Pirzado, Anwar, Sindhi Language and Literature, Sindhi Language Authority, Hyderabad, ISBN: 978_969_9098_14_7
(12) Mukherjee, Sibasis, Sindhi language and its history, https://www.academia.edu/800843/Sindhi_language_and_its_history
(13) http://encyclopediasindhiana.org/article.php?Dflt=%D8%A7%D8%B1%D9%86%D9%8A%D8%B3%D9%BD%20%D9%BD%D8%B1%D9%85%D9%BE
(14) رڪ سنڌي سنڌو سڀيتا جي وسر.
(15) http://encyclopediasindhiana.org/article.php?Dflt=%D8%B3%D9%86%DA%8C%D9%8A%20%D9%BB%D9%88%D9%84%D9%8A
(16) Possehl, Gregory L., 1996. Meluhha. Reade, Julian (ed.), The Indian Ocean in antiquity. London: Kegan Paul International in association with the British Museum.
(17) Parpola, Asko (1994), Deciphering the Indus script, Cambridge University Press,
(18) Allana, G.A, (2002) Origin and growth of Sindhi language, p: 301, nstitute of Sindhology. Jamshoro
(19) رڪ سنڌي سنڌو سڀيتا جي اوسر
(20) Allana, G.A, Linguistic and Cultural Study of Brahui Language, Pp: 42_50, BRAHUI LANGUAGE Past, Present and Future, Edited by: Sikander Brohi, Brahui Academy, Pakistan, Quetta, 2018

# آريائي حملي، لڏپلاڻ وارو مفروضو، هڪ سازش

دنيا جي وڏي جاگرافيائي ايراضي تي قبضو ڪندڙ انگريز انتهائي چالاڪ، مڪار ۽ پنهنجي مفادن جي تحفظ خاطر مستقبل لاءِ ڏگهي رٿابندي ڪندڙ قوم هئي. هنن دنيا جي وڏي آبادي کي هٿيارن بدران عقل، ڏاهپ ۽ مڪاري سان پنهنجي بينڪيت بڻايو. جنهن وقت هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي کوٽائي بعد سنڌو سڀيتا دنيا آڏو نروار ٿي، ان وقت يعني 1922ع ۾ برطانوي انگريز سڄي برصغير، آسٽريليا، نيوزيلينڊ، ڏکڻ آفريقا، مصر، آئرلينڊ، ڪئناڊا سميت ٻين



An Englishman getting a pedicure from his Indian servants.

ملڪن تي قابض هيا. سندن پيٽ ۾ بينڪي رياستن جا حڪمران، مذهبي پيشوا ۽ عوام انتهائي سادو، هر ڳالهه تي بنا ڪنهن سوچ جي ويساهه ۽ بنا جاچ جوچ جي اعتبار ڪندڙ هيو. انگريزن برصغير سميت جن بہ رياستن تي قبضو ڪيو اتان جي عوام ۾ موجود مذهبي، طبقاتي ۽ برادري تڪرارن ۽ تضادن جو گهرو مطالعو ڪري، انهن تضادن ۽ تڪرارن کي پنهنجي بينڪي مفادن لاءِ استعمال ڪيو ۽ اهڙا نظريا ۽ تصور ايجاد ڪيا، جيئن انهن تضادن کي وڌيڪ گهرو ڪري ٽڪراءَ جي شڪل ۾ آڻي سگهجي، جيئن سندن بينڪي مفاد سلامت رهن. انگريزن انتهائي چالاڪي ۽ مڪاري سان برصغير ۾ بہ انهن تضادن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ لاءِ هٿ ٺوڪيا نظريا گهڙيا ۽ انهن جي ايڏي تہ تشهير ڪئي، جو هتان جا اصل رهواسي سندن سامراجي ۽ بينڪي نظرين جا سندن کان وڌيڪ وڪيل ۽ حامي بڻجي ويا. اهوئي سبب هيو جو انگريز دنيا جي هڪ ننڍڙي اقليت هوندي، وڏي اڪثريت تي صدين تائين حڪمراني ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. هنن مقامي ماڻهن کي نہ فقط سياسي پر نظرياتي طور بہ غلام بڻائي ورتو. هنن دنيا جي اڌ آبادي کي غلام بڻائڻ لاءِ ڪنهن هٿيار ۽ طاقت جو سهارو نہ ورتو پر پنهنجي علم، هنر، سائنس ۽ مذهبي بنيادن تي ڪوڙي پرچار ذريعي ڪين ذهني طور غلام بڻائي ورتو.اڄ تائين ڪيترائي ملڪ ۽ قومون انگريزن جي سياسي غلامي مان آزادي ماڻڻ باوجود ذهني طور سندن غلامي ۾ مبتلا آهن.

اسان کي سنڌ ۽ هند جي تاريخ بابت انگريزن جي گهڙيل ٿيورين کي بہ ان پسمنظر ۾ ڏسڻ گهرجي. برطانوي تاريخدانن ۽ آرڪيالاجي جي ماهرن هڪ گهري سازش ۽ حڪمت عملي هيٺ برصغير تي آرين جي حملي جو تصور آڏو آندو. جيئن هن خطي ۾ سندن بينڪي مفاد سلامت رهي سگهن. سندن ان ٿيوري جو ڪيتو اج تائين برصغير سنڌ هند جا ماڻهو پوڳي رهيا آهن. اڄ بہ برصغير جا ماڻهو انگريزن جي ان سازشي ۽ ڪوڙي ٿيوري ۾ يقين رکن ٿا. اڄ بہ پاڪستان ۽ انڊيا جي اسڪولن ۾ برطانوي سامراج جي ان سازشي ٿيوري کي پڙهايو وڃي ٿو. اسان جا ڪيترائي محقق اڄ بہ انگريزن جي قائم ڪيل بي بنياد ۽ ٺڳي ۽ مڪاري تي ٻڌل انهن ٿيورين ۾ نہ فقط يقين رکن ٿا پر پنهنجي تحقيق دوران انهن کي بنياد بڻائي دليل طور استعمال ڪن ٿا.

آرين جي حملي واري بي بنياد ٿيوري اڄ بہ برصغير جي ماڻهن وچ ۾ سياسي، ثقافتي ۽ ٻولي جي بنياد تي تضادن جو سبب بڻيل آهي. ان ئي ٿيوري جي بنياد تي انگريزن اتر ۽ ڏکڻ هندستان جي ماڻهن وچ ۾ دراوڙ ۽ آريا جي نسلي بنيادن تي تضاد کي هٿي ڏني ۽ کين هڪ ٻئي جي سامهون آڻي بيهاريو. هنن وڏي چالاڪي ۽ مڪاري سان ڏکڻ هندستان جي رهواسين کي برصغير جو اصل وارث دراوڙ قرار ڏنو ۽ اتر هندستان جي ماڻهن کي آرين نسل جو قرار ڏئي، کين ٻاهران يعني يورپ کان آيل حملي آور قرار ڏنو. ساڳي طرح هتان جي قديم اصلوڪي هندو مذهب کي بہ ٻاهران درآمد ڪيل يورپ جو مذهب قرار ڏنو. اهڙي طرح انگريزن سنڌو ۽ سرسوتي ندين جي ڪنارن تي سرجيل ويدن کي بہ يورپين تخليق جو درجو ڏئي ڇڏيو.




## آريائي حملي واري ٿيوري گهڙڻ جو جواز

انگريزن 19 صدي ۾ جن بہ ملڪن تي قبضو ڪيو انهن ۾ پنهنجي ناجائز قبضي کي برقرار رکڻ لاءِ ”ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو“ واري پاليسي تي عمل ڪيو. مفتوح علائقن جي ماڻهن کي پاڻ

۾ ويڙهائڻ خاطر ڪٿي مذهب جو سهارو ورتو ويو تہ ڪٿي وري نسل پرستي ڪي بنياد بنائي عوام منجهہ نفرتون پيدا ڪيون ويون. برصغير ۾ بہ انگريزن ساڳي پاليسي تي عمل ڪندي، هڪ طرف ڏکڻ ۽ اتر هندستان جي ماڻهن کي آريا ۽ دراوڙ بنياد تي ورهائڻ ۽ ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ٻئي طرف هندو مسلم ۽ هندو سک جي بنياد تي عوام منجهہ نفرت جون ديوارون ڪڙيون ڪيون. جنهن جو اڳتي هلي نتيجو ننڍي کنڊ جي ورهاست جي صورت ۾ اڳيان آيو.

يورپي ماهرن، برطانوي حڪمرانن ۽ مسيحي مذهبي پيشوائن گڏجي برصغير جي تهذيب جون پاڙون اکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي. ان مقصد لاءِ هنن آريا نسل جي حملي واري ٿيوري گهڙي پارت جي سماجي تاجي پيٽي کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن ”ورهايو ۽ حڪومت ڪريو“ ۽ ”ورهايو ۽ مذهب تبديل ڪريو“ واري حڪمت عملي تي ڪم ڪيو. برطانوي حڪمران قبضي هيٺ آيل ملڪ هندستان جي ثقافت تبديل ڪرڻ واري حڪمت عملي تي ڪم ڪري رهيا هئا. ان سازش جو مقصد هن ملڪ جي معيشت تي قبضو ڪرڻ ۽ پنهنجو مذهب عيسائيت کي ڦهلائڻ جي ڪوشش هئي. اهوئي سبب آهي جو انگريزن جن بہ ملڪن تي قبضو ڪيو، اتي پنهنجي مذهب عيسائيت جو ڦهلاءُ ڪرڻ لاءِ سڀ حربا استعمال ڪيا. اهوئي سبب آهي جو سندن قبضي هيٺ رهندڙ ملڪ ڪينيا ۾ هن وقت عيسائي مذهب جي پوئلڳن جو 90 سيڪڙو يوگنڊا ۾ 82 سيڪڙو، ڏکڻ آفريقا ۾ 75 سيڪڙو ۽ فلپائين ۾ 90 سيڪڙو انگ موجود آهي. انگريزن پنهنجي قبضي هيٺ آيل ملڪ روانڊا ۾ بہ نسلي بنيادن تي سازشي ٿيوريون متعارف ڪرائي، اتان جي هوتو ۽ ٽوتسي قبيلن ۾ دشمني جا بنياد قائم ڪري ڇڏيا. جنهن سبب ٻنهي قبيلن ۾ برطانوي حڪمرانن جي ٻاريل نفرت واري باهہ لکين ماڻهو موت جي منهن ۾ ڏئي ڇڏيا. خود 1947ع ۾ برصغير جو مذهب جي بنياد تي ورهاڱو ڪرائي لکين ماڻهن کي پنهنجا اباڻا وطن ڇڏڻ، هڪ ٻئي جو ڪوس ڪرڻ سميت هميشہ لاءِ هڪ ٻئي جي جان جو دشمن بڻائي ڇڏيو. اڄ بہ هن خطي جا ماڻهو انگريزن جي سازشي ٿيوري سبب جنگ ۽ ڇڪتاڻ جو شڪار آهن.

# آريائي نسل پرستي واري ٿيوري بابت رٿابندي

برطانيہ جي ايسٽ انڊيا ڪمپني 1757ع ۾ پلاسي جي جنگ ۾ نواب آف بينگال سراج الدولہ کي شڪست ڏئي ڀارت تي پنهنجي قبضي جي شروعات ڪئي. ڀارت تي مرحلي وار قبضي بعد نئين ڪنڊ جي تاريخ، مذهبن، ثقافتن، ٻولين ۽ ماڻهن جي نفسيات تي تحقيق لاءِ 11 آگسٽ 1824ع تي لنڊن ۾ رائل ايشياٽڪ سوسائٽي (The Royal Asiatic Society) جو بنياد وڌو ويو. (1)(2) ان سوسائٽي جي تحقيق جو مقصد هندستان تي پنهنجي قبضي کي برقرار رکڻ لاءِ رٿابندي ڪرڻ هيو. هن سوسائٽي طرفان هندستان بابت تحقيق لاءِ يورپي ماهرن جي هڪ ٽيم مقرر ڪئي وئي. جن هن خطي جي تاريخ، هتان جي ماڻهن منجهہ ٻولي، تهذيب، ثقافت ۽ مذهبي تضادن بابت تحقيق ڪري ڪيترائي ڪتاب ۽ رسالا ڇپايا ۽ هندستان جي مذهبي ۽ ثقافتي ڪتابن جا انگريزي ۾ ترجما ڪري شايع ڪرايا. ان سوسائٽي هندستان جي ٻولين بابت بہ تحقيق ڪئي. (3) هن سوسائٽي سان لاڳاپيل يورپي ماهرن سنسڪرت زبان جو بہ انڊو منڊو مطالعو ڪرڻ بعد اهو نتيجو ڪڍيو تہ سنسڪرت ۽ يورپي ٻولين ۾ ڪجهہ هڪجهڙائي موجود آهي. جنهن ڪري هندستاني ٻولين جو بنياد ضرور يورپ جون زبانون رهيون هونديون ۽ قديم زماني ۾ هندستاني ٻولين جو اصل وطن يورپ رهيو هوندو. يورپ مان ئي اهي ٻوليون سفر ڪري هندستان پهتيون هونديون. يورپي ماهرن سنسڪرت ۽ يورپي ٻولين ۾ ڪجهہ قدر هڪجهڙائي کي بنياد بنائي اهو مفروضو قائم ڪيو تہ قديم زماني ۾ يورپ جي ماڻهن هندستان تي قبضو ڪري اتي پنهنجون بيٺڪون قائم ڪيو هونديون. يورپ جا اهي ماڻهو ڪير هئا، جن قديم زماني ۾ برصغير تي حملو ڪري ان کي پنهنجي قبضي هيٺ آندو. ان سوال جي جواب خاطر هنن 1500 ق م ۾ هندستان تي يورپي نسل جي آرين جي حملي جو بي بنياد مفروضو گهڙي ورتو.

## لنڊن ۾ ڳجهي گڏجاڻي

سنڌو ماٿري تي آرين جي حملي واري ٿيوري جو بنياد لنڊن ۾ وڌو ويو. 10 اپريل 1866ع ۾ رائل ايشياٽڪ سوسائٽي لنڊن جي آفيس ۾ هڪ ڳجهي گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ ڀارت تي قبضي جو جواز گهڙڻ ۽ هتان جي ماڻهن کي ذهني طور غلام رکڻ لاءِ مختلف ٿيورين تي بحث مباحثو

ڪيو ويو. ان گڏجاڻي ۾ ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو ويو تہ ڀارت تي پنهنجو قبضو برقرار رکڻ لاءِ اهڙا جواز گهڙيا وڃن ۽ انهن کي عام ڪيو وڃي، جيئن ڀارت جا ماڻهو مسيحي قبضي کي ڪليل دل سان قبول ڪن ۽ انگريزن يعني يورپين کي ڌاريا تصور نہ ڪن. 10 اپريل 1866ع ۾ ان ئي گڏجاڻي ۾ ڀهريون ڀيرو ڀارت تي يورپين آريا نسل جي قبضي جو بي بنياد مفروضو قائم ڪيو ويو ۽ ان ڪوڙ کي ايترو تہ ڦهلايو ويو جو خود ڀارت جا ماڻهو بہ ان کي سچ سمجهڻ لڳا.

ناميار محقق ۽ تاريخدان ڏين چندورا ڀهريون ڀيرو يورپ جي ان سازشي ٿيوري تان پردو ڪڻندي لکيو آهي تہ (4) آرين جي حملي واري ٿيوري برصغير بابت تحقيق متعلق غلط بياني ڪرڻ نہ هيو، پر اها هڪ سازش هئي. يورپي ماهرن شعوري طور تي اها ٿيوري گهڙي عام ڪئي. اها ٿيوري گهڙڻ لاءِ لنڊن جي ايشياٽڪ سوسائٽي ۾ 10 اپريل 1866ع تي هڪ ڳجهي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ ڀارت تي آرين جي حملي واري ٿيوري جو بنياد وڌو ويو. (5) ان ٿيوري قائم ڪرڻ جو مقصد اهو هيو تہ هندستاني ماڻهن کي اهو باور ڪرائجي تہ ڪجهہ صديون اڳ بہ يورپي نسل جي آرين هندستان تي قبضو ڪيو هو ۽ ڀارت جا موجوده ماڻهو ان يورپي نسل يعني آرين جو اولاد آهن. سنڌن هندو مذهب ۽ سنسڪرت ٻولي بہ يورپي نسل جي آرين جو مذهب ۽ ٻولي آهي. ان ڪري هو هاڻي بہ انگريزن کي ڌاريا حڪمران تصور نہ ڪن. ان ڪري آرين جي حملي واري ٿيوري کي ٻيا ڪي بہ تاريخي ۽ تهذيبي بنياد نہ هيا، پر اها ٿيوري خالص سياسي سازش هئي. جيئن انگريز هندستان تي پنهنجو ناجائز قبضو برقرار رکي سگهن. (6)

حوالا:

(1) Noehden, G.H. (1824). "Report of the Proceedings of the Asiatic Society of Great Britain and Ireland, at Its First General Meeting, on the 15th of March, 1823". Transactions of the Royal Asiatic Society of Great Britain and Ireland.
(2) https://royalasiaticsociety.org/
(3) http://www.asiaticsocietykolkata.org/history
(4) Chandora, Deen, Distorted Historical Events and Discredited Hindu Chronology, Revisiting Indus_Sarasvati Age and Ancient India, (p. 383)
(5) Danino, Michel, The Invasion That Never Was, The Mother's Institute of Research, Delhi, & Mira Aditi, Mysore, 1996; 2nd edn, revised and enlarged, 2000 (co_author)
(6) Knapp, Stephen, Crimes Against India: and the Need to Protect its Ancient Vedic, New York, 2009, P.136, https://books.google.com.pk/

# آرين جي اصل وطن بابت ماهرن ۾ اختلاف

سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي نام نهاد آرين جي حملي واري بي بنياد ٿيوري گهڙيندڙ يورپي ۽ جرمن ماهرن ۾ ان ڳالهہ تي بہ اختلاف موجود آهن تہ آرين جو اصل وطن ڪهڙو هو. ڇاڪاڻ تہ آرين جي حملي وارو تصور ئي ڪوڙ تي ٻڌل هو جنهن ڪري هر ماهر ان ڪوڙ کي بنياد فراهم ڪرڻ لاءِ ٻئي ڪوڙ جو سهارو ورتو. جرمن ماهر ميڪس مولر (Max Muller) آرين کي وچ ايشيا جو قرار ڏئي ٿو. ميڪس مولر 1853ع ڌاري "آريا" لفظ کي يورپ ۾ هڪ اعليٰ نسل طور متعارف ڪرايو. هن پهريان انڊو آرين ٻولين جي گروپ وارو تصور بہ گهڙيو. ميڪس مولر اڳتي هلي 1888ع ۾ آريا نسل واري موقف تان پوئتي هٽي ويو. هن پنهنجي اڳ ڏنل نظرئي کي رد ڪندي اهو موقف اختيار ڪيو تہ هن آرين کي هڪ نسل قرار نہ ڏنو هو پر انهن ماڻهن کي آريا قرار ڏنو جيڪي آريائي ٻوليون ڳالهائيندڙ هيا. پاڻ 1888ع ۾ ڇپيل پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ مان هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا اها ڳالهہ واضح ڪيان ٿو تہ مون جيڪو آريا لفظ استعمال ڪيو آهي. ان جو مطلب ڪو الڳ نسل نہ پر انهن ماڻهن جو گروهہ آهي. جيڪي ساڳيون ٻوليون ڳالهائيندڙ آهن.(1) ميڪس مولر ۽ ڊاڪٽر ٿاپر سمجهن ٿا تہ آرين جو اصل وطن اروسيا ريجن جي اليپس جي اوير ۾ هيو. جڏهن تہ جرمن ماهر اينڊرياس نيهرنگ (Andreas Nehring) آرين کی ڏکڻ روس جو رهواسي قرار ڏنو. (2) (3) آسٽرين ٻولي ماهر جيولس پوڪورني (Julius Pokorny) (جنم 12 جون 1887ع. وفات 8 اپريل 1970ع) آرين جو اصل وطن روس کي ڄاڻائي ٿو. (4) جيولس پوڪورني آئرش قومپرستي جي حامي هيو. هن جرمني يونيورسٽين ۾ پروفيسر جي حيثيت سان ذميواريون ادا ڪيون. جنهن ڪري هو آئرش قومپرستي سميت جرمن نسل پرستي جي اثر هيٺ رهيو. پاڻ پهرين عالمي جنگ ۾ آسٽرين فوج جو بہ حصو رهيو. جيولس پوڪورني موجب سنڌو ماٿري تي حملو ڪندڙ آريا روس کان آيا هئا. جيولس پوڪورني ئي آڳاٽين انڊو يورپين ٻولين جو شجرو بہ گهڙيو. جنهن موجب ڏکڻ ايشيا جون ڪيتريون ئي ٻوليون انڊو يورپين ٻولين جي حسب نسب مان آهن.(5) ٻئي طرف برانڊسٽين (Brandstein) آرين کي ڪرغز اسٽيپي (Kirghiz Steppe) ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. (6) نازي ماهر آرين جو نسل جرمن قرار ڏين ٿا. هڪ ٻئي ماهر مورگان (Morgan) موجب آريا اولهہ سائبيريا جا رهواسي هئا. ساڳي طرح جيرازوف (Jairazhov) آرين کي اولهہ ڪيسپين سمنڊ واري علائقي جو رهواسي ثابت ڪري ٿو. جڏهن تہ پروفيسر ميڪڊونل (Professor Macdonnel) موجب آريا اوپر يورپ جا رهواسي هيا. ساڳي طرح ڊاڪٽر گليڪس (Dr.Gilex) موجب آريا آسٽريا يا هنگري جا رهواسي هيا.

آرين جي اصل وطن بابت اتفاق نہ هجڻ مان ثابت ٿئي ٿو تہ آريا نالي اولهہ جي ملڪن ۾ ڪنهن بہ انساني نسل جو ڪوبہ وجود نہ هيو. آرين جو مفروضو گهڙڻ بعد هر يورپي، جرمن ۽ روسي ماهر انهن ڪي پنهنجي پنهنجي علائقي جو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. (7) آرين جي اصل وطن تي اختلافن باوجود هنن مڙني ماهرن جو گڏيل مقصد اهو ثابت ڪرڻ هيو تہ آرين يورپ کان سنڌ ۽ هند طرف لڏپلاڻ ڪئي ۽ هن خطي تي دائمي قبضو ڪيو.

هڪ طرف آريا مفروضي ڪي ڪي بہ تاريخي ۽ ثقافتي بنياد فراهم نہ ڪيل آهن، تہ ٻئي طرف




ان جا خالق ڪي سائنسدان، بائيولاجسٽ، اينٿروپلاجسٽ ۽ آرڪالاجسٽ نہ پر فوجي جرنيل هيا، جن برطانوي ۽ جرمن فوج ۾ اهم عهدن تي ذميواريون ادا ڪيون. سندن دنيا جي تاريخ سان ڪابہ دلچسپي نہ هئي، هو فقط فوجي حڪمت عملي تحت مفتوح قومن ڪي طاقت سميت نظرياتي بنيادن تي غلام بنائڻ واري حڪمت عملي تحت ڪم ڪري رهيا هئا. آريا نظرئي جو وڏو حامي ميڪس مولر گريٽ برٽين جو سرڪاري ملازم هو ۽ سندس برصغير ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني سان رابطا هئا.




(8) هو هتان جي ٻولين بابت تجزيو ۽ مطالعو ڪري رهيو هو. هن طرفان آريا نسل بابت ڏنل ٿيوري قابض انگريزن جي مفادن ڪي سگهہ بخشڻ هيو. (9) جيئن تہ ميڪس مولر پاڻ جرمن نسل جو هيو. پر ڪيس برطانيہ طرفان اهم عهدن تي مقرر ڪيو ويو. جنهن جي احسان طور هو برطانوي قبضي جو وڏو حامي ۽ دفاع ڪندڙ رهيو. هندستان ۾ برطانوي بينڪي دور تي تحقيق ڪندڙ ماهرن موجب برطانيہ جي حڪمرانن آريا نسل جي برصغير تي حملي واري بي بنياد ٿيوري ڪي گهڙڻ لاءِ ميڪس مولر ڪي 7500 پائونڊ ڏئي سندس خدمتون حاصل ڪيون هيون. (10)

ساڳي طرح آريا مفروضي جا ٻه وڏا حمايتي لاسين (ChristianLassen) (جنم 1800 ۽ وفات 1876)۽ ميڪس ويبر (MaxWeber) (جنم 1864، وفات 1920) سخت گير جرمن نسل پرست ۽ قومپرست هيا. (11) جرمن نسل پرستي ۾ مبتلا ماهر لاسين ۽ ويبر انگريزن جي ان آريائي نظرئي مان تمام گهڻو خوش هئا، ڇاڪاڻ ته آريا نسل جي ان نظرئي ۾ جرمن نسلي برتري جو عنصر موجود هيو. (12) هنن ٻنهي جرمن ماهرن آرين ٿيوري کي اڳتي وڌائڻ ۾ انگريزن کي فڪري (انٽليڪچوئل) مدد فراهم ڪئي.

**حوالا:**


(1) Muller, Max, Biographies of Words and the Home of the Aryas, 1888, pg 120.

(2) Nehring, Andreas, Aryans and Dravidians.The Discovery of the Dravidian Family of Languages and the Representation of the Tamil Society by German Missionaries in the 19. Century, in: ICHR 2002.

(3) Bergunder Michael, HeikoFrese, Ritual, Caste, and Religion in Colonial South India, Primus Books, 2011

(4) Pokorny, Julius. 1959, 2007. Proto_Indo_European Etymological Dictionary. A Revised Edition of Julius Pokorny'sIndogermanischesEtymologischesWörterbuch. Published on the Internet: Indo_European Language Revival Association.

(5) Arvidsson, Stefan, Aryan Idols: Indo_European Mythology as Ideology and Science, University of Chicago Press, 2006

(6) Beckwith, Christopher I. (16 March 2009), Empires of the Silk Road: A History of Central Eurasia from the Bronze Age to the Present, Princeton University Press

(7) Kumar, Senthil, A.S. (2012), Read Indussian, Amarabharathi Publications & Booksellers

(8) Stephen G. Alter (9 March 2005). "The Battle with Max Müller". William Dwight Whitney and the Science of Language. Johns Hopkins University Press

(9) Shukla, Shyam Narayan, The Myth of the Aryan Invasion Theory , http://theindianheritage.blogspot.com/2010/09/macaulays_letter_and_origin_of_f_max.html

(10) Rajaram, N.S., Aryan Invasion — History or Politics?

http://archaeologyonline.net/artifacts/aryan_invasion_history

http://www.slideshare.net/nidhi1509/aryans_invaded_india_fabricated_history

(11) http://topyaps.com/aryan_invasion

(12) Reinhard Bendix, Max Weber: An Intellectual Portrait, Volume 2, 1998

See also:

Roslyn Wallach Bologh, Love Or Greatness (Routledge Revivals): Max Weber and Masculine Thinking, 2009

See also:

Jonathan Peter Spiro, Defending the Master Race, 2009

# انگريزن جو غلامن لاءِ تعليمي سرشتو

برصغير تي برطانوي سامراجي قبضي بعد انگريزن هن خطي جي ماڻهن کي ذهني طور غلام بڻائڻ لاءِ پنهنجو تعليمي سرشتو لاڳو ڪيو. جنهن تحت قبضي هيٺ آيل هندستان منجهه پڙهيل لکيل ماڻهن جي اهڙي کيپ تيار ڪرڻي هئي، جيڪا سندن مفادن جو تحفظ ڪري سگهي. خاص ڪري هتان نوجوانن کي اعليٰ تعليم لاءِ يورپين يونيورسٽين ۾ موڪليو ويو. جتي سندن اهڙي ذهني تربيت ڪئي وئي، جيئن هو واپس هندستان اچي انگريزن جي مفادن جي نگهباني جا فرض سرانجام ڏين. هندستان ۾ انگريزن پنهنجو تعليمي سرشتو لاڳو ڪرڻ لاءِ ٿامس بابنگٽن ميڪاولي (Thomas Babington Macaulay) (1) کي ايجوڪيشن بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو. ميڪاولي مذهبي طور ڪٽر پروٽيسٽنٽ عيسائي هيو. سندس سوچ هئي ته هندن کي عيسائي مذهب اختيار ڪرائڻ سان انگريز هندستان ۾ انتظامي طور سگهه حاصل ڪري سگهن ٿا. (2) ان سان گڏ انگريزن جي تعليمي سرشتي ذريعي هندستانين جو اهڙو نسل تيار ڪري سگهجي ٿو جيڪو اڳتي هلي انگريزن جو اتحادي بڻجي سگهي ٿو. ميڪاولي ايجوڪيشن بورڊ انڊيا جي چيئرمين شپ دوران 1836ع ۾ پنهنجي پيءُ کي خط لکيو، جنهن مان سندس ناپاڪ ارادن جي پروڙ پئي ٿي.

ميڪاولي پنهنجي پيءُ کي لکيل خط ۾ چوي ٿو ته ”اسان جو هندستان ۾ انگلش اسڪولن وارو نظام بهتر طريقي سان ڦهلجي رهيو آهي.... ان جا هندستانين تي بهتر اثر پئجي رهيا آهن. منهنجو ايمان آهي ته جيڪڏهن اسان جي اسڪولن وارو اهو نظام بهتر طريقي سان هلندو رهيو ته ايندڙ 30 سالن ۾ هتان (بنگال) جي اعليٰ سوسائٽي ۾ هڪ به نظرياتي ماڻهو (آزادي پسند) موجود نه رهندو. اهو مقصد ڪنهن به ماڻهو جو عقيدو تبديل ڪرڻ کان سواءِ حاصل ڪري سگهبو. ان تعليمي نظام سان اسان هندستانين جي مذهبي آزادي ۾ ڪابه مداخلت ڪرڻ کان سواءِ پنهنجا مقصد حاصل ڪري سگهنداسين.“ (3) (4)

ميڪاولي جي ان خط مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته انگريزن برصغير ۾ انگلش تعليمي سرشتو لاڳو ڪري پنهنجي بيٺڪي نظام کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي. عيسائي مذهبي پيشوا انگريزن جي هندستان تي قبضي برقرار رکڻ لاءِ هڪ خاص مشن هيٺ هتي آندا ويا ۽ اهم عهدن تي مقرر ڪري، سندن ذريعي هتان جي ماڻهن کي ذهني طور غلام بنائڻ جون سازشون سٽيون ويون. اهي ئي مذهبي پيشوا هن خطي جي پنهنجي مفادن تحت تاريخ مرتب ڪرڻ لڳا. مشهور ليکڪ

ارون شوري پنهنجي ڪتاب ” مشنريز ان انڊيا“ (Missionaries in India) ۾ انگريزن جي قبضي وقت هندستان ۾ عيسائي مشنريز جي ڪردار کي ثبوتن سان وائکو ڪيو آهي. پاڻ لکي ٿو ته عيسائي مشنريز جو ڪردار مذهبي گهٽ پر انگريزي بيٺڪي نظام کي سگهه بخشڻ وڌيڪ هو. هنن هندستان ۾ برطانوي حاڪمن جي سڄي هٿ ٺوڪ ڪم ڪيو هو مذهبي ادارا گهٽ پر اصل ۾ سامراجي نظام جا غير سرڪاري طور ٻانهن ٻيلي هئا. (5)

ميڪاولي کي برطانوي تعليمي سرشتي ذريعي برصغير جي ماڻهن کي ذهني طور غلام رکڻ لاءِ ڪنهن اهڙي ماڻهو جي تلاش هئي، جيڪو ساڻس ان ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪري سگهي يا سنڌس نظرين کي سگهه بخشي سگهي. ميڪاولي کي لنڊن واپس پهچڻ بعد اهڙو ماڻهو هٿ اچي ويو جيڪو سنڌس ڪارج کي پورو ڪري سگهي. اهو ماڻهو نوجوان جرمن ماهر ميڪس مولر هو. جيڪو نه صرف سرڪاري مدد جو گهرجائو هو پر ويدن جي مطالعي ۾ به دلچسپي رکندڙ هيو. ميڪاولي ايسٽ انڊيا ڪمپني تائين پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري رگ ويد جو ترجمو ڪرائڻ لاءِ ميڪس مولر لاءِ فنڊ حاصل ڪيا. ميڪس مولر مسيحي مذهب کي انڊيا ۾ ڦهلائڻ لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ رضامند ٿي ويو. ميڪس مولر ايسٽ انڊيا ڪمپني طرفان فنڊ حاصل ڪرڻ بعد ويدن جو ترجمو ۽ انهن جي تشريح جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. هن ويدن سميت ڏکڻ ايشيا جي مذهبن اسلام، ٻڌمت، جين ڌرم ۽ ٻين ڌرمن بابت 50 جلدن ۾ ڪتاب مختلف ليکڪن ذريعي مرتب يا ترجمو ڪري شايع ڪرايا. انگريزي ۾ اهي جلد (Sacred Books of the East) جي نالي سان شايع ڪيا ويا. (6) انهن جلدن ۾ ويدن جي معنيٰ ۽ مفهوم اهڙي طرح سان ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيئن انهن جي پڙهڻ سان مسيحي مذهب کي هٿي ملي ۽ برصغير جي قدم هندو مذهب بابت مونجهارا پيدا ٿين. ويدن جي ترجمي پويان کهڙي سازش لڪل هئي. ان جو پتو اسان کي ميڪاولي طرفان 1866ع ۾ پنهنجي زال کي لکيل خطن مان ٿئي ٿو.

ميڪاولي پنهنجي زال کي لکيل خطن ۾ چوي ٿو ته ”اهي ويد ئي هندن جي مذهب جو بنياد آهن. ان ڪري ويدن ذريعي ڪين اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته سنڌن بنياد ڇا آهي. مون کي پڪ آهي ته سنڌن گذريل 3 هزار سالن جا بنياد ڪمزور ڪرڻ جو اهو ئي هڪڙو رستو آهي. ٻن سالن بعد ميڪاولي برٽش انڊيا جي قائم مقام سيڪريٽري ڊيوڪ آف ارگائل (Duke of Argyll) کي لکي ٿو ته: انڊيا جو قديم مذهب آخري پساهن ۾ آهي. جيڪڏهن مسيحي مذهب ان جي جاءِ نه والاري ته اهو ڪنهن جو ڏوهه هوندو؟“ هنن مڙني ثبوتن مان پتو پوي ٿو ته ميڪس مولر برطانوي بيٺڪي حڪومت جو ايجنٽ هيو جنهن معاوضو وٺي، برٽش انڊيا جي مفادن لاءِ هن خطي جي تاريخ کي مسخ ڪيو.

جڏهن جرمني ۽ برطانيہ جا سياسي مفاد هڪ ٻئي سان ٽڪرائڻ لڳا ۽ برطانيہ جا ماڻهو جرمني جا سخت مخالف ٿيڻ لڳا تہ برطانيہ جي حمايت ۾ ميڪس مولر جرمن قومپرست هجڻ جي ناتي برطانيہ کي الوداع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن نہ فقط برطانيہ کي ڇڏيو پر پنهنجي 25 سال اڳ قائم ڪيل آريا نسل واري ٿيوري تان بہ هٿ کڻي ڇڏيو. پاڻ عمر جا آخري 30 سال آريا نسل واري ٿيوري جو سخت مخالف رهيو. ڇاڪاڻ تہ اها ٿيوري برطانيہ کي فائدو رسائي رهي هئي. ميڪس مولر آريا نسل واري ٿيوري تان دستبردار ٿي، ان کي آريا نسل بدران آرين ٻولين واري ٿيوري تائين محدود ڪري ڇڏيو.

## حوالا:


(1) MacKenzie, John, "A family empire," BBC History Magazine (January 2013).

(2) Macaulay by Zareer masani - a review". Guardian. Retrieved 20 September 2018.

(3) Evans, Stephen (2002). "Macaulay's minute revisited: Colonial language policy in nineteenth-century India". Journal of Multilingual and Multicultural Development 23 (4): 260–281.

(4) "Minute by the Hon'ble T.B. Macaulay, dated the 2nd February 1835" (From: Bureau of Education. Selections from Educational Records, Part I (1781-1839). Edited by H. Sharp. Calcutta: Superintendent, Government Printing, 1920. Reprint. Delhi: National Archives of India, 1965, 107-117.)

http://www.columbia.edu/itc/mealac/pritchett/00generallinks/macaulay/txt_minute_education_1835.html

(5) Shourie, Arun, Missionaries in India, May 1st 1998 by South Asia Books

(6) THE SACRED BOOKS OF THE EAST – ALL 50 VOLUMES, https://www.holybooks.com/the-sacred-books-of-the-east-all-50-volumes/

Note: The Sacred Books of the East is an enormous project undertaken by Max Müller and various authors from 1879 and 1910.
Written by: Various oriental scholars, edited by Max Müller,
Published by: Oxford University Press

# يورپ ڪي پنهنجي ئي ٿيوري ڳچي ۾ پئجي وئي

جنهن وقت يورپي ماهرن 1850ع ۾ آرين جي ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ڏانهن لڏپلاڻ يا حملي واري ٿيوري گهڙي، ان وقت اڃا سنڌو سڀيتا جي دريافت نہ ٿي هئي. (1) سنڌ ۽ هند تي قبضي بعد يورپين ۽ جرمنن اها ٿيوري گهڙي هتان جي ماڻهن کي اها ڳالهہ باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هن خطي جا ماڻهو غير مهذب، علم، ادب ۽ سائنس کان اڻ ڄاڻ هيا. جڏهن تہ قبضو ڪندڙ يعني يورپي اصل کان سڌريل، تهذيب يافتہ، علم ۽ سائنس جا پيندار هيا، ان ڪري هو دنيا مٿان حاڪميت ڪرڻ جا حقدار هيا. سنڌو سڀيتا جي دريافت کان اڳ اهو سمجهيو ويندو هو تہ دنيا جي تاريخ جي شروعات 1200 ق م کان يونان کان ٿئي ٿي. (2) انگريزن يونان جي تهذيب کي بنياد بنائي ان نظرئي کي هٿي ڏني تہ باقي ملڪن ۽ خاص ڪري سندن بيٺڪن جا ماڻهو جهنگلي، جاهل ۽ اڻ سڌريل هئا. سنڌو سڀيتا جي دريافت ٿيڻ کان اڳ آرين جي حملي وارو مفروضو بہ ان بنياد تي قائم ڪيو ويو تہ برصغير جي تاريخ آرين جي هن خطي تي حملي کان پوءِ شروع ٿئي ٿي. ان وقت جيتوڻيڪ هندو ڌرم جا مقدس ڪتاب ويد، مهاڀارتا ۽ رامائڻ يورپين جي نظر مان گذريا هئا ۽ هنن انهن جا پنهنجي مقصد مطابق هير ڦير ڪري انگريزي ۾ ترجما بہ ڪيا هئا، پر هو انهن ڪتابن کي فقط ڏند ڪٿائن، قصن ۽ ڪهاڻين تي ٻڌل قرار ڏئي، انهن جي تاريخي حيثيت کان انڪار ڪندا رهيا. پر جڏهن 1922ع ۾ هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي وئي ۽ ان سان دنيا جي سڀ کان قديم ۽ عظيم سنڌو تهذيب نکري نروار ٿي تہ يورپين لاءِ هتان جي ماڻهن جي 5 هزار سال کان بہ اڳ سڌريل هجڻ ۽ هڪ عظيم شهري تمدن جي وارث هجڻ واري حقيقت هضم ڪرڻ ڏکي ٿي پئي. يورپين کي سنڌو تهذيب جي دريافت بعد پنهنجا اڳ قائم ڪيل نظريا تبديل ڪرڻا پيا، پر ان سان گڏوگڏ هنن آرين جي حملي واري ٿيوري کي سنڌو سڀيتا جي پوئتي پوڻ سان سلهاڙي اهو نئون تصور اڀيان آندو تہ سنڌو ماٿري جي تهذيب جي زوال جو سبب يورپي نسل جي آرين جو حملو هيو. جنهن لاءِ هنن 1500 ق م جو سن بہ طئہ ڪري ورتو. يورپين طرفان ان بابت ڪنهن بہ ثبوت جي ضرورت محسوس نہ ڪئي وئي. اهڙي طرح هنن سنڌو سڀيتا جي اهميت کي گهٽائڻ لاءِ ڪو بہ موقعو هٿان وڃائڻ نہ ڏنو.

سنڌو سڀيتا جي دريافت اهو ثابت ڪيو تہ يونان نہ پر هن خطي سنڌو سڀيتا جا ماڻهو دنيا جا پهريان سڌريل ۽ تهذيب يافتہ ماڻهو هئا، جن شهرن جو بنياد وڌو، لکت ايجاد ڪئي، آبپاشي جو نظام تيار ڪيو ۽ پرڏيهہ سان واپار شروع ڪيو. (3) يورپين لاءِ اهو تسليم ڪرڻ ڏکيو هيو تہ جنهن وقت يورپ وٽ ڪابہ تاريخ نہ هئي، ڪا بہ تهذيب نہ هئي، ڪو بہ ڪلچر نہ هيو ڪو بہ لکت جو نظام نہ هيو ان وقت سنڌو ماٿري ۾ سڌريل شهري رٿابندي هيٺ شهر قائم ڪيا ويندا هئا، گهرن ۾ رڌپچاءَ

لاءِ رڌڻا هيا، غسل خانہ هيا، پاڻي جي نيڪاس جو نظام هيو. ان ئي احساس ڪمتري کي ختم ڪرڻ ۽ يورپي نسل جي برتري قائم رکڻ لاءِ هنن هڪ ٻئي پٺيان هٿ ٺوڪيا نظريا ۽ ٿيوريون پيش ڪيون. هنن پنهنجي صدمي ۽ ڪاوڙ جو توڙهن خطي جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ، هتان جي ماڻهن جي تذليل ڪرڻ ۽ تاريخي حقيقتن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪرڻ جي صورت ۾ ڪڍيو.

سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ جنهن وقت ننڍي کنڊ مان هڪ عظيم شهري تهذيب نروار ٿي تہ يورپي ماهرن کي ڪن ۾ اها ڦوڪ ڪنهن ڏني تہ ان تهذيب کي فنا ڪندڙ آريا نالي يورپي نسل هيو. ان نسل ۽ سندس نالي بابت دنيا جي ڪهڙي ڪنڊ منجهان ڪين ثابتيون مليون. ڪهڙي قديم آثار يا قديم لکت جي دريافت مان اها خبر پئي تہ ان وقت ڌرتي جي هن گولي تي آريا نالي ڪو نسل بہ رهندڙ هيو ۽ ان نسل هزارين ميل لتاڙي اچي سنڌو ماٿري جي سڀيتا کي تباهہ ڪيو. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا ان دور ۾ مواصلات جون ايڏيون سهوليتون موجود هيون جو لکين ماڻهن جا قافلا هزارين ميل لتاڙي سنڌو ماٿري ۾ پهتا ۽ هنن پاڻ کان وڌيڪ ترقي يافتہ تهذيب کي فنا ڪيو ۽ سندن وارثن کي ڌڪڻ هندستان طرف پڄائي ڪڍيو. جيڪڏهن واقعي آريا ايترا طاقتور هيا تہ پوءِ سنڌو سڀيتا



جي نام نهاد زوال بعد قديم آثارن مان سندن هتي اچڻ ۽ هتان جي تهذيب تي قبضي جون ثابتيون ڇو نہ مليون آهن. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن آرين حملو ڪري سنڌو ماٿري کي فتح ڪرڻ بعد هتي مستقل سڪونت اختيار ڪئي تہ پوءِ کين هن ماٿري جا پريا پاڳيا شهر تباهہ ڪرڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي. هنن خالي ٿيل شهرن ۾ پاڻ رهائش ڇو نہ اختيار ڪئي.

دنيا اندر اهڙو ڪوبہ مثال موجود ناهي تہ هڪ نسل يا قوم ٻي قوم يا نسل جي خطي تي قبضو ڪري کين شهرن سميت ٻهراڙين مان بہ مڪمل طور تي ٻي دخل ڪيو هجي. جيڪڏهن آرين شهر تباهہ ڪيا ۽ شهرن جي ماڻهن ٻئي خطي طرف لڏپلاڻ ڪئي تہ پوءِ ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهو ڪيڏانهن ويا. يورپي ماهرن جي تجويز ڪيل انهن ڪارن اصلوڪن رهواسين جي باقيات تہ سنڌو ماٿري ۾ موجود هجڻ گهرجي ها. جن کي هو ڌڪڻ هندستان جا دراوڙ قرار ڏين ٿا.

## حوالا:

(1) https://www.britannica.com/topic/Aryan
(2) Carol, G. Thomas (1988). Paths from ancient Greece. Brill. Retrieved 12 June2011.
(3) Wright, Rita P. (2009). The Ancient Indus: Urbanism, Economy, and Society. Cambridge University Press.

# آرين جو حملو ۽ رگ ويد

سوال پئدا ٿئي ٿو تہ انگريزن ۽ يورپي ماهرن ڪي ڪنهن ٻڌايو تہ آرين سنڌو ماٿري تي حملو ڪري، ان ڪي قديم دور ۾ پنهنجي بينڪيت بڻايو هو؟ ڇا ڪين اهڙي ڪا ثابتي برصغير جي قديم آثارن، قديم تاريخ، تهذيب، لوڪ ورثي يا مذهبي ڪتابن مان ملي هئي. جنهن جو جواب ”نہ“ ڪان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. برصغير سنڌ هند جا قديم مذهبي ڪتاب ويد آهن. جن ۾ اهڙي ڪا بہ ثابتي موجود ناهي تہ هن خطي تي ان دور ۾ ٻاهران آيل ڪنهن ماڻهن جي گروهہ حملو ڪري قبضو ڪيو هو. سنڌو ماٿري ۾ هندو ڌرم جا مذهبي ڪتاب چار ويد سنڌو سڀيتا جي پوئتي پوڻ واري دور يعني 1500 ق م بعد تحرير ڪيا ويا. جن ۾ رگ ويد، سماويد، يجر ويد، اٿرا ويد شامل آهن. انهن چئني ويدن کي دنيا جون قديم ڪان قديم لکتون قرار ڏنو وڃي ٿو.

”آريا“ لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟

اصل ۾ ”آريا“ سننسڪرت ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ڪو نسل نہ پر ”عزت وارو“ (Noble) آهي. انڊيا جي امارڪوشا (Amarakosha) جي سن 450ع جي سنسڪرت لفظن جي لغت (Sanskrit lexicon) ۾ ”آريا“ لفظ جي هن ريت سمجهاڻي ڏني آهي. (1) (2)

mahakulakulinaryasabhyasajjanasadhavah

آريا اهو شخص آهي، جيڪو ڪنهن اوچي خاندان مان هجي، سٺو اخلاق ۽ ڀلو ورتاءُ رکندڙ هجي.

ساڳي طرح هندن جي ڌرمي ڪتاب رامائڻ ۾ بہ ”راما“ جي ورتاءَ بابت بہ هيئن لکيل آهي:

aryasarvasamascaivasadaivapriyadarsanah

آريا اهو آهي، جيڪو سڀني ۾ برابري جو ورتاءُ ڪندڙ هجي ۽ سڀني کي پيارو هجي.

اهڙي طرح رگ ويد ۾ بہ 36 ڀيرا ”آريا“ لفظ استعمال ٿيل آهي. پر اهو ڪنهن نسل لاءِ استعمال ٿيل نہ آهي. اچو تہ ڏسون رگ ويد ۾ آريا جو لفظ استعال ڪيئن ٿيل آهي.

prajaaryajyotiragrah ... (RV, VII.33.17)

آرين جا ٻار مشعل وانگر سربراهي ڪندڙ آهن. هتي مشعل لفظ عقيدي جي نسبت سان استعمال ٿيل آهي. رگ ويد ۾ آريا انهن ماڻهن لاءِ ڪتب آندو ويو آهي. جيڪي هڪ طئه ڪيل سماجي نظام (طور طريقن) جي پيروي ڪندڙ آهن. آريا ۽ اڻ آريا ماڻهن جي پرک ان طئه ڪيل ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ تحت ڪئي ويندي هئي. جيڪو ماڻهو اوچي خاندان سان تعلق رکندڙ هوندو هو سنو اخلاق ۽ ورتاءُ رکندڙ هوندو هو ايماندار ۽ ماڻهن سان بابري جو ورتاءُ ڪندڙ هو. ان کي آريو ڪوٺيو ويندو هو ۽ ان جي ابتڙ ڪردار جي مالڪ کي اڻ آريو تصور ڪيو ويندو هو. ان جي وڌيڪ بهتر تشريح هندن جي ڌرمي لکتن منو ڌرما شاسترا ( Manudharma Shastra) ۽ منوسمرتي (Manusmriti) ۾ ٿيل آهي. اڳتي هلي اهي تصور مذهبي اوچ نيچ ۽ طبقاتي شڪل اختيار ڪري ويا. (3) (4)

ان ڪري اهو سمجهڻ تہ رگ ويد ۽ ٻين مذهبي لکتن ۾ آريا لفظ ڪنهن نسل يا قوم طور استعمال ٿيل آهي، غلط ٿيندو. ويدن ۽ اپنشدن سميت پران ۾ ڪٿي بہ آرين ۽ دراوڙن ۾ ويڙهہ ۽ اختلافن جو ذڪر موجود ناهي. هندن جي مذهبي ڪتاب منوسمرتي ۾ آرين جي ديس جون حدون هماليہ جبل، بنگال جي اپسمنڊ ۽ عربي سمنڊ جي وچ ۾ ڊيڪاريل آهن. (منوسمرتي، شلوڪا 3، 22 ) رگويد موجب آريا ستن درياهن واري ملڪ ۾ رهندا هئا. اهي ست درياهہ گنگا، جمنا، سرسوتي، شتدوري (ستلج)، پرسپي (راوي)، اسڪاني (چناب)، وتاستا (جهلم) هئا. (شلوڪا 10، 75، 5)

شري اوروبندو موجب ويدن ۾ آيل آريا لفظ ڪنهن نسل جي نمائندگي نہ ٿو ڪري نہ وري انڊيا ۾ ٻن ثقافتن جي نشاندهي ڪري ٿو. پر اهو لفظ "ار" (هر) يعني ٻني ڪيڙيندڙ طور استعمال هيٺ آيل آهي. (5)

اين ايس راجارام موجب جرمن قومپرستن طرفان ادا ڪيل ڪردار تي ڳالهائڻ کان اڳ اهو ڏسڻ ۽ سمجهڻ گهرجي تہ ان "آريا" لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟ آريا هندستان ۾ هزارين سالن کان رهندڙ هئا. آريا لفظ جو يورپين غلط استعمال ڪيو. آرين جي پرڏيهہ کان اچي هندستان تي قبضو ڪرڻ ۽ سنڌو سڀيتا کي تباهہ ڪرڻ وارو نظريو يورپين جي تازي ايجاد هئي. ان نظرئي جي هندستان ۾ قديم ماڳن جي دريافت ۽ کوٽاين سميت پراڻي رڪارڊ مان ڪوبہ ثبوت يا حمايت نہ ملي آهي. ساڳي طرح آرين جي هڪ نسل واري نظرئي کي بہ هندستان جي آرڪيالاجي سميت پراڻي لٽرري رڪارڊ مان ڪابہ حمايت يا هٿي نہ ٿي ملي.

ساڳي طرح پارت جي ناماياري اينٿروپلاجسٽ ۽ يورپ سميت انڊيا جي قديم ٻولين تي تحقيق ڪندڙ ماهر سوجي رائو منڊاولي موجب رگويد ۾ آرين لفظ جو استعمال ڪنهن نسلي گروپ بدران ثقافتي لفظ طور استعمال ڪيو ويو آهي. اولهہ جي يورپي ملڪن ۾ 18 صديءَ کان اڳ ڪٿي بہ آرين لفظ جو ذڪر نہ ٿو ملي. ڪنهن بہ يورپي ملڪ جي تاريخ يا قديم دور ۾ لکيل ڪتاب ۾ اهڙو

ذڪر نہ ٿو ملي تہ يورپ ۾ ڪي آريائي نسل جا ماڻهو رهندڙ هئا. جن قديم دور ۾ انڊيا سميت ايران ۽ ٻين ملڪن تي ڪاهون ڪري انهن ڪي فتح ڪيو هو يا انهن ملڪن طرف ڪا لڏپلاڻ ڪئي هئي. (6)

ڪيناڊا جي ماهر وم بورسبوم (Wim Borsboom) موجب موجوده بلوچستان جي اپرندي حصي وارين ماٿرين مان شڪار ۽ پوکي راهي تي گذر سفر ڪندڙ ماڻهن جي ٽولن سپتا سنڌو ماٿري طرف لڏپلاڻ ڪئي. هنن ماڻهن سپتا سنڌو ماٿري ۾ پوکي راهي ڪرڻ شروع ڪئي. ان ڪري کين آريا يعني زمين کيڙيندڙ ۽ پوکي راهي ڪندڙ سڏيو ويو ۽ سندن خطي کي آرين جو خطو يا زمين قرار ڏنو ويو. مهرڳڙهہ ۾ رهندڙهي ماڻهو تهذيب جا ابتدائي ڏاڪا اتي طئہ ڪرڻ بعد سپتا سنڌو ماٿري ۾ شاندار شهري تهذيب جو حصو بڻجي ويا. 1850 ق م ۾ آريا لفظ عزت دار زمين رکندڙ يا پوکي راهي ڪندڙ طور استعمال ڪيو ويندو هو. (7)

يورپي ماهر هندو مذهب ۽ ويدن جو خالق ٻاهران آيل آرين کي قرار ڏين ٿا. يعني بينڪي راڄ قائم ڪندڙ انگريزن آرين جي حملي جو بي بنياد مفروضو قائم ڪري هن خطي جي ماڻهن کي سندن قديم مذهب هندو ڌرم ۽ قديم ڪتابن ويدن جي مالڪي تان بہ بي دخل ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن واقعي آرين سنڌو ماٿري ۽ ڀارت تي حملو ڪري ان تي قبضو ڪيو هو ۽ آرين ئي ويد تحرير ڪيا هئا تہ آخر انهن چئن ويدن ۾ ان حملي ۽ قبضي جو قصو موجود ڇو نہ آهي. هندن جي قديم مذهب، ڪلچر، ثقافت، ريتن رسمن مان اهڙيون ثابتيون ڇو نہ ٿيون ملن، جنهن سان ان نظرئي کي سگهہ ملي. نہ فقط ان دور جي قديم تاريخ، آرڪيالاجي ۽ لکتن ۾ اهڙو ڪوبہ ثبوت نہ ٿو ملي، پر ان بعد بہ صدين تائين هن خطي جي لکيل آڳاٽين تاريخن، قديم ڪتابن، قصن، لوڪ ورثي ۾ اهڙا ثبوت موجود ڇو نہ آهن. جنهن مان اها ثابتي ملي تہ 1500 ق م بعد آرين هن خطي تي قبضو ڪري، ان کي نہ فقط پنهنجي ماتحت ڪيو هو پر هن خطي جي ماڻهن کي هندو ڌرم ۽ سندن قديم مذهبي ڪتاب ويد بہ تحفي طور فراهم ڪري مٿن احسان ڪيو هو. سنڌو سڀيتا جي دور بعد ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم جي قديم تاريخ، روايتن ۽ لکتن مان اهڙي ڪابہ ثابتي نہ ملڻ ان هٿ ٺوڪئي تصور کي واڪو ڪري ٿي. ويدن جي زماني کي اڄ 3500 سال کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي. انهن 35 سو سالن دوران برصغير ۾ لکيل تاريخن، تاريخي ڪتبن، ثقافتي ۽ مذهبي لکتن، قصن، ڪهاڻين، شاعري ۽ ڪهاوتن ۾ ان قسم جو ذڪر ڇو ڪو نہ موجود آهي. خود انگريزن، جرمنن ۽ ٻين يورپي آرڪيالاجسٽن کي پنهنجي بينڪي دور ۾ هن خطي جي قديم آثارن جي کوٽاين مان اهڙا ثبوت ڇو نہ هٿ آيا، جنهن مان سندن ئي ان مفروضي کي سگهہ حاصل ٿئي ها. آخر 19 صدي ۾ يورپي ماهرن کي اهو ڪٿان نزول ٿيو تہ ننڍي کنڊ تي ساڍا 3 هزار سال اڳ سندن ابن ڏاڏن قبضو ڪري هتي هندو مذهب جو وجود عمل ۾ آندو هو ۽ پنهنجن اصلوڪن وطنن بدران هتي اچي سيڙجي هندو

ڌرم جا قديم ڪتاب ويد لکيا هئا. جيڪڏهن ساڍا 3 هزار سال اڳ نام نهاد آريا نسل ايترو ئي سڌريل، لکيو پڙهيو خطرناڪ هٿيارن سان هٿيار بند ۽ جنگ جو علم ڄاڻندڙ هيو ته سنڌن ان حرفت ۽ چالاڪي جون ثابتيون سنڌن پنهنجن اصلوڪن وطنن مان ڇو هٿ نه آيون آهن. ڇا آرين جي آڳاٽن وطنن مان آرڪيالاجسٽن کي ڪا اهڙي ثابتي ملي آهي، جنهن سان سنڌن ان موقف کي هٿي ملي سگهي.

يورپي محققن ۽ ٻولي ماهرن طرفان آرين جو سنڌو ماٿري ۾ اچڻ ۽ هتان جي اصلي باشندن کي غلام بڻائي انهن جو قتل عام ڪرڻ يا مڙني ماڻهن کي سنڌو ماٿري مان نيڪالي ڏئي ڇڏڻ يا سنڌن سموري تهذيب ۽ ان جي شهرن ۽ وسندين کي مڪمل طور فنا ڪري ڇڏڻ وارو تصور هڪ مفروضو آهي. آريا نه ڪا قوم، نه وري قبيلو يا ماڻهن جو ڪو گروهه هيو. ان ڪري اهو تصور ڪرڻ ته سنڌو سڀيتا جو خاتمو نام نهاد آريا قبيلن آندو عقلي ۽ سائنسي بنيادن تي بيٺل نه آهي. آريا اصل ۾ ڪا قوم، قبيلو يا نسل نه هو پر سنڌو ماٿر ۾ رهندڙ ماڻهن جو هڪ طبقو هو. آريا اهي ماڻهو سڏبا هئا، جيڪي هاريو ڪندا هئا. هارين کي موهن جي دڙي جي دور کان وٺي هندو ڌرم جي عروج واري دور ۾ ان ڪان پوءِ به آريا چيو ويندو هو. جڏهن ته هاريو نه ڪندڙن کي اڻ سڌريل يعني اڻ آريا چيو ويندو هو. هندن جو ديوتا ’هري‘ اصل ۾ ’هر‘ مان نڪتل آهي ۽ آباديءَ جو ديوتا تصور ڪيو ويندو آهي. ان ڪري سنڌو ماٿر ۾ آباديءَ ۽ خوشحالي جي علامت طور هارين کي آريا (هاريا) ڪوٺيو ويندو هو. سنسڪرت زبان ۾ به آرين جي معنيٰ اوچي ذات، شريف ۽ آزاد آهي. سنسڪرت زبان ۾ آريا لفظ ڪنهن نسل، قبيلي يا قوم جي نالي طور ڪتب نه آيو آهي. جيئن يورپي محققن هڪ مفروضو قائم ڪري تاريخ ۾ آرين جو افسانو گهڙي شامل ڪيو. (8) يورپي محققن طرفان آرين جو افسانو گهڙڻ پويان به ننڍي کنڊ جي ماڻهن کي غلام رکڻ جو هڪ نفسياتي حربو هو. يورپ خاص ڪري جرمنيءَ جا ماڻهو پاڻ کي آريا يعني سڌريل نسل جا سمجهندا هئا ۽ برصغير تي پنهنجي قبضي کا جائز ڄاڻائڻ لاءِ هنن هتان جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انگريز محققن ۽ حڪمرانن پاڻ کي آرين جا وارث ڄاڻائي دنيا آڏو ۽ غلام قومن آڏو اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو قديم دور کان وٺي سڌريل ۽ طاقتور هئا. هنن ئي سڄي دنيا کي تهذيب يافته بڻايو. سنڌن ڪمزور قومن مٿان قبضو جائز هيو. ڇو جو هو تهذيب جا علمبردار هئا ۽ دنيا کي مهذب ڪرڻ لاءِ ماضيءَ جيان پيهر نڪتا هئا .

آريا (هاريو ڪندڙ ماڻهو) ڪو ٻاهران آيل نسل جا ماڻهو نه هيا پر هو سنڌو ماٿري جا ئي اصلوڪا رهواسي هئا. هنن ئي ماڻهن 2000 ق م ۾ انڊيا جي ٻين علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. رگ ويد ۾ به اهو ئي لکيل آهي ته آريا پاڻ کي سپتا سنڌو ماٿري يا ريجن جا رهواسي قرار ڏين ٿا. سپتا سنڌو ان ئي جاگرافيائي خطي تي مشتمل آهي. جيڪو سنڌو سڀيتا جو جاگرفيائي خطو آهي. رگ ويد بعد لکيل ٻين ويدن ۾ ۾ به اهو ئي لکيل آهي ته انهن آرين (هاريو ڪندڙ ماڻهن) سپتا سنڌو کان گنگا

۽ جمنا ماٿرين طرف لڏپلاڻ ڪئي. جڏهن رگ ويد ۾ ذڪر هيٺ آيل آريا پاڙ کي سپتا سنڌو جا رهواسي قرار ڏين ٿا ته پوءِ آخر ان ڳالهه تي ڳنڊ ڇو ڏني وئي آهي ته هو هن خطي جا اصلوڪا باشندا نه هئا. رگ ويد ۾ ڪٿي به آرين پاڙ کي سپتا سنڌو کان سواءِ ڪنهن ٻئي ملڪ يا خطي جو رهواسي قرار نه ڏنو آهي. نه وري ويدن ۾ ڪٿي اهو لکيل آهي ته آريا يورپ يا سينٽرل ايشيا کان آيا هئا. ويدن ۾ آرين طرفان پنهنجي مادر وطن سنڌ ۽ ان جي سدا وهندڙ درياهه سنڌو جي شان ۾ گيت سرجيل آهن. آخر آرين کي سچو ڇو نه ٿو سمجهيو وڃي. انهن جي پنهنجي ئي ڪيل دعويٰ کي تسليم ڇو نه ٿو ڪيو وڃي.

## حوالا:


(1) Amarakosha compiled by B.L.Rice, edited by N.Balasubramanya, 1970, page X

(2) Literary and Historical Studies in Indology, Vasudev Vishnu Mirashi, , Motilal Banarsidass Publ., 1975, p. 50_51

https://sanskritdocuments.org/doc_z_misc_amarakosha.html

(3) Rajaram, N. S.,Caste and Science: Hot Air and Cold Fusion

(4) Preston Peet, Disinformation guide to ancient aliens, lost civilizations, astonishing archaeology & hidden history, San Francisco, 2013, P. 41

http://archaeologyonline.net/artifacts/aryan_invasion_history

(5) Varma, Vishwanath Prasad, The Political Philosophy of Sri Aurobindo, 1990

(6) Mandavilli, Sujay Rao, The Demise of the Dravidian, Vedic and Paramunda Indus Hypotheses: A brief explanation as to why these three Hypotheses are no longer tenable, Pp:6_7

(7) https://independent.academia.edu/WimBorsboom

(8) Sindhi, Ruk, Rise of Indus Civilization, Hyderabad, Sindh,

# ويدن ۾ سنڌو ندي جي ساراهہ

هندن جي مذهبي ڪتاب رگ ويد کي سڄي دنيا جو آڳاٽو ڪتاب قرار ڏنو ويندو آهي. (1) جيڪو سنڌو نديءَ جي ڪنارن تي تخليق ڪيو ويو. رگ ويد ۾ سنڌ کي انتهائي شاهوڪار ۽ پريو ڀاڳيو پرڳڻو قرار ڏني ويو آهي. رگ ويد جي منڊل ڏهون سوُڪت 75 ۾ لکيل آهي تہ سنڌ فصلن ۾ شاهوڪار آهي. سنڌ گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي. سنڌ رتن (گاڏين) ۾ شاهوڪار ۽ ڪپڙي لٽي، ڳهہ ڳٺي ۾ شاهوڪار آهي. سنڌوءَ ندي سدا وهندڙ درياهہ آهي، ان جا ڪنارا ماکي ڏيندڙ گلن سان سينگاريل آهن. (2)(3)

سنڌو سڀيتا جي ڀڃڪي پوڻ بعد رگ ويد واري زماني ۾ بہ سنڌو ماٿري جي سڀيتا اهڙي اعليٰ درجي تي پهتل هئي، جو ان وقت سندس ساراهہ جا ڍڪ ڀريا ويا. رگ ويد جو هڪ رشي سنڌو درياهہ جي ساراهہ ڪندي چوي ٿو تہ ”اي سنڌو، جڏهن تون ميدان مان وهين ٿي، تڏهن بي شمار ڪاڏو پاڻ سان آڻين ٿي، تنهنجو پاڻي اُتم آهي. اي سنڌو جيڪڏهن تنهنجي خوبصورتيءَ جي ڀيٽ ڪجي تہ تون نو ورني ڪنوار وانگر آهين. سنڌو سدائين جوان ۽ سدائين سهڻي آهين وغيره“. (4)

رگ ويد ۾ لکيل گيتن ۾ سنڌ ۽ سنڌو درياهہ جي شان ۾ ڪجهہ هن طرح چيو ويو آهي:
”سنڌ !
گهوڙن ۾ شاهوڪار، رَٿن ۾ شاهوڪار،
ڪپڙن ۾ شاهوڪار، سهڻن ڳهڻن ۾ شاهوڪار،
ڪاڏي پيتي ۾ شاهوڪار ۽ سدا تازيءَ ان ۾ شاهوڪار آهي
ڀاڳوند سنڌوءَ جا ماکي ڏيندڙ ڪنارا آهن گلن سان سينگاريل “.
ساڳئي منڊل ۾ هڪ رشي چوي ٿو تہ،
”اي سنڌو! جڏهن تون ميدان مان وهين ٿي
تہ بيشمار ڪاڏو پاڻ سان آڻين ٿي. تنهنجو پاڻي اُتم آهي .
اي سنڌو! تنهنجي سونهن پڻ نوُورني ڪنوار وانگر آهي .
تون سدائين جوان ۽ سهڻي آهين “!
”اي سنڌو! پهرين تون ترشتما سان، پوءِ سُسرتو رسا ۽ سويتي (سوات نديءَ) سان وهين ٿي .
تون ڪيا (ڪابُل)، گومي (گومل) ۽ ميهتنو (Mehtnu) سان بہ گڏجي وهين ٿي “.
ايترين ندين جي گڏجڻ سان سنڌونديءَ جي اوج جو بيان ڪندي رشي چوي ٿو تہ :

”سنڌوءَ جي گڙگاٽ، ڌرتيءَ تان اُٿي ٿي، اُها آسمان پريو چڙهي !
سنڌو نهايت زور سان وهي ٿي ۽ مُنهن مٽيادار اٿس (نهايت سهڻي آهي)، سندس پاڻيءَ جي آواز مان، ائين پيو پائنجي،
ڄڻ مينهن جون اوڙڪون گجگوڙ ڪري پيون وسن .
اِجها سنڌو ڍڳيءَ وانگر رنيندي پئي اچي . . . .
اي سنڌو! جيئن سوئا ڳايون، کير پريل اوهن سان پنهنجن ڦرن ڏي ڊوڙن ٿيون،
تيئن ٻيون نديون، جدا جدا هنڌن مان پاڻي کڻي توڏي رنينديون اچن “!
رشي، جنهن مهل سنڌوءَ جي پرتي ڪندڙ ندين کي سنڌوءَ ڏانهن وهندي ڏٺو تنهن مهل چيائين :
”اي سنڌو! جيئن ڪو راجا يُڌ ڪرڻ نڪرندو آهي ۽ پنيان لشڪر هوندو اٿس،
تيئن تون بہ (شاهاڻي شوڪت سان) ندين جي اڳيان مهندار ٿي هلين ٿي
۽ ٻيون نديون بہ پلٽڻون ڪري، تنهنجي پنيان ائين هلن ٿيون،
ڄڻ تہ ساڄئي رَٿ ۾ سوار آهيو “.
هڪ هنڌ وري چيائين :
سنڌو! اجيت آهي، سا سڌي وهي ٿي. سندس ورڻ پا رنگ اڇو آهي .
سنڌو وڏي نديءَ جي پاڻيءَ ۾ تِک گهڻي آهي،
۽ ڇڻئي پاسي ٻوڙان ٻوڙ ڪري ٿي. جيڪي بہ متحرڪ يا چرندڙ شيون آهن، سي اهڙيون تيز رفتار نہ آهن، جهڙي سنڌو آهي “!
رگ ويد جي ساڄئي ڏهين منڊل ۾ چيل آهي :
”اي سنڌو! ورڻ ديوتا تنهنجي وهڻ لاءِ گهڻيون واٽون ناهيون آهن “. (5)

جيڪڏهن ويد لکندڙن هن خطي يعني سنڌو ماٿري جا اصل رهواسي نہ هيا ۽ هو نام نهاد آريا نسل جا ٻاهران آيل حملي آور هيا تہ پوءِ هنن سنڌوندي جي شان ۾ ڇو قصيدا ڳايا. هنن کي تہ فطري طور تي ويدن ۾ پنهنجي اصل وطن جي ساراهہ ۾ گيت ڇوڙڻ گهرجن ها. ٻاهريان حملي آور هميشہ مفتوح قوم جي ڌرتي، درياهن، ٻولي، ريتن رسمن ۽ ثقافت سان محبت نہ پر نفرت ڪندا آهن. پر هتي اهو ڪيئن ٿيو تہ ٻاهران آيل حملي آورن پنهنجي اصل وطن کي وساري سنڌو جي شان ۾ قصيدا ڳايا.

**حوالا:**

(1) Rig Veda, translated by Ralph T.H. Griffith in 1896 (PDF)

(2) Stephaniem Jamison and Joel Brereton (2014), The Rigveda : the earliest religious poetry of India, Oxford University Press, ISBN 978_0199370184,
(3) Advani, Bheromal, M., Ancient Sindh, Jamshoro,
(4) Advani, Bheromal, M., Ancient Sindh, Jamshoro,
(5) http://www.encyclopediasindhiana.org/article.php?Dflt=%D8%A7%D8%B4%D9%84%D9%88%DA%AA

# آرين ۽ اڻ آرين ۾ ويڙهہ جا سبب

سر مورٽيمر وهيلر 1945ع ۾ موهن جي دڙي جي وڏيڪ کوٽائي ڪرائي. سنڌو سڀيتا جي هن اهم ماڳ جي کوٽائي بعد هن اهو مفروضو قائم ڪيو تہ موهن جي دڙي سميت سنڌو سڀيتا جا ٻيا ماڳ سينٽرل ايشيا ۽ يورپ کان آيل آريا نسل جي حملن آورن تباهہ ڪيا هئا. هن اهو اندازو موهن جي دڙي مان مليل ڪجھہ لاشن جي بنياد تي قائم ڪيو تہ اهي آرين جي حملي ۾ مارجي ويا هئا. جڏهن تہ هڙاپا شهر جي گهرن کي ڏنل ديوارن کي ڪوٽن جو درجو ڏئي اها راءِ قائم ڪئي تہ اهي قلعا آرين تباهہ ڪيا هئا. (1) سر مارٽيمير وهيلر 1946 ۾ جڏهن هڙاپا جي کوٽائي دوران هڪ دڙي جي چوڌاري قلعي نما پٽ دريافت ڪئي تہ هن بنا ڪنهن سوچ ويچار ۽ ٽائيم وڃائڻ جي ان کي آرين جي حملي واري ٿيوري سان سلهاڙي اهو نتيجو ڪڍيو تہ آرين سپتا سنڌو يعني ستن درياهن جي ديس کي حملو ڪري فتح ڪيو ۽ هنن اتان جي رهواسين جي شهرن جي چوڌاري قائم ڪيل قلعا تباهہ ڪيا. (2) مارٽيمير وهيلر موجب ويدن ۾ آرين جي جنگجو ديوتا اندرا سنڌو سڀيتا جي ماڳن کي تباهہ ڪيو. ديوتا اندرا کي ان ويڙهہ ۾ 90 کن قلعا تباهہ ڪندڙ قرار ڏنو پيو وڃي. اهي قلعا ڪٿي هئا، جن کي اندرا تباهہ ڪيو انهن جو ڪوبہ تفصيل مارٽيمر وهيلر وٽ موجود ناهي. مارٽيمير وهيلر هڙاپا جي کوٽاين مان هڪ ڏنل قلعي کي بنياد بڻائي اصل ۾ ميڪس مولر جي آريائي حملي واري ٿيوري کي جواز فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

سر مارٽيمر وهيلر اصل ۾ آرڪيالاجسٽ سان گڏ هڪ فوجي جرنيل بہ هيو. هن جنهن وقت موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي تہ ان کان ٿورو اڳ هو ٻين عالمي جنگ ۾ هڪ برطانوي فوجي آفيسر طور خدمتون سرانجام ڏئي واپس موٽيو هو. جنهن ڪري هو جنگ ۾ ڀرپور ٿيڻ سبب مڙني شين کي جنگ جي پسمنظر ۾ ڏسي رهيو هو. هن موهن جي دڙي جي کوٽائي دوران ڪجھہ لاش ملڻ بعد ان کي شهر تي ٻاهرين حملي آور آرين جي ڪرايل قتلام سان ڀيٽ ڏني ۽ هڙاپا موهن جو دڙو ۾ گهرن جي ڏنل پٽين کي حفاظتي ڪوٽ ۽ قلعا قرار ڏئي اهو نتيجو ڪڍيو تہ اهي قلعا حملي آور آرين تباهہ ڪيا هئا. (3)

سر مارٽيمر وهيلر جي ان راءِ سان ٻيا ڪيترائي ماهر متفق نہ هئا. آسٽريليا جي ناميارو آرڪيالاجسٽ وي گورڊن چلڊي (جنم: اپريل 1892ع - وفات: آڪٽوبر 1957ع) مطابق سنڌو سڀيتا جي ماڳن تان ڪنهن بہ قسم جا جنگي هٿيار نہ مليا آهن، نہ وري شهر ڪنهن اوچتي حملي ۾ تباهہ ٿيل يا جنگ جي صورت ۾ ٻاهہ ڏئي ساڙيل نظر اچن ٿا. موهن جي دڙي مان مليل ڪجھہ

لاشن مان اهو نتيجو نه ٿو ڪڍي سگهجي ته هن شهر ۾ ڪو ٻاهران آيل حملي آورن قتل عام ڪيو هو. ناميا ري آرڪيالاجسٽ مارڪ ڪينوائر به مارٽيمر وهيلر جي مخالفت ڪندي چيو ته سنڌو سيپتا جي شهرن جي ٽائون پلاننگ ۾ قلعن جي ڪا به ثابتي نه ٿي ملي. اهي پٽيون ڪنهن جنگ جي پسمنظر ۾ جوڙيل نظر نه ٿيون اچن. سندس چوڻ موجب اسان کي سنڌو سيپتا جي ماڳن جي کوٽاين دوران ڪنهن به قسم جي جنگ دوران ٿيل تباهي جا ثبوت نه ٿا ملن. ان سان گڏ اسان کي شهرن ٻاهران ڪنهن به قسم جا داخلي دروازا نظر نه ٿا اچن, جيڪي ڪنهن ٻاهرين حملي يا جنگ کان بچاءُ لاءِ جوڙيا ويا هجن. (4) ساڳي طرح جارج ايف ڊيلز به مارٽيمر وهيلر جي ان راءِ سان متفق نظر نه ٿو اچي. ڊيلز موجب اسان کي موهن جي دڙي جي مٿين تهه مان ڪنهن به قسم جي ساڙ ٻار جا آثار نه ٿا ملن, نه وري ڪنهن جنگ جي صورت ۾ ماڻهن جا لاش ۽ جنگ ۾ استعمال ٿيل اوزار ملن ٿا. سنڌو سيپتا جي ماڳن تان اسان کي ڪو هڪ به اهڙو ثبوت نه ٿو ملي, جنهن مان اهو تاثر ملي ته آرين حملو ڪري هنن شهرن کي فتح ڪيو هو. (5)

آرين ۽ اڻ آرين وچ ۾ گهرو ويڙهه کي پرڏيهه کان آيل حملي آورن ۽ ديس ڌڻين وچ ۾ جنگ قرار ڏيڻ واري مفروضي کي 20 صديءَ جا آرڪيالاجي, اينٿروپالاجي ۽ جينيات جا ماهر رد ڪري چڪا آهن. اصل ۾ 1500 ق-م ڌاري جڏهن زرعي نظام وڌيڪ پڪو پختو ٿيو ته ذاتي ملڪيت جو تصور وڌيڪ گهرو ٿيو ۽ سنڌو ماٿري جو سماج آهستي آهستي طبقن ۾ ورهائجڻ لڳو. جنهن بعد ئي هيٺين ۽ مٿئين طبقي ۾ اختلاف وڌڻ لڳا, جن اڳتي هلي جهيڙن جي صورت اختيار ڪئي. هندن جي مذهبي ڪتاب ’رگ ويد‘ ۾ جن جنگين جو ذڪر آهي, اهي جنگيون ڌرتي ڌڻين ۽ ٻاهرين حملي آورن ۾ نه هيون, پر اها ويڙهه اصل ۾ هيٺين ۽ مٿئين طبقي ۾ شروع ٿي. انهن جنگين کي يورپي محقق سنڌو ماٿري جي رهواسين ۽ ٻاهران آيلن ۾ لڙايون ڪري پيش ڪن ٿا. جيئن مٿي ذڪر ڪري چڪو آهيون ته آريا اهي ماڻهو هئا, جيڪي اوائلي سماج ۾ هاريو ڪندا هئا ۽ سماج جي ٻين طبقن جي پيٽ ۾ وڌيڪ محنتي هئا. انهن آرين (هارين) ئي دولت گڏ ڪرڻ شروع ڪئي ۽ جڏهن دولت جججهي مقدار ۾ جمع ٿي ۽ وڌيڪ دولت جمع ڪرڻ جو حرص پيدا ٿيو ته هو (آريا) اوائلي اشتراڪي سماج (راجوٽي سماج) جا مخالف ٿي پيا ۽ پاڻ کان ڪمزور ۽ سست ماڻهن کي پنهنجو غلام بنائي ورتو ۽ پاڻ پئسي ۽ دولت جي بنياد تي سڏريل, شريف ۽ اوچي ذات جا ٿي ويا. جڏهن اهي آريا (سڏريل) مٿئين طبقي جا ماڻهو هيٺئين طبقي وارن جو استحصال ڪرڻ لڳا ته منجهن جنگيون ۽ جهيڙا جنم وٺڻ لڳا. ان ڪري هيٺين طبقي جا ماڻهو لڏي ٻين ڏيهن ڏانهن ويا ۽ اتي وچي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪين. ان مان اهو مطلب وٺڻ بلڪل غلط ٿيندو ته ڪو ٻاهران آيلن اچي سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ هنن هتان جي اصل رهواسين کي ڌڪي سنڌ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ پاڻ اچي ڪاري جا مالڪ ٿي ويهي رهيا. (6)

**حوالا:**

(1)Wheeler, R.E.M., “Harappa 1946: The Defences and Cemetery R 37”, Ancient India, 3 (1947), p.82.
(2)Danino, Michel, Aryans and the Indus Civilization: Archaeological, Skeletal and Molecular Evidence, Book: A Companion to South Asia in the Past, Pp.207_8, April, 2016.
(3)Wheeler R.E.M. 1947. Harappa 1946: the defences and cemetery R-37. Ancient India 3: 58–130.
(4)Kenoyer JM. 1998. Ancient cities of the Indus Valley civilization. Karachi and Islamabad: Oxford
University Press and American Institute of Pakistan Studies. P.56
(5)Dales GF. 1964. The mythical massacre at Mohenjo Daro. Expedition 6(3): 36–43.
(6)Sindhi, Ruk, Rise of Indus Civilization, Hyderabad, Sindh.

# آريائي ٿيوري ماهرن طرفان رد

ڀارت سميت دنيا جي ڪيترن ئي آرڪيالاجي، اينٿروپلاجي ۽ تاريخ جي ماهرن انگريزن جي آرين جي حملي بابت ٿيوري کي نہ فقط قبولڻ کان انڪار ڪيو پر دليلن سان ان کي رد ڪيو آهي. آريا حملي واري ٿيوري جي مخالفت خود ڪيترن ئي يورپي ماهرن ڪئي. بينڪي دور ۾ سنسڪرت ۽ يورپي ٻولين ۾ هڪ جهڙائي کي بنياد بڻائي برصغير تي آريا نسل جي ماڻهن جو حملي سان جوڙڻ جي خود ڪجهہ يورپي ماهرن بہ مخالفت ڪئي. جن ۾ برطانوي تاريخدان ائزڪ ٽائلر (Isaac Taylor) (جنم مئي 1829ـ وفات آڪٽوبر 1901ع) بہ شامل هو. ٽائلر ٻولي ۽ نسلي گروپ ۾ هڪجهڙائي کي سختي سان رد ڪيو. جڏهن تہ فرينچ آرڪيالاجسٽ سيلومون رينيچ (جنم آگسٽ 1858ـ وفات نومبر 1932ع) آريائي نسل جي تصور کي ئي رد ڪيو. هن آريائي نسل واري تصور کي رد ڪندي چيو تہ اهو هڪ مفروضو ۽ ان تي ڳالهائڻ بي وقوفي آهي. ساڳي طرح برطانوي بائيولاجسٽ جولين هڪسلي (جنم جون 1887ـ وفات فيبروري 1975ع) بہ حياتياتي بنيادن تي انڊو يورپين ٻولين واري خاندان ۽ آريائي نسل واري تصور وچ ۾ ڳانڍاپي کي رد ڪري ڇڏيو. (1)

برطانيہ جي بائيولاجسٽ ۽ نيچرل سائنس جي ماهر سر جولين هڪسلي (Julian Huxley) (جنم: 22 جون 1887ع وفات: 14 فيبروري1975ع) طرفان بہ ان کي بي بنياد قرار ڏنو ويو. هسڪلي جو چوڻ هو تہ " آريا نسل يا ان حملي واري ٿيوري جو ڪو بہ سائنسي بنياد نہ هيو. اهو فقط سياسي پرچار خاطر هڪ وکر هيو. جنهن کي هتي ڏيڻ لاءِ ٻولي جو جواز فراهم ڪيو ويو." (2) سر جولين هڪسلي 1939ع ۾ آرين نسل واري ٿيوري کي رد ڪندي لکي ٿو تہ "نوجوان جرمن اسڪالر فريڊرڪ ميڪس مولر 1848ع ۾ آڪسفورڊ ۾ رهائش اختيار ڪئي. بدقسمتي سان ميڪس مولر ئي 1853ع ۾ پهريون ڀيرو انگريزي زبان ۾ ٻولين جي هڪ وڏي گروپ جي سڃاڻپ طور آريا لفظ جو استعمال ڪيو. مولر نہ فقط آريا لفظ ٻولين جي هڪ وڏي گروهہ طور استعمال ڪيو پر آريا نسل جو بي بنياد مفروضو بہ قائم ڪيو. ان نظرئي کي بعد ۾ جرمني ۽ برطانيہ پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪيو." (3) (4) (5)

بنگال سان واسطو رکندڙ مشهور تاريخدان ۽ ماهر سوامي ويوو ڪانندا (Swami Vivekananda) (جنم: 1863ع، وفات 1902ع) آرين جي ان ٿيوري کي رد ڪندي چوي ٿو تہ انهن يورپي ماهرن (پنڊتن) وٽ آرين جي برصغير تي حملي جو ڪهڙو ثبوت موجود آهي،

هنن کي ڪيئن خبر پئي، ڪٿان خبر پئي ته انهن جهنگلي ۽ رول نسل جي آرين ڪنهن ٻئي ملڪ مان اچي هن ماٿري تي حملو ڪري ان تي قبضو ڪيو. ڪهڙي ويد مان ڪين اهڙي ثابتي ملي آهي. هو ان بي بنياد ٿيوري مان ڪهڙا مقصد ماڻڻ چاهين ٿا. سوامي ويوڪانندا 4 مارچ 1895ع تي مهاراجا کتري کي موڪليل هڪ جوابي خط ۾ لکي ٿو ته يورپي پنڊتن جي اها ٿيوري ڪوڙي ۽ بي بنياد آهي. يورپي پنڊتن کي جڏهن به موقعو ملي ٿو ته هو هتان جي مقامي ماڻهن کي اهو بانور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته جيئن صديون اڳ سنڌن نسل جي آرين هن خطي تي قبضو ڪيو هو هنن به هندستان تي قبضو ڪري ان تسلسل جو ٻيهر ورجاءُ ڪيو آهي.(6) (7)

ڀارتي آرڪيالاجسٽ ڊاڪٽر اين ايس راجارام (N.S. Rajaram) موجب آرين جي حملي واري ٿيوري سميت آريا لفظ انتهائي منجهائيندڙ معاملو رهيو آهي. آريا لفظ جو انتهائي غلط استعمال ڪيو ويو آهي. سندس موجب موجوده دور ۾ سائنسي بنيادن تي تحقيق بعد اهو ثابت ٿيو آهي ته برصغير تي آرين جو ڪو به حملو نه ٿيو هو ٻيو ته رگ ويد جا ماڻهو انديا ۾ 4000 ق م جا آباد ٿيل آهن. آرين جي حملي واري ٿيوري نسلي ۽ سياسي بنيادن تي ٻڌل آهي، ان جو تاريخ سان ڪو به واسطو ناهي.

آريا نسل واري ٿيوري گهڙيندڙ جرمن ماهر فريڊرڪ ميڪس مولر 1850ع ڌاري انگريزي ٻولي ۾ ”آريا“ لفظ ٻولين جي هڪ وڏي گروپ طور متعارف ڪرايو. هن نه فقط آرين ٻولين جي گروپ وارو ڪوڙو ۽ بي بنياد نظريو ڏنو پر ان سان گڏ آرين نسل جو به مفروضو متعارف ڪرايو. ڊاڪٽر اين ايس راجارام موجب ان بي بنياد نظرئي کي جرمني ۽ انگلينڊ جي انهن ليکڪن هٿي ڏني ۽ ان جي وڏي چڙهي پرچار ڪئي، جيڪي بنيادي طور انساني نسل بابت تعليم (Ethnology) کان اڻ ڄاڻ هيا. ڊاڪٽر اين ايس راجارام موجب آرين حملي واري ٿيوري جرمنن ايجاد ڪئي ۽ برطانيه ان کي پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو. آرين بابت هڪ نسل طور تصور ۽ ان کي آريائي وطن سان ڳنڍڻ واري نظرئي جا خالق جرمن قومپرست هئا. (8) (9)

ساڳي طرح ٻئي هڪ ڀارتي فلاسافر شري اوروبندو (Sri Aurobindo)(جنم: 1872، وفات: 1950ع) به آرين بابت ان ٿيوري کي مذمت لائق قرار ڏيندي لکيو آهي ته يورپين جي اها ٿيوري بي بنياد هئي. ويدن، اپنشدن ۽ گيتا جي هن بنگالي ماهر موجب ويدن مان اهڙو ڪو به ثبوت نه مليو آهي ته پرڏيهي نسل جي آرين ڀارت تي حملو ڪري قبضو ڪيو هو. هن آرين جي ان ٿيوري کي اتر ۽ ڏکڻ هندستان جي عوام منجهه ويڇوٽيون پيدا ڪرڻ جي هڪ سامراجي سازش قرار ڏنو هو. (10) شري اوروبندو موجب ويدن ۾ آيل آريا لفظ ڪنهن نسل جي نمائندگي نه ٿو ڪري نه وري انڊيا ۾ ٻن ثقافتن جي نشاندهي ڪري ٿو. پر اهو لفظ ”ار“ (هر) يعني ٻني ڪيڙيندڙ طور استعمال هيٺ آيل آهي. (11)

سنڌ ۾ آمري ۽ بلوچستان ۾ پيرڪ جي ماڳن جي کوٽائي ڪرائيندڙ فرينچ ماهر زين ميري ڪيسل 1969ع ۾ پنهنجي رپورٽ ۾ آريائي حملي واري مفروضي بابت لکيو ته، هيل تائين ڪنهن به ماڳ تان آرين جي حملي سان واسطو رکندڙ ڪا به باقيات نه ملي آهي. جيڪڏهن آريا هتي آيا هئا ته سنڌن ان دور جي اهڙي تلوار يا ڪو خنجر ته ڏيکاريو وڃي. (12) سنڌو سڀيتا جي آخري دور کان پوءِ وارن انهن ماڳن تان گهرن ۾ استعمال ٿيندڙ ٿانون، معيشت سان واسطو رکندڙ سامان، رانديڪا، لکتون، جنگ ۾ استعمال ٿيندڙ اوزار يا اڏاوتن جا نمونا نه مليا آهن. جن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ته هتي ڪي پرڏيهه مان آيل ماڻهو رهندڙ هئا.

يورپي ماهرن طرفان آريا لفظ جي غلط استعمال پويان سياسي مفاد هيا. يورپين طرفان آريا لفظ جي غلط استعمال ڪي سمجهڻ لاءِ اسان ڪي يورپ ۽ خاص ڪري جرمني جي 18 ۽ 19 صديءَ واري تاريخ ۾ پوئتي وڃڻو پوندو. آرين ٿيوري جون پاڙون يورپين جي سامي تهذيب سان نفرت واري نظرئي ۾ کتل هيون. ناميارن اسڪالرن پولياڪوف ۽ شيفر طرفان ٿيل تازي تحقيق موجب 18 ۽ 19 صدي ۾ يورپين طرفان آرين جي حملي واري ٿيوري گهڙڻ جو مقصد پاڻ کي يهودين کان ڌار سڃاڻپ ڏيڻ جي هڪ ڪوشش هئي.

ڀارت جي نامياري آرڪيالاجسٽ بي بي لال يورپي آرين جي حملي واري ٿيوري کي ثبوتن سان رد ڪيو آهي. بي بي لال آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جو 1968ع کان 1972ع تائين ڊائريڪٽر جنرل رهيو. هن سنڌو سڀيتا جي ڪيترن ئي قديم ماڳن جي کوٽائي ۾ ڀرپور ورتو. هن سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي لکيل پنهنجن هڪ کان وڌيڪ تحقيقي ڪتابن ۾ ثبوتن سان ان ٿيوري کي رد ڪيو آهي. (13) (14) سندس چوڻ آهي ته سنڌو سڀيتا 2600 ق م کان 1900 ق م تائين پنهنجي جوڀن تي هئي. سنڌو سڀيتا جي ماڳن تي کوٽاين مان اهڙي ڪا به ثابتي نه ملي آهي ته هي تهذيب سينٽرل ايشيا کان آيل جنگجو آرين جي حملي سبب تباهه ٿي. سنڌو سڀيتا جي پوئتي پوڻ جا سبب موسمي تبديليون، ماحولياتي تباهي يا واپار جي پوئتي پوڻ ٿي سگهن ٿا. جيتوڻيڪ هن وقت تائين ڪجهه ڏريون آرين جي ٿيوري ۾ يقين رکن ٿيون ۽ اها ٿيوري شاگردن کي پڙهائي وڃي ٿي، پر ڪين اها ڳالهه تسليم ڪرڻ ۾ وقت لڳندو ته آرين جي حملي واري ٿيوري جو ڪو به ثبوت موجود ناهي. اهو سڀ ڪجهه رات وچ ۾ نه ٿيندو. پر ان ۾ وقت لڳندو. پروفيسر بي بي لال چوي ٿو ته آرين جي ٿيوري ۾ يقين رکندڙن کي اهو سمجهڻ ۾ وقت لڳندو ته رگ ويد ۾ ٻڌايل جاگرافي به سنڌو سڀيتا سان سلهاڙيل آهي. (15)

آريا سماج جو باني ۽ ويدڪ ثقافت جو ماهر ديانندا سراسواتي (Dayananda Saraswati) (جنم: 1824ع ۽ وفات: 1883ع) به آرين جي پرڏيهي هجڻ ۽ سنڌن ڀارت تي حملي جي نفي ڪندڙ ماهرن ۾ شامل آهي. ديانندا برصغير جو انهن پهرين ماهرن جي فهرست ۾ شامل هيو جن آرين جي حملي واري ٿيوري کي بي بنياد قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو هو. (16) سوامي ديانندا

سراسواتی آرين جي حملي واري ٿيوري کي رد ڪندي 1875ع ۾ پنهنجي ڪتاب (Satyartha Prakasha) ۾ لکي ٿو تہ سنسڪرت جي ڪنهن بہ قديم ڪتاب ۾ اهو لکيل ناهي تہ آريا ايران کان هتي آيا ۽ هتان جي اصلي باشندن کي شڪست ڏئي پڇائي هن ملڪ جا والي وارث ٿي ويٺا. ان ڪري اسان پرڏيهي يورپين جي اها ٿيوري ڪيئن تسليم ڪيون. سندس موجب ڀارت جي ڪنهن بہ قديم لٽريچر مان اها ثابتي نہ ٿي ملي تہ آرين هن ملڪ کي فتح ڪيو هو. آريا ڪنهن ڌار نسل جا ماڻهو نہ پر هن ملڪ جا قديم باشندا هئا. جن جو ڀارت جي لٽريچر، ادب ۽ ثقافت ۾ وڏو حصو رهيو آهي.

بابا صاحب امبيدڪر (Baba SahebAmbedkar) (جنم: 1891ع ۽ وفات: 1956ع) بہ برصغير تي آرين جي حملي واري ٿيوري کي ڪوڙ ۽ ٺڳي تي ٻڌل تصور ڪندي، ان خلاف آواز بلند ڪيو. 76 سال اڳ بابا صاحب يورپين جي ان آرين ٿيوري کي رد ڪندي لکيو تہ ويدن ۾ اهڙي ڪنهن بہ آرين نالي نسل جو ذڪر ناهي. هن موجب ويدن مان اهڙي ڪابہ ثابتي نہ ملي آهي تہ آرين نالي ڪنهن نسل انڊيا تي حملو ڪيو ۽ ٻاهران آيل آرين هتان جي اصلوڪن رهواسين کي فتح ڪيو. ان ڳالهہ جو بہ ويدن مان ڪو ثبوت نہ مليو آهي تہ آرين ۽ داسن ۾ تفريق طبقاتي نہ پر نسلي بنيادن تي هئي. سندس موجب ويدن ۾ آرين ۽ داسن ۾ رنگ جي تفاوت جو بہ ڪو ذڪر موجود ناهي. (17) (18) (19)

## حوالا:


(1) Danino Michel, Aryans and the Indus Civilization: Archaeological, Skeletal and Molecular Evidence, Book: A Companion to South Asia in the Past, Pp.205_224, April, 2016. (https://www.researchgate.net/publication/301336677_Aryans_and_the_Indus_Civilization_Archaeological_Skeletal_and_Molecular_Evidence)

(2) Danino Michel and Sujata Nahar, The Aryan Invasion of Europe, The Invasion that never Was. p. 28_33

(3) Rajaram N. S.,Caste and Science: Hot Air and Cold Fusion

(4) Preston Peet, Disinformation guide to ancient aliens, lost civilizations, astonishing archaeology & hidden history, San Francisco, 2013, P. 41

(5) http://archaeologyonline.net/artifacts/aryan_invasion_history
(6) The complete works of Swami Vivekananda, Jan1989,Vol.V,P.534.
(7) Letters of Swami Viveknanda,1976,P.232
(8) Bryant, Edwin (March 2004). The Quest for the Origins of Vedic Culture : The Indo_Aryan Migration Debate. Oxford University Press. pp. 347, 82.
(9) Rajaram N. S., Closing the Chapter on the Aryan Problem, http://archaeologyonline.net/artifacts/decline_of_ai
(10) Goel M. Lal, The Myth of Aryan Invasions of India, University of West Florida, http://www.infinityfoundation.com/mandala/h_es/h_es_goel_m_aryan_frameset.htm
(11) Varma Vishwanath Prasad, The Political Philosophy of Sri Aurobindo, 1990
(12) Danino Michel, (2018) Fabricating Evidence in Support of the Aryan Invasion/Migration Theory, P_07. National Conference on Indian History: Emerging Perspectives, Indian Council of Historical Research, New Delhi
(13) Lal Braj Basi, (2002). The Sarasvatī flows on: the continuity of Indian culture. Aryan Books International
(14) Lal Braj Basi, (2005). The Homeland of the Aryans. Evidence of Rigvedic Flora and Fauna & Archaeology. Aryan Books.
(15) Interview of B. B. Lal, Hinduism Today, May, 1998

http://hindunet.org/hvk/articles/0302/167.html

(16) Wadhwa Y K,The Myth of the Aryan invasion of India.

https://agniveerfan.wordpress.com/2011/08/04/dayanand_vedas_4/

(17) Ambedkar Baba sahib: Writings and Speeches, Volume 7, Education Department, Government of Maharashtra, 1990, Page_85

(18) The Annihilation of Caste (1936) (The 2014 annotated edition, published by Navayana in India, and Verso in North America, has an extended introduction by Arundhati Roy)

(19) Castes in India: Their Mechanism, Genesis and Development was a paper read by Dr. Bhimrao Ramji Ambedkar at an anthropological seminar of Dr. Alexander Goldenweiser in New York on 9 May 1916. It was later published in Indian Antiquary, Vol. XLI in May 1917

# سنڌو سڀيتا کي دراوڙي قرار ڏيڻ وارو مفروضو

بيٺڪي دور ۾ يورپي ماهرن طرفان سنڌو ماٿري تي آرين جي حملي کي جواز بخشڻ لاءِ ڏکڻ انڊيا ۾ رهندڙ دراوڙن کي سنڌو سڀيتا جا وارث قرار ڏنو ويو. يورپي ماهرن موجب دراوڙن کي نام نهاد آرين سنڌو ماٿري تي حملو ڪري ڀڄائي ڪڍيو. آرين جي حملي ۽ سنڌو سڀيتا کي ناس ڪرڻ بعد اهو مفروضو گهڙڻ بہ ضروري هيو تہ سنڌو ماٿري جا وارث حملي بعد لڏپلاڻ ڪري ڏکڻ هندستان يعني تامل ناڊو هليا ويا. دراوڙن کي يورپي ماهرن نفرت وچان آفريقن وانگر رنگ جا ڪارا، بدشڪل، بي ڍولا قرار ڏنو جڏهن تہ حملي آور آريا گوري رنگ جا قرار ڏنا ويا.




يورپي ماهرن جي ان دعويٰ مطابق دراوڙ شروع ۾ انڊيا جي اترين حصن ۾ رهندا هئا، جن کي بعد ۾ ٻاهران آيل حملي آور آرين انڊيا جي ڏاکڻي علائقي طرف ڌڪي ڇڏيو. دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ انڊيا جي ڏکڻ وارن علائقن جا رهائشي آهن. انڊيا جي انهن رياستن ۾ تامل ناڊو، ڪيريالا، ڪرناٽڪا، آنڌرا پرديش، تيلگانا شامل آهن. دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ انڊيا جي آبادي جو 20 سيڪڙو آهن. دراوڙي ٻولين جي گروپ ۾ تامل، مليالم، تيلگو ڪناڊا ۽ تلو سميت 70 زبانون شامل آهن. (1) (2)

يورپي ماهرن طرفان موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي کوٽائين بعد سنڌو سڀيتا کي دراوڙي تهذيب قرار ڏيڻ جو ڪوبہ ٺوس جواز موجود نہ هيو. جڏهن 1924ع ۾ سر جان مارشل موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي تہ هن اعلان ڪيو تہ موهن جي دڙي مان مليل ٻولي دراوڙي زبان ۽ سنڌو تهذيب دراوڙي تهذيب آهي. هتي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ جڏهن اجا موهن جي دڙي جي کوٽائي شروعاتي مرحلي ۾ هئي ۽ ان مان مليل لکت پڙهجي نہ سگهي هئي تہ سر جان مارشل اهو اندازو ڪيئن لڳايو تہ موهن جي دڙي جي وارثن جي ٻولي دراوڙي هئي ۽ هي تهذيب دراوڙن جي تهذيب هئي. سر جان مارشل

جي ان دراوڙي تهذيب واري مفروضي کي هينري هيراس (Henry Heras)، آسڪو پارپولا (Asko Parpola) ۽ اروٿم مهاديون (Iravatham Mahadevan) اڳتي وڌايو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌو سڀيتا آڳاٽي دراوڙي بڻ بڻياد رکندڙ هئي. (3) (4)

هندن جي ڌرمي ڪتابن ويدن جو اڀياس ڪندڙ ماهرن موجب رگ ويد ۾ ڪٿي به لفظ دراوڙ ڪنهن نسلي گروپ طور استعمال ٿيل نه آهي. جڏهن ته دراوڙ لفظ رگ ويد بعد لکيل سنسڪرت ادب جي ڪتابن ۾ جاگرافيائي خطي طور ڪتب آندل آهي. اينٿروپلاجسٽ سڄي رائو منداولي موجب دراوڙن جو نسلي گروپ طور انڊيا جي لٽريچر ۾ ڪٿي به ڪو ذڪر نه ٿو ملي. (5) رگويد ۾ آرين لفظ جو استعمال ڪنهن نسلي گروپ بدران ثقافتي لفظ طور استعمال ڪيو ويو آهي. جڏهن ته دراوڙي لفظ کي ڏکڻ انڊيا ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين جي گروپ طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. (6) (7) (8) دراوڙ لفظ جي نسلي گروپ طور استعمال انڊيا ۾ ٻيهين صديءَ ۾ ڪيو ويو.

سنڌو سڀيتا جا وارث ڏکڻ هندستان جا دراوڙ نه پر هن ماٿري جا آڳاٽا سنڌي هئا. سنڌو ماٿري تي آرين جي حملي وارو مفروضو برطانوي ۽ جرمن نسل پرست ماهرن طرفان گهڙيو ويو. يورپي ماهرن برصغير سميت دنيا تي پنهنجي ناجائز قبضي کي جواز فراهم ڪرڻ لاءِ هتان جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ لاءِ بي بنياد ٿيوريون اڳيان آنديون. نه فقط قبضاگير برطانوي ۽ جرمن نسل پرستن سنڌو ماٿري جي تاريخ سان هاجا ڪيا، پر اڳتي هلي نسل پرستي ۾ مبتلا روسي محققن به سنڌو ماٿري جي سڀيتا کي هن ماٿري جي اصلوڪي تهذيب قرار ڏيڻ بدران آرين نسلي برتري جي ڍهندڙ يت کي ٽنيا ۽ ٽوٽيون ڏيڻ جون ڪوششون ڪيون.

پر 21 صدي ۾ دنيا جي ناميارن سائنسدانن طرفان جينياتي (Genetic) بنيادن تي ٿيل تحقيق برطانوي، جرمن، تامل ۽ روسي نسل پرستي تي ٻڌل بي بنياد دراوڙي ۽ آرين نسلن واري مفروضي جي تابوت ۾ آخري ڪوڪو نوڪي ڳرندڙ ۽ سڙندڙ لاش کي هميشه لاءِ دفن ڪري ڇڏيو.

آمريڪا جي هڪ نامياري بائيولاجسٽ ۽ اينٿروپلاجسٽ ٽوڊ آر ڊسوٽيل (Todd R Disotell) لڳاتار تحقيق بعد ثابت ڪيو ته اتر ۽ ڏکڻ هندستان جي ماڻهن جي ڊي اين اي ساڳي آهي. ساڳي طرح آمريڪا جي هڪ ٻئي اينٿروپلاجسٽ ڪينٿ ڪينڊي (Kenneth Kennedy)، جان لڪاس (John Lukas) ۽ برين هيمپفل (Brian Hemphill) به ڊي اين اي ذريعي ثابت ڪيو آهي ته اتر ۽ ڏکڻ ڀارت جي ماڻهن جي ڊي اين اي ۾ ڪوبه فرق ناهي.

ايسٽونيا ۽ انڊيا جي جينياتي سائنسدانن سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي آرين جي حملي کي غلط قرار ڏنو آهي. سينٽر آف سيليولر اينڊ ماليڪيولر بائيولاجي، (Centre for Cellular and Molecular Biology (CCMB), Hyderabad) هندو يونيورسٽي حيدرآباد، يونيورسٽي

آف تارتو ايستونيا (University of Tartu, Estonia) ۽ چيٽيند اڪيڊمي آف ريسرچ اينڊ ايجوڪيشن چنائی (Chettinad Academy of Research and Education, Chenna) جی سائنسدانن جی گڏيل ٽيم طرفان برصغير ۾ رهندڙ مختلف نسلن جی ماڻهن جو جينياتی جائزو ورتو ويو. ماهرن جی ان ٽيم طرفان انڊيا جی 30 نسلی گروپن جی ڊي اين اي ٽيسٽ ڪئی وئی. گهٽ ۾ گهٽ 1300 ماڻهن جی به الڳ الڳ بنيادن تی ڊي اين اي ڪئی وئی. ان ڊي اين اي ڊيٽا کی اولهه ايشيا, وچ اوڀر ۽ ڪاڪاسس جی مختلف نسلی گروپن جی ماڻهن جی ڊي اين اي ٽيسٽن جی نتيجن سان ڀيٽيو ويو. جنهن مان اهڙي ڪابه ثابتی نه ملی تی سينٽرل ايشيا رستی يورپ جی ماڻهن يعنی نام نهاد آرين ڪا برصغير ڏانهن لڏپلاڻ ڪئی هئی. (9) يا سنڌو سڀيتا جی وارثن جی شهرن تی قبضو ڪري ڪين هتان لڏپلاڻ تی مجبور ڪيو هو. ان کوجنا بعد ماهرن جی ٽيم جی سربراهه ڊاڪٽر ڪمارا سامی ٿنگاراج (Dr Kumarasamy Thangaraj) چيو آهی ته ان دور جی ماڻهن جی جينياتی تجزئی بعد ثابت ٿيو آهی ته 1500 ق م ۾ آرين جوهن خطی تی ڪوبه حملو نه ٿيو هو نه وري ان دور ۾ يورپ يا سينٽرل ايشيا مان آرين جی هن خطی طرف ڪا لڏپلاڻ ٿی هئی. چاڪاڻ ته ان دور جی ماڻهن جی جينياتی کوجنا بعد هتی آرين جی هجڻ جو ڪوبه ثبوت نه مليو آهی. سينٽر آف سيليولر اينڊ ماليڪيولر بائيولاجی جی اڳوڻی ڊائريڪٽر ۽ هندو يونيورسٽی جی وائيس چانسيلر ڊاڪٽر لال جی سنگهه (Dr Lalji Singh) چيو آهی ته هاڻی وقت اچی ويو آهی ته ان جينياتی تحقيق بعد اسان کی هن خطی جی تاريخ نئين سر لکڻ گهرجی. هن وڌيڪ چيو آهی ته ان ڳالهه جو ڪوبه ثبوت موجود ناهی ته آرين ان دور ۾ سنڌو سڀيتا تی ڪا ڪاهه ڪئی هئی يا وري يورپ کان هندستان طرف ڪا لڏپلاڻ ٿی هئی. ڊاڪٽر لال جی سنگهه چيو آهی ته آرين ۽ دراوڙن ۾ ويڙهه واري ٿيوري بلڪل بی بنياد هئی. هن چيو آهی ته سنڌو سڀيتا جی وارثن کی دراوڙ قرار ڏيڻ به بی بنياد آهن. (10) سنڌو سڀيتا جا وارث دراوڙ نسل جا ماڻهو نه هيا نه وري مٿن آرين کو حملو ڪري ڪين لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو هو. (11)

دي آمريڪن سوسائٽي آف هيومن جينيٽڪس“ (The American Society of Human Genetics) جي ماهرن برصغير ۾ رهندڙ ماڻهن جي جينياتي بنيادن تي تحقيق ڪئي آهي. دنيا جي مختلف ملڪن سان واسطو رکندڙ 15 سائنسدانن ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي جينيات تي لڳاتار 3 سال تحقيق ڪئي. جنهن بعد هنن پنهنجي تحقيق جا نتيجا آمريڪن جنرل آف هيومن جينيٽڪس ۾ شايع ڪيا آهن. ريسرچ ٽيم جي ميمبر ۽ بنارس هندو يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر پروفيسر لالجي سنگهه چيو آهي ته جينياتي بنيادن تي ٿيل تحقيق ثابت ڪيو آهي ته برصغير ۾ آرين يا دراوڙ نسل جي ماڻهن جو ڪوبه وجود نه هيو. آريا ۽ دراوڙ نسل جي ڪابه تفريق موجود نه هئي, پر اها ڪجهه مفاد پرست ماڻهن طرفان من گهڙت ۽ ڪوڙي پرچار هئي. پاڻ وڌيڪ

چوي ٿو ته ان تحقيق ان دعويٰ کي به رد ڪيو آهي ته اتر هندستان جا ماڻهو دراوڙ نسل جا هيا، جيڪي آرين جي حملي ۽ قبضي بعد اتر هندستان مان لڏپلاڻ ڪري ڏکڻ هندستان هليا ويا هئا.

جڏهن ته ريسرچ ٽيم جي هڪ ٻئي ماهر ايسٽونيا جي ايسٽونين بائيو سينٽر تارتو جي ماليڪيورل سائنسدان ڊاڪٽر گائنيشور چوبي (Gyaneshwer Chaubey) چيو آهي ته اسان تحقيق ذريعي ثابت ڪيو آهي ته برصغير ۾ رهندڙ مڙني ماڻهن جو هڪ جهڙو جينيٽڪ بنياد آهي. برصغير جي مڙني ماڻهن جي ڊي اين اي بناوت به ساڳي آهي. هتان جي ماڻهن منجهه گذريل 60 هزار سالن ۾ ڪنهن به پرڏيهي جينز يا ڊي اين اي جي ڪابه مداخلت نه ٿي آهي. ڊاڪٽر چوبي موجب آرين جي برصغير تي حملي واري ٿيوري سراري طور تي بي بنياد آهي. سندس موجب جينيٽڪ بنيادن تي ان تحقيق دوران اسان آٽوسومس (autosomes) کي استعمال ڪيو. يعني اسان پنهنجي تحقيق دوران مڙني 23 ڪروموسومس (chromosomes) کي پنهنجي مطالعي ۾ شامل ڪيو. ان کوجنا ذريعي گذريل 60 هزار سالن جي انسانن جي جينيٽڪ بنيادن بابت معلومات حاصل ڪئي وئي. جنهن سان ان ڳالهه جو پتو پيو ته برصغير جي ماڻهن جا جينز ساڳيا آهن، انهن ۾ ڪوبه ٻاهريون جين داخل نه ٿيو آهي. (12)

ٻئي طرف انڊين ڪائونسل فار هسٽاريڪل ريسرچ (ICHR) جي ڪيل تحقيق موجب ڏکڻ ۽ اتر هندستان جا ماڻهو هڪ ئي جيني پول سان تعلق رکن ٿا ۽ هتي دراوڙ ۽ آريا نالي ڪي به الڳ الڳ نسلي گروپ موجود نه آهن. ڪائونسل جي چيئرمين ۽ نامياري جينياتي سائنسدان پروفيسر ڊي اين ترپاٺي موجب پاڪستان جي جينيٽڪس سائنسدانن طرفان جينياتي تحقيق لاءِ برصغير جي ماڻهن جا سيمپل گڏ ڪري جينياتي تحقيق لاءِ آمريڪا جي ليبارٽرين کي موڪليا ويا. انهن سيمپلن جي نتيجن مان به اها ڳالهه ثابت ٿي ته آفريڪا مان 60 هزار سال اڳ ماڻهن هن خطي طرف لڏپلاڻ ڪئي. پاڪستان جا جينيٽڪس سائنسدانن ان نتيجي تي پهتا ته انڊيا جي اترين ۽ ڏاکڻين علائقن سميت اولهه ايشيا جي ماڻهن جا ساڳيا جينيٽڪ بنياد آهن. پروفيسر ڊي اين ترپاٺي آرين جي حملي واري ٿيوري کي رد ڪندي چيو آهي ته جينياتي ٽيسٽن جي بنياد تي اهو نظريو رد ٿي چڪو آهي. (13) (14)

جينيٽڪ سائنسدان جو هڪ گروپ آرين (اتر هندستان جي مقامي رهواسين) ۽ دراوڙن (ڏکڻ هندستان جي رهواسين) جو هڪ ئي جينيٽڪ بنياد ٻڌائي ٿو. هو دراوڙن ۽ آرين کي هڪ ٻئي کان الڳ الڳ گروپ قرار نه ٿا ڏين. سائنسدانن جو اهو گروپ بينڪي دور جي محققن طرفان آرين ۽ دراوڙن وچ ۾ فرق کي رد ڪري ٿو. سندس چوڻ آهي ته دراوڙ توڙي آريا هن ئي ديس جا اصلوڪا رهواسي آهن. منجهن جينيٽڪ بنيادن تي ڪابه تفريق موجود ناهي. جينيٽڪ سائنسدانن موجب اتر ۽ ڏکڻ هندستان جي رهواسين ۾ هيپلو گروپ R1a1a تمام وڏي سطح تي موجود آهي.

ڪماراسامي ٿنگراج موجب جينومڪ تحقيق موجب اتر انڊيا جا رهواسي ڏکڻ انڊيا جي ماڻهن کان مختلف نہ آهن. اتر۽ ڏکڻ انڊيا جا ماڻهو ساڳيو جينيٽڪ بنياد رکندڙ آهن. (15)

ناميارو محقق آغا حسن داني (اي ايچ داني) سنڌو سڀيتا جي وارثن کي دراوڙ قرار ڏيڻ واري تصور کي رد ڪندي چوي ٿو تہ ڪجھ ماهر آسڪو پرپولا، مهاديون ۽ روس جا ٻولي ماهر ان امڪان تي ڪم ڪري رهيا آهن تہ سنڌو سڀيتا جي ٻولي دراوڙي آهي ۽ سنڌو سڀيتا جا خالق دراوڙ آهن. پر هو پاڻ (داني) ۽ ڀارت جو پروفيسر بي بي لال سندن ان ٿيوري سان سهمت ناهن. داني موجب دراوڙ ڏکڻ هندستان ۾ رهندڙ آهن. جيڪڏهن هو سنڌو سڀيتا جا اڏيندڙ هيا ۽ ڪن سببن جي ڪري هتان لڏي هليا ويا تہ پوءِ هنن اتي پنهنجي ڇڏي آيل سڀيتا جي اڏاوت ڇو نہ ڪئي. ڏکڻ هندستان مان سنڌو سڀيتا جي آثار ڇو نہ مليا آهن. جڏهن تہ گجرات ۽ ملبار مان تہ سنڌو سڀيتا جا آثار مليا آهن. پر اتان ڪوبہ ثبوت نہ مليو آهي، جتي هن وقت دراوڙ رهندڙ آهن. (16) جيڪڏهن دراوڙن آرين جي حملي بعد سنڌو ماٿري جا شهر ڇڏي ڏکڻ هندستان ۾ رهائش اختيار ڪئي تو پوءِ هنن اهڙا شهري مرڪز ڏکڻ هندستان ۾ ڇو نہ قائم ڪيا ۽ حملي سبب ڇڏي آيل تهذيب جو سلسلو پنهنجن نون علائقن ۾ ڇو نہ جاري رکيو. آرڪيالاجي جي ماهرن موجب ڏکڻ هندستان مان اهڙا ڪي بہ قديم آثار نہ مليا آهن، جنهن مان ثابت ٿئي تہ سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي نام نهاد آرين جي حملي بعد هتان لڏپلاڻ ڪري ويل ماڻهن اتي تهذيب جو اهو سلسلو جاري رکيو.

ساڳي طرح ڀارت جي مشهور آرڪيالاجسٽ بي بي لال جو چوڻ آهي تہ سنڌو سڀيتا کي دراوڙي تهذيب قرار ڏيڻ جو ڪوبہ ثبوت موجود ناهي. هن وقت ڏکڻ انڊيا جي دراوڙي ٻولي سان تعلق رکندڙ تامل، تيلگو ۽ ان سان لاڳاپيل زبانون ڳالهائيندڙن کي سنڌو سڀيتا سان جوڙڻ جو بہ ڪو جواز موجود نہ آهي. بي بي لال موجب ميڪس مولر جو اهو نظريو ڪوڙ تي ٻڌل آهي تہ آرين جي حملي بعد سنڌو سڀيتا جا وارث لڏپلاڻ ڪري ڏکڻ هندستان هليا ويا. ڇاڪاڻ تہ ڏکڻ هندستان مان سنڌو سڀيتا جو ڪوبہ ماڳ نہ مليو آهي. جيڪڏهن هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جا ماڻهو لڏپلاڻ ڪري ڏکڻ طرف هليا ويا تہ انهن جو اتان ڪو تہ آرڪيالاجيڪل ثبوت ملڻ گهرجي ها. (17) (18)

يورپي ماهرن آريا حملي واري ٿيوري گهڙڻ وقت اهو موقف اختيار ڪيو هو تہ سنڌو سڀيتا فقط سنڌو ماٿري تائين محدود هئي ۽ ان ماٿري تي آرين حملو ڪري سنڌو سڀيتا جي وارثن کي ڀارت يعني گنگا ماٿري طرف لڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو هو. جڏهن تہ بعد جي دريافتن سندن ان دعويٰ کي بہ ڪوڙو ثابت ڪيو. ڇاڪاڻ تہ سنڌو سڀيتا فقط سنڌو ماٿري تائين محدود نہ هئي، پر بعد ۾ ڀارت جي رياستن چنڊي ڳڙهہ، پنجاب، هريانہ، راجستان ۽ گجرات وارن علائقن ۾ سنڌو سڀيتا جا سوين ماڳ دريافت ڪيا ويا.

سنڌو سڀيتا جا وارث ٿئي شهري تمدن جي پوئتي پوڻ بعد سڄي هندستان ۾ ڦهلجي ويا. دراوڙن سميت موجود هندستان جي ٻولين ۽ ثقافتن تي سنڌو ماٿري مان لڏپلاڻ ڪري ويل ماڻهن جي ٻولي ۽ ثقافت جا اثر موجود آهن. ڊاڪٽر مدن لال گوئيل موجب ليٽن، گريڪ ۽ سنسڪرت جي ماهر سري اروبينڊو انڊيا جي اتر ۽ ڏکڻ واري نسلي تفريق واري ٿيوري کي دفن ڪري چڪو آهي. سري اروبينڊو ان نظرئي سان بلڪل متفق نہ آهي تہ اتر ۽ ڏکڻ انڊيا جون زبانون هڪ ٻئي سان سلهاڙيل نہ آهن يا انهن ۾ ڪوبہ واسطو نہ آهي. تامل زبان جي تحقيق بعد هو ان نتيجي تي پهتو آهي تہ سنسڪرت ۽ تامل زبانون هڪ ٻئي جي تمام ويجهو آهن. هي ٻئي زبانون قديم دور جي گم ٿي ويل هڪ زبان جون شاخون آهن. ڏکڻ انڊيا جي زبانن تامل، ڪاناڊا، تيلگو ۽ ملايلم ۽ سنسڪرت وچ ۾ ڪيترائي لفظ هڪ جهڙا آهن.(19) بي بي لال موجب سنڌو سڀيتا جي وارثن جڏهن دکن ريجن طرف لڏپلاڻ ڪئي تہ سندن زبان دراوڙي ٻولين سميت ڏکڻ اوڀر ايشيا جي آسٽرو ايشيائي زبانن (Austro_Asiatic languages) تي پنهنجا اثر ڇڏيا.(20) آسٽرو ايشيائي زبانن ۾ منڊا، بنگالي، نيپالي، ٿائيلينڊ، ويٽنامي ۽ ڏکڻ چين جون زبانون اچي وڃن ٿيون.

سري اروبينڊو سنسڪرت ۽ تامل زبانن کي جنهن قديم دور جي گم ٿي ويل ٻولي جون شاخون قرار ڏئي ٿو اها يقينن سنڌو ماٿري جي زبان هوندي. جنهن جي الفابيٽ موهن جو دڙو، هڙاپا سميت هريانہ، گجرات، راجستان ۽ اوڀر پنجاب جي قديم ماڳن تان ملي چڪي آهي. سنڌو سڀيتا جي عروج سميت ان جي ڍرڪي پوڻ واري دور ۾ هن ماٿري مان ماڻهن جي لڏپلاڻ دنيا جي ٻين خطن سميت اوڀر انڊيا طرف ٿي. اوڀر طرف لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهو گنگا ۽ جمنا ماٿريون لتاڙي وڃي ڏکڻ انڊيا جي سامونڊي ڪناري تائين پهتا. ان ڪري تامل ۽ سنسڪرت ٻولين ۾ ان ئي گم ٿيل زبان جا لفظ ساڳي صورت ۾ موجود آهن. سرسوتي (هاڪڙو) ندي جي ڪنارن تي آباد ٿيل سنڌو سڀيتا جي ماڳن جي دريافت بہ ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪري ٿي تہ سنڌو سڀيتا جي ڍرڪي پوڻ بعد ان تهذيب سرسوتي ندي جي ڪنارن تي پنهنجو تسلسل جاري رکيو. تازو گجرات ۾ ويدڪ دور جي قديم ماڳ دوارڪا (Dwarka) جي کوٽائي مان ويدڪ دور تي روشني پئجي سگهي ٿو.(21) هندن جي مذهبي ڪتاب "مهاڀارتا" موجب دوارڪا "سنڌو بادشاهت" (Sindhu Kingdom) جو هڪ شهر هيو. (22)

بيٺڪي دور ۾ انگريزن طرفان سنڌو ماٿري جي تهذيب کي نام نهاد دراوڙ تهذيب قرار ڏيڻ پويان جيڪو مفروضو قائم ڪيو ويو. ان موجب سينٽرل ايشيا مان ڪاهہ ڪري آيل آرين سنڌو تهذيب جي وارث دراوڙن کي شڪست ڏئي اهڙو تہ مجبور ڪيو جو هو پير وارين پارٽي رياستن گجرات ۽ راجستان وغيره ۾ پناهہ وٺڻ بدران 5 پارٽي رياستون لتاڙي وڃي 2 هزار ڪلوميٽر پري تامل ناڊو ۾ پناهہ وٺي ويهي رهيا. دنيا جي تاريخ ۾ جنگ سبب اهڙي ڪنهن بہ قسم جي لڏپلاڻ جو مثال نہ ٿو ملي تہ جنگ ۾ ستيل يا شڪست کاڌل ماڻهو پير وارين رياستن ۾ پناهہ وٺڻ بدران 5 رياستون لتاڙي

2 هزار ڪلوميٽر پري هليا ويا هجن ۽ سنڌن باقيات جو انهن وچ وارين رياستن ۾ ڪوبہ وجود نہ ملندڙ هجي.

سنڌو تهذيب جي ماڳن تان مليل ڪافي شيون اسان کي دراوڙي ڪلچر ۾ نہ ٿيون ملن. سنڌو سڀيتا جي ماڳن تان چيس بورڊ، سواستيڪا جا نشان، يوگا جون ثابتيون ۽ ان دور جي ديوين ۽ ديوتائن جون مورتيون ۽ وهنجڻ جا وڏا حوض دراوڙي ڪلچر سان مشابهت نہ ٿا رکن.

سنڌو ماٿري جي ثقافت جون ڪي بہ نشانيون ڏکڻ انڊيا ۾ نہ ملڻ ان جو ثبوت آهي تہ هن تهذيب سان دراوڙي ڳالهائيندڙن جو ڪوبہ تعلق نہ هو. 1900 ق م کان پوءِ جيڪڏهن سنڌو ماٿري مان ڏکڻ انڊيا طرف لڏپلاڻ ٿئي ها تہ ان دراوڙي خطي مان سنڌو ماٿري جي ماڳن تان مليل مهرن، تور جي وٽن، کاڌي خوراڪ ۾ استعمال ٿيندڙ سامان، هار سينگار جي زيورن، گهرن جي اڏاوت، گهٽين ۽ ڊرينيج نظام سميت سنڌو سڀيتا جي ٻين شين جو ڪو تہ ثبوت هٿ اچڻ گهرجي ها.

انساني علم جي ماهرن موجب ڀارت جي ثقافت، لٽريچر ۽ لوڪ ورثي ۾ آريائي ۽ دراوڙي ڌار ڌار نسلن جي بنياد تي ڪوبہ تضاد يا ٽڪراءُ موجود ناهي. دنيا جي ٻين معاشرن وانگر ڀارتي معاشري ۾ بہ طبقاتي بنيادن تي تہ تضاد موجود آهن، پر نسلي بنيادن تي ڪو بہ ٽڪراءُ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. جنهن کي بنياد بڻائي چئي سگهجي تہ ڏکڻ ڀارت جا رهواسي ۽ اتر ڀارت جا رهواسي ڪن الڳ الڳ نسلن جي نمائندگي ڪن ٿا. ماهرن موجب سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي پوئتي پوڻ جا ڪارڻ ڪا وڏي ٻوڏ، ماحولياتي تبديليون يا سوڪهڙو تہ ٿي سگهي ٿو پر ان کي نام نهاد يورپي آرين جي حملي سان جوڙڻ غلط ٿيندو.

ڀارت سميت دنيا اندر ٿيل تازي تحقيق جي بنياد تي اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ سنڌو ماٿري جي سڀيتا دراوڙن جي تهذيب نہ هئي، جنهن کي نام نهاد آريا نسل جي ماڻهن حملو ڪري تباهہ ڪري ڇڏيو. پر سنڌو سڀيتا وڏين ٻوڏن بعد شهري مرڪز تباهہ ٿيڻ کان پوءِ ويدڪ دور ۾ داخل ٿي. جنهن جا ويدڪ لٽريچر ۾ ثبوت موجود آهن. سنڌو سڀيتا جي وارثن ئي ويد لکيا ۽ هندو ڌرم جو بنياد وڌو.

**حوالا:**

(1)Overview of Dravidian languages". Encyclopædia Britannica. Retrieved 4 July 2018.
(2) West, Barbara A. (1 January 2009). Encyclopedia of the Peoples of Asia and Oceania. Infobase Publishing. p. 713. ISBN 978-1-4381-1913-7.
(3)Parpola, Asko (1994). Deciphering the Indus script. New York: Cambridge University Press. ISBN 978-0-521-43079-1.
(4)Parpola, Asko (2015), The Roots of Hinduism. The Early Arians and the Indus Civilization, Oxford University Press
(5)Mandavilli Sujay Rao, The Demise of the Dravidian, Vedic and Paramunda Indus
Hypotheses: A brief explanation as to why these three Hypotheses are no longer tenable, Pp:14-15
(6)Mandavilli Sujay Rao, The Demise of the Dravidian, Vedic and Paramunda Indus Hypotheses: A brief explanation as to why these three Hypotheses are no longer tenable, Pp:6
(7)Mandavilli Sujay Rao, The Demise of the Dravidian, Vedic and Paramunda Indus
Hypotheses: A brief explanation as to why these three Hypotheses are no longer tenable, Pp:7
(8)Trautmann, Thomas R. (2005). The Aryan Debate. New Delhi: Oxford University Press. Pp:20-30
(9)http://indiatoday.intoday.in/story/indians-are-not-descendants-of-aryans-study/1/163645.html
http://timesofindia.indiatimes.com/india/Aryan-Dravidian-divide-a-myth-Study/articleshow/5053274.cms
http://hinduonline.co/Articles/HinduHistory/AryanInvasionTheory.html

(10) http://www.dnaindia.com/india/report_new_research_debunks_aryan_invasion_theory_1623744
(11) Sindhi, Ruk, Rise of Indus Civilization,
(12) Mait Metspalu, Irene Gallego Romero, Bayazit Yunusbayev, Gyaneshwer Chaubey, Chandana Basu Mallick, Georgi Hudjashov, Mari Nelis, Reedik Mägi, Ene Metspalu, Maido Remm, Ramasamy Pitchappan, Lalji Singh, Kumarasamy Thangaraj, Richard Villems, and Toomas Kivisild, Shared and Unique Components of Human Population Structure and Genome_Wide Signals of Positive Selection in South Asia, The American Journal of Human Genetics, 90, 731–744; December 9, 2011

https://www.ncbi.nlm.nih.gov/pmc/articles/PMC3276658/

(13) Tripathi D.N. (2005) A Discourse on Indo European Languages and Culture,, Manak Publications Pvt. Ltd, Delhi
(14) ICHR says – No Aryans or Dravidians, HISTORY: INDIA, JUNE 27, 2006, http://varnam.nationalinterest.in/2006/06/ichr_says_no_aryans_or_dravidi/
(15) https://economictimes.indiatimes.com/opinion/interviews/all_indians_have_the_same_genes_kumarasamy_thangaraj/articleshow/11324640.cms
(16) https://www.harappa.com/script/danitext1.html
(17) Lal B.B (2002). The Sarasvatī flows on: the continuity of Indian culture. Aryan Books International
(18) Lal B.B (2005). The Homeland of the Aryans. Evidence of Rigvedic Flora and Fauna & Archaeology. Aryan Books.
(19) Aurobindo Sri, The Secret of the Veda, V 10, the Centenary Edition, p 36, 46.

(20) Lal, B. B. "Rigvedic Aryans: The Debate Must Go On." East and West 48.3 (1998): 441 JSTOR. Web. 28 Jan. 2013.

(21) S.R. Rao, Lost City of Dvaraka, 1999 http://www.thehindu.com/todays_paper/significant_finds_at_dwaraka/article1801011.ece

(22) Nagar, Shanti Lal, ed. (2012). HarivamsaPurana. p. 555. ISBN 978_8178542188.

# براهوي ۽ دراوڙي تهذيب وارو مفروضو

سنڌو سڀيتا کي دراوڙي تهذيب قرار ڏيندڙ يورپي ماهرن پنهنجي مفروضي کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ بلوچستان ۾ رهندڙ بروهين جي موجودگيءَ جو جواز فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندن موجب بروهي بولي دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ زبانن جي گروپ منجهان آهي ۽ بروهي سنڌو سڀيتا جي دور کان هن خطي ۾ رهائش پذير آهن. سندن موجب بروهي دراوڙن جي پوئينرن مان آهن.

بروهي ٻولي ڳالهائيندڙن جو پاڪستان اندر تمام مختصر تعداد 20 لک کن آباد آهي. پاڪستان سميت افغانستان ۽ ايراني بلوچستان ۾ اندازن 30 لک کن بروهي ڳالهائينڙ رهائش پذير آهن. بروهي ڳالهائيندڙ پاڪستان جي بلوچستان صوبي، ڏکڻ افغانستان، ايراني بلوچستان سميت وچ اوڀر جي عرب رياستن ۾ به مختصر تعداد ۾ رهائش پذير آهن. (1) بروهي ٻولي هن وقت انهن علائقن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي جتي اوڀر ايران جون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. ماضيءَ ۾ بروهي ڳالهائيندڙ لاڏائو برادري سان واسطو رکندڙ رهيا آهن. قديم دور ۾ بروهين جي مستقل رهائش نه هجڻ سبب سندن تاريخ ۽ ٻولي بابت ڪي به آڳاٽيون شاهديون نه ملي سگهيون آهن. مسلسل لڏپلاڻ سبب سندن اصل وطن ۽ ٻولي بابت مونجهارا موجود آهن. هندن جي مذهبي ڪتابن ويدن سميت زرتشتن جي اويستا سميت هن خطي جي ڪنهن به قديم ڪتاب ۾ بروهين جو ڪوبه ذڪر نه ٿو ملي. بروهي ٻولي جي قديم دور ۾ ڪا به اسڪرپٽ موجود نه رهي آهي. جنهن سبب سندن بابت لکت ۾ ڪوبه رڪارڊ نه ٿو ملي. جڏهن ته ويجهڙائي وارن ڏهاڪن دوران بروهي ٻولي ۾ لکڻ جي شروعات ٿي آهي ۽ ان جي باضابطا طور تي الفابيٽ (لپي) جوڙي وئي آهي.

بروهين جي پاڪستان ۾ موجودگي بابت ڪيتريون ئي ٿيوريون گردش هيٺ آهن. جنهن ۾ پهرين ٿيوري بينڪي دور ۾ يورپي ٻولي ماهرن قائم ڪئي. جنهن موجب بروهي دراوڙي ٻولين واري گروپ سان واسطو رکندڙ ۽ سندن باقيات آهن. هو موجوده پاڪستان ۾ ان وقت کان رهندڙ آهن، جڏهن دراوڙ هن خطي ۾ رهائش پذير هئا. سينٽرل ايشيا مان نام نهاد آريائي نسل جي سنڌو ماٿري تي حملي سبب بروهي ٻولي ڳالهائيندڙ دراوڙن جي اتر انڊيا طرف لڏپلاڻ سبب ڪائنن ڪٽجي الڳ ٿي ويا. ان مفروضي تحت بروهي دراوڙن جي باقيات قرار ڏنا وڃن ٿا. (2) (3) جڏهن ته ٻي ٿيوري موجب بروهي 13 يا 14 صدي عيسوي دوران مسلم حڪمراني واري دور ۾ انڊيا کان بلوچستان ۾ لڏپلاڻ ڪري پهتا. ٽين ٿيوري موجب بروهين 1000ع ۾ سينٽرل انڊيا کان بلوچستان طرف

لڏپلاڻ ڪئي. جڏهن ته چوٿين ٿيوري موجب بروهي اولهه ايشيائي ملڪن جا اصل رهواسي آهن، اولهه ايشيا ۾ ايران، اسرائيل، اردن، ڪويت، اومان ۽ ٻيا عرب ملڪ اچي وڃن ٿا.

برطانيه جي ٻولي ماهر سر ڊينس بري (Denys Bray) (جنم: 29 نومبر 1875ع ـ وفات: 19 نومبر 1951ع) بروهي ٻولي ۽ گرامر تي ڪافي تحقيق ڪئي. پاڻ بينڪي دور ۾ بلوچستان ۾ آءِ سي ايس آفيسر هيو. هن بروهي ٻولي جي حسب نسب بابت ڪجهه ٿيوريون پيش ڪيون. سندس راءِ موجب جڏهن يونانين 326 ق م ۾ خراسان ۽ بلوچستان تي قبضو ڪيو ته ان وقت بروهي ٻولي ڳالهائيندڙ افغانستان جي هيلمنڊ ماٿري ۾ رهندڙ هئا. بروهي ان ماٿري کي بروئنا (Baroyana) سڏيندا هئا. اهو نالو اڳتي هلي بروئنا مان تبديل ٿي بروهي بڻجي ويو. سر ڊينس بري موجب بروهين جو سنڌو ماٿري جي تهذيب سان لاڳاپيل هجڻ بابت ڪوبه ثبوت نه ٿو ملي. (4) (5)

جڏهن ته ڪيترن ئي ماهرن جي راءِ آهي ته بروهي سنڌو ماٿري يا موجوده بلوچستان ۾ سنڌو سڀيتا جي دور کان رهائش پذير نه آهن. پر هنن 10 يا 13 صدي عيسوي ۾ موجوده پاڪستان جي علائقن ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. آمريڪا جي لسانيات جي ماهر جوزف ايرون ايلفنبين موجب بروهين جي سنڌو ماٿري ۾ قدامت جو ڪو به ثبوت نه ٿو ملي. (6) پروفيسر ڊاڪٽر جوزف ايرون ايلفنبين (جنم: 16 سيپٽمبر 1920ـ وفات: 8 جون 1987ع) بلوچي ٻولي تي تحقيق ڪندڙ ماهرن ۾ شامل آهي. (7) ڊاڪٽر جوزف موجب بروهين جي پاڪستان ۾ موجودگي سنڌو سڀيتا کي دراوڙي تهذيب ثابت نه ٿي ڪري. جڏهن ته فرانس جو لسانيات جو ماهر جيولس به 1924ع ۾ پنهنجي تحقيق دوران ساڳي نتيجي تي پهتو. جيولس (جنم: پئرس پهرين مئي، 1880ـ وفات: 29 نومبر 1953ع) آرين مفروضي سميت ايراني، دراوڙي ۽ ميراني ٻولين تي تحقيق ڪندڙ ماهرن ۾ شامل آهي. (8)

براهوي ٻولي سميت بلوچستان جي مقامي زبانن تي تحقيق ڪندڙ ماهر نور احمد پيرڪاٽي موجب جيتوڻيڪ سر ڊينس بري، ڊاڪٽر عبدالرحمان بروهي، ڊاڪٽر عبدالرزاق صابر، ڊاڪٽر جاويد اختر ۽ ڊاڪٽر نذير احمد شاڪر، بروهي زبان کي دراوڙي زبان قرار ڏين ٿا ۽ ان ٿيوري ۾ ڪوبه شڪ ناهي. پر مان سمجهان ٿو ته بروهي ۽ بلوچ ساڳي نسل سان واسطو رکندڙ آهن. بلوچي ڳالهائيندڙ مڪران رستي داخل ٿيا، جڏهن ته بروهي ڳالهائيندڙ چاغي رستي داخل ٿيا ۽ هنن قلات جي دراوڙ حڪمرانن کي شڪست ڏني. جنهن بعد دراوڙ ۽ بروهي مٽي مائٽي جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي هڪ ٻئي جا رشتيدار بڻجي ويا. دراوڙن ۽ بلوچي ڳالهائيندڙن ۾ مٽي مائٽي سبب هڪ نئين ٻولي بروهي جنم ورتو. نور احمد پيرڪاٽي پنهنجي ان ٿيوري جي حمايت ۾ دليل ڏيندي چوي ٿو ته بروهي قبيلن جا ماڻهو بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ مختلف زبانون ڳالهائيندڙ آهن. هن موجب خاران، واشڪ ۽ مڪران جا محمد حسني، ساسولي، ملازئي ۽ مينگل قبيلا بلوچي ٻولي ڳالهائين ٿا، جڏهن ته نوشڪي، قلات ۽ سوراب ۾ ساڳيا قبيلا بروهي زبان ڳالهائيندڙ آهن. نور

احمد پير ڪاٽي موجب بروهي ٻولي هڪ هزار سال اڳ بلوچي، فارسي ۽ دراوڙي ٻولين وچ ۾ ميلاپ ڪان پوءِ جنم ورتو. (9)

جسٽس خدابخش مري بروهين کي بلوچن جو آڳاٽو قبيلو قرار ڏيندي چوي ٿو ته قلات جا حڪمران خاندان پنهنجن نالن جي پويان بلوچ لفظ استعمال ڪندا هئا، سندس موجب بروهين ۾ ڪجھ دراوڙي رت به مليل آهي. (10) جڏهن ته نصير بروهي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته بروهي دراوڙ نه آهن، پر بلوچ ۽ بروهي هڪ ئي نسل سان واسطو رکندڙ آهن. (11) خان آف قلات جي حڪومت ۾ وزير رهندڙ آخوند صالح محمد جو 1659ع ۾ لکيل ڪتاب ڪردگل نامڪ ( Kurdgal Namik') تازو هٿ آيو آهي، جنهن ۾ لکيل آهي ته بلوچ ۽ بروهي هڪ ئي خاندان جا ماڻهو آهن. ڪتاب موجب بلوچ ڪرد آهن ۽ بروهي به ڪردن جو هڪ قبيلو آهن. ڪتاب ۾ ان دعويٰ جا ڪي به ثبوت نه ڏنا ويا آهن. (12)

بلوچستان سان تعلق رکندڙ تاريخدان مير گل خان نصير، آغا نصير خان احمدزئي، حاقل خان مينگل، صالح محمد لهري ۽ مير خدابخش مري عرب تاريخدانن، جاگرافي جي ماهرن ۽ ٽورسٽن جي ڪتابن مان اخذ ڪيل ثبوتن بعد ان نتيجي تي پهتا آهن ته براهوي ٻولي توراني ٻولين جي خاندان سان تعلق رکندڙ آهي ۽ توراني ٻوليون آرين ٻولين جي خاندان "ترڪو آرين" سان تعلق رکن ٿيون. مٿين ماهرن موجب بروهي ٻولي ۾ فارسي، بلوچي، پشتو سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولين جا ڪيئي لفظ شامل آهن. اهو ان ڳالھ جو ثبوت آهي ته براهوي آرين ٻولين واري خاندان سان تعلق رکندڙ زبان آهي.

بروهين جا جينيٽڪ بنياد واءِ ڊي اين اي هيپلو گروپ R1a1a_M17 ( 35 سيڪڙو کان 39. 09) سان تعلق رکن ٿا. انهن جينيٽڪ بنيادن جو تعلق سينٽرل ۽ سائوٿ ايشيا سان آهي. ان بنياد تي بروهين جو لاڳاپو قديم دور جي خانہ بدوش انڊو ايرانين گروپ سان آهي. (13) (14)

جينيٽڪ سائنسدانن موجب بروهي دراوڙي آبادي سان وڏي پئماني تي جينيٽڪ هڪجهڙائي رکندڙ نه آهن. جڏهن ته سندن جينيٽڪ بنياد پاڪستان سميت انڊو ايرانين ٻوليون ڳالهائيندڙن سان وڌيڪ ويجهڙائپ رکندڙ آهن. (15)

جينيٽڪ تحقيق موجب بروهي اولھ ايشيائي ملڪن جا اصل رهواسي آهن، اولھ ايشيا ۾ ايران، اسرائيل، اردن، ڪويت، اومان ۽ ٻيا عرب ملڪ اچي وڃن ٿا. (16) بروهين جو جينيٽڪ بنياد Y Haplogroup آهي، سندن جينيٽڪ بنياد پنهنجن پاڙيسرين سنڌين، بلوچن ۽ مڪرانين سان ملندڙ آهي.

آمريڪا سان تعلق رکندڙ لسانيات جي ماهر ڊيوڊ الپين (David McAlpin) دراوڙي ۽ پروٽو ايلميٽڪ ٻولين (Proto_Elamitic) تي تحقيق بعد ان نتيجي تي پهتو آهي ته بروهي ٻولي اصل ۾ دراوڙي زبان نه آهي. ڊيوڊ الپين موجب بروهي زبان ايران جي قديم تهذيب ايلام جي ڏکڻ اولهه واري پروٽو زيگروشين ٻولي (Proto_Zagrosian) واري خاندان جي الڳ شاخ آهي. ڊيوڊ الپين ايران جي پروٽو ايلامي ٻولي کي پروٽو دراوڙي زبان جي پيڙهه قرار ڏئي ٿو. (17) (18) سندس پروٽو دراوڙي ۽ پروٽو ايلام جي زبانن کي هڪ ٻئي جون پينرون قرار ڏيڻ واري موقف سان ڪيئي ماهر متفق نه آهن. ايلامي زبانون 4 هزار ق م ۾ ڏکڻ ايران جي زيگروس جابلو سلسلي واري علائقي ۾ ڳالهايون ويندڙيون هيون. اهو جابلو سلسلو عراق کان شروع ٿي بلوچستان ۾ داخل ٿئي ٿو.

بروهي ٻولي ۾ دراوڙي ٻولين جي مختصر تعداد ۾ لفظ ملڻ تي ان کي دراوڙي ٻولين جي گروپ ۾ شامل ڪرڻ تي به ڪيترن ئي ماهرن سوال اٿاريا آهن. سندن موجب بروهي قبيلن جي مسلسل لڏپلاڻ سبب سندن ٻولي تي دراوڙي ٻولين جو اثر موجود آهي. اصل ۾ بروهي زبان کي دراوڙي ٻولي قرار ڏيڻ واري مفروضي پويان به آريائي نسل پرستي واري ٿيوري جي حامي محققن جو وڏو هٿ هيو. يورپي ماهرن طرفان جڏهن آرين جي سنڌو ماٿري تي حملي وارو مفروضو قائم ڪيو ويو ۽ سنڌو ماٿري جي سڀيتا کي دراوڙي تهذيب قرار ڏنو ويو ته ان لاءِ ضروري هو ته سنڌو سڀيتا واري علائقي ۾ به ان جو ڪو جواز فراهم ڪيو وڃي. بروهين کي دراوڙي ٻولي ڳالهائيندڙ قرار ڏيڻ به سنڌو سڀيتا کي دراوڙي تهذيب ثابت ڪرڻ جي هڪ ڪوشش هئي. ان ٿيوري تحت بينڪي دور جي يورپي ٻولي ماهرن سميت انگريز ڪامورن دراوڙي ۽ بروهي زبان ۾ هڪ جهڙايون ڳولڻ جون ڪيئي ڪوششون ڪيون. ان سلسلي ۾ براهوي ٻولي ۽ ان جي گرامر تي ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا شايع ڪيا ويا. جن ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته آرين جي سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي نام نهاد حملي بعد دراوڙي ٻولي ڳالهائيندڙن هن ماٿري مان لڏي 2 هزار ڪلوميٽر ڏورانهين علائقي تامل ناڊو يعني ڏکڻ انڊيا ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي، جڏهن ته سندن هن خطي ۾ رهجي ويل باقيات ۾ بروهي ڳالهائيندڙ شامل آهن. هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن بروهي ڳالهائيندڙ واقعي دراوڙن جي نک مان هئا ته انهن جي موجودگي جا ثبوت سنڌو ماٿري جي ٻين علائقن خاص ڪري موجوده سنڌ، پنجاب، راجستان، گجرات وغيره مان ڇو نه ملي سگهيا آهن. آخر ڪار بروهي ٻولي ڳالهائيندڙ قديم دور کان بلوچستان جي انهن علائقن ۾ ڇو رهائش پذير آهن، جيڪي ايران ۽ افغانستان جي سرحدن سان ملندڙ علائقا آهن.

ٻولين وچ ۾ هڪجهڙائي جو نسلي گروپن ۾ تعلق سان ڪو به واسطو نه هوندو آهي. ماڻهن جو ڪو به گروپ يا فرد ڪنهن ٻئي ملڪ يا خطي ۾ وڃي رهڻ سان ڪافي وقت کان پوءِ اتان جي ٻولي اختيار ڪري وٺندو آهي. يا وري صديون گذرڻ بعد لڏپلاڻ ڪري ويل گروپ جي زبان مٿان ان نئين ملڪ يا خطي جي ٻولي پنهنجا اثر ڇڏڻ شروع ڪندي آهي. ان ڪري فقط ٻوليءَ ۾ هڪجهڙائي مختلف

نسلن يا ماڻهن جي گروپن وچ ۾ نسلي ڳانداپي کي ثابت ڪري نہ ٿي سگهي. ان ڪري بروهي زبان ۾ مختصر انگ ۾ دراوڙي ٻولين جا لفظ هجڻ ڪري کين نسلي بنيادن تي دراوڙي قرار ڏئي نہ ٿو سگهجي. نہ وري بروهي ڳالهائيندڙن جو سنڌو سيپتا سان ڪو لاڳاپو ثابت ٿئي ٿو. هن وقت سنڌ ۾ رهندڙ هزارين بروهي پنهنجي براهوي زبان سميت سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن آهن. جڏهن تہ سندن وڏو تعداد پنهنجي ماءُ ٻولي بہ وساري چڪو آهي. (19) (20) ساڳي طرح بلوچستان ۾ رهندڙ هزارين بروهي پنهنجي زبان سميت بلوچي کي بہ ٻي مادري زبان طور ڳالهائين ٿا. بروهي زبان ۾ اڻ ڳڻيا سنڌي لفظ هجڻ تي ڇا اسان ان کي سنڌي ٻولي جي زبان ۽ سنڌي نسل قرار ڏئي سگهون ٿا.

## حوالا:


(1) International Journal of Dravidian Linguistics, Volumes 36–37" department of linguistics, University of Kerala

(2) Venkatesh, Karthik (2017–02–18). "A slice of south India in Balochistan". Livemint.com/

(3) electricpulp.com. "BRAHUI – Encyclopaedia Iranica". www.iranicaonline.org.

(4) Denys Bray, The Brahui Language Part 1, Brahui Academy, Quetta, 1977

(5) Denys Bray, The Brahui Language Part 2, Brahui Academy, Quetta, 1978

(6) Mandavilli Sujay Rao, The Demise of the Dravidian, Vedic and Paramunda Indus Hypotheses: A brief explanation as to why these three Hypotheses are no longer tenable, Pp:27–28 (Josef Elfenbein, 1987)

(7) Elfenbein J.H., The Baluchi language: a dialectology with texts, Royal Asiatic Society of Great Britain & Ireland; London, Luzac, 1966

(8) Bloch Jules was a French linguist who studied Indian languages, and was also interested in languages in their cultural and social contexts. (https://en.wikipedia.org/wiki/Jules_Bloch)

(9) Pirkani Noor Ahmed, Theories about the Origin of Brahui Language, PP: 90_100, BRAHUI LANGUAGE Past, Present and Future, Edited by: Sikander Brohi, Brahui Academy, Pakistan, Quetta, 2018

(10) Marri Mir Khuda Bakhsh, Searchlights on Baloches and Balochistan, Royal Book Company, 1974

(11) Brohi Nasser, Studies in Brahui history, Pakistan Herald Press, Karachi, 1977

(12) Rahman Tariq, Teaching in Brahui Language, Pp: 101_203

(13) *Underhill, PA; Myres, NM; Rootsi, S; Metspalu, M; Zhivotovsky, LA; King, RJ; Lin, AA; Chow, CE; Semino, O; Battaglia, V; Kutuev, I; Järve, M; Chaubey, G; Ayub, Q; Mohyuddin, A; Mehdi, SQ; Sengupta, S; Rogaev, EI; Khusnutdinova, EK; Pshenichnov, A; Balanovsky, O; Balanovska, E; Jeran, N; Augustin, DH; Baldovic, M; Herrera, RJ; Thangaraj, K; Singh, V; Singh, L; Majumder, P; Rudan, P; Primorac, D; Villems, R; Kivisild, T (2010).* "Separating the post_Glacial coancestry of European and Asian Y chromosomes within haplogroup R1a". *Eur. J. Hum. Genet. 18: 479–84.*

(14) Qamar, R; Ayub, Q; Mohyuddin, A; et al. (May 2002). "Y_Chromosomal DNA Variation in Pakistan". Am. J. Hum. Genet. 70: 1107–24.

(15) Pagani, Luca; Colonna, Vincenza; Tyler_Smith, Chris; Ayub, Qasim (2017). "An Ethnolinguistic and Genetic Perspective on the Origins of the Dravidian_Speaking Brahui in Pakistan". Man in India. 97 (1): 267–278.

(16) Raheel Qamar, Qasim Ayub, Aisha Mohyuddin, Agnar Helgason, Kehkashan Mazhar, Atika Mansoor, Tatiana Zerjal, Chris Tyler_Smith, and S. Qasim Mehdi, Y_Chromosomal DNA Variation in Pakistan, National Center for Biotechnology Information, U.S. National Library of Medicine8600 Rockville Pike, Bethesda MD, 20894 USA, Published online 2002 Mar 15. Doi: 10.1086/339929

(17) David W. McAlpin, Brahui and the Zagrosian Hypothesis, Journal of the American Oriental Society, Vol. 135, No. 3 (July–September 2015), pp. 551_586

(18) Bashir Elena, The Brahui Language: Recovering the Past, Documenting the Present, and Pondering the Future, BRAHUI LANGUAGE Past, Present and Future, Edited by: Sikander Brohi, Brahui Academy, Pakistan, Quetta, 2018, Pp: 16_17

(19) نذير ”شاڪر“ بروهي، بروهي ۽ سنڌي ٻولي جو لساني ڳانڍاپو، ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، نمبر: 1، 2، 1993ع

(20) ڊاڪٽر داد محمد ”خادم“ بروهي، بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد.

# ايران ۽ آريائي نسلي مفروضو

هندن جي قديم مذهبي ڪتاب رگ ويد وانگر ايران جي زرتشتن (باهہ جي پوڄارين) جو پراڻي ۾ پراڻو مذهبي ڪتاب اويستا قرار ڏنو ويندو آهي. رگ ويد وانگر فارسي زرتشتن جي قديم ڪتاب اويستا ۾ ماڻهن جي هڪ گروپ لاءِ آريا لفظ جو استعمال ٿيل آهي. (1) ڪجهہ محققن ايراني زرتشتن جي مذهبي ڪتاب اويستا (Avesta) جي مطالعي بعد اها راءِ ڏني آهي تہ آريا اصل ۾ انڊيا جا رهواسی هئا, جتان هنن پرشيا موجوده ايران طرف لڏپلاڻ ڪئي. (2) فارسي زرتشتن (Zoroastrianism) جو مذهبي ڪتاب اويستا ساساني بادشاهت جي دور 224ع ـ 651ع ۾ پهريون ڀيرو لکت جي صورت ۾ مليو هو. (3) قديم اويستا زبان 2000 ق م ۾ ڳالهائي ويندي هئي. جڏهن تہ جديد اويستا زبان جو وجود هڪ هزار ق م ۾ ملي ٿو. مذهبي ڪتاب اويستا ڪهڙي دور ۾ سرجيو يا لکيو ويو. ان بابت متضاد رايا آهن. ڪجهہ ماهرن موجب جنهن وقت سنڌو ماٿري ۾ رگ ويد تخليق ٿيو ان ئي دور ۾ اويستا بہ لکيو ويو. ان بابت اڃا ڪا حتمي ثابتي نہ ملي سگهي آهي. ماهرن موجب رگ ويد ۽ اويستا جي ٻولين وچ ۾ هڪجهڙائي موجود آهي. ان جو اهوئي سبب ٿي سگهي ٿو تہ رگ ويد ۽ اويستا جا لکندڙ هڪ ٻئي جا پاڙيسري هيا. (4) سندن وچ ۾ سماجي ۽ واپاري سطح تي رابطا موجود هئا. قديم ايران ۽ سنڌو ماٿري نہ فقط هڪ ٻئي جا پڙيسري ملڪ هئا, پر اصل ۾ هنن جا ايڏا تہ ويجها رابطا هئا جو چڻ تہ ٻئي ملڪ هڪ ٻئي جو حصو هجن. سندن ٻولين ۾ بہ ڪافي هڪ جهڙائي هئي. ٻنهي ٻولين طرفان هڪ ٻئي جو اثر قبول ڪرڻ لازمي هيو.

ويهين صدي جي يورپي محققن آريائي حملي واري ٿيوري کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ ان جي حمايت ۾ ڪيئي دليل گهڙيا. انهن ۾ هڪ دليل اهو بہ هو تہ سينٽرل ايشيا کان سنڌو ماٿري تي حملو ڪري آيل آريا ايران رستي سنڌو ماٿري ۾ داخل ٿيا. آرين سنڌو ماٿريءَ سميت ايران ۾ بہ رهائش اختيار ڪئي. سندن نالي پويان ئي ان خطي تي ايران نالو پيو. جڏهن تہ ايران نالي سان آرين جي حملي يا لڏپلاڻ جو ڪوبہ واسطو نہ هو. هزارين سال اڳ کان موجوده ايران فارس (پرشيا) جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. (5) فارس جي نالي پويان ئي سندن ٻوليءُ کي فارسي ڪوٺيو ويندو آهي. جيئن سنڌ وطن جي پويان سنڌي, پنجاب وطن جي پويان پنجابي ۽ بلوچستان وطن جي پويان بلوچي ٻولي پنهنجي وطني سڃاڻپ رکندڙ آهن, ساڳي طرح فارس وطن جي پويان فارسي زبان هزارين سالن کان فارس جي قومي سڃاڻپ آهي. جيڪڏهن قديم دور ۾ آرين جي حملي ۽ قبضي بعد فارس ملڪ ايران سڏيو وڃي ها تہ سندن زبان بہ فارسي بدران ايراني ٻولي جي نالي سان سڃاڻپ

اختيار ڪري ها. فارس ۾ 600 ق م کان بادشاهتن جو دور شروع ٿيو. جيڪو سلسلو 20 صديءَ تائين جاري رهيو. سائرس اعظم 550 ق م ۾ پهرين بادشاهت جو بنياد وڌو. جڏهن ته آخري بادشاهت رضا شاهه پهلوي جي هئي، جيڪا ايران ۾ اسلامي طرز حڪومت قائم ٿيڻ بعد فيبروري 1979ع ۾ ختم ٿي وئي. فارس ملڪ کي ايران نالو رضا شاهه پهلوي جي دور حڪمراني ۾ 1935ع ۾ ڏنو ويو. (6) جنهن جي ملڪ اندر ڪافي مخالفت پڻ ڪئي وئي. (7) هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته رضا شاهه پهلوي کي آخر فارس جو هزارين سال پراڻو نالو بدلائي ايران رکڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي. ان پويان به يورپي ۽ نازي جرمني جي نسل پرست سوچ موجود هئي. جڏهن يورپ جي محققن ۽ خاص ڪري جرمني جي هٽلر آرين کي دنيا جو اعليٰ نسل قرار ڏئي، دنيا مٿان پنهنجي حڪمراني کي جائز قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ايران جي شاهي خاندان به آرين نسل پرستي واري ٿيوري تحت پاڻ کي باقي دنيا کان برتر تسليم ڪرائڻ لاءِ ساڳي سوچ جو مظاهرو ڪيو. جيئن ته يورپي دانشورن آريائي حملي آور گروپن کي وچ ايشيائي قرار ڏنو هو ۽ اهي علائقا فارس جي سرحدن سان لاڳاپيل هئا، ان ڪري آريائي نسل پرستي واري سوچ تي فارس جي شاهي خاندان پنهنجو حق وڌيڪ جتائيندي پاڻ کي آريا قرار ڏيڻ شروع ڪيو ۽ ملڪ جو نالو ايران هجڻ جو اعلان ڪيو. جنهن جو سرڪاري سطح تي اعلان ڪري سفارتخانن ذريعي دنيا جي ملڪن کي فارس کي ان نئين نالي سان تسليم ڪرڻ، سڏڻ ۽ لکڻ جي درخواست ڪئي وئي. جنهن تي جرمني باضابطا طور احتجاج ڪيو ۽ رضا شاهه پهلوي جي حڪومت سان سفارتي سطح تي اهو معاملو اٿاريو. ڇاڪاڻ ته جرمني سمجهي پيو ته هو ئي دنيا جو اعليٰ نسل آريا آهن، ان لقب تي فقط سندن ئي حق آهي. جڏهن ته ان معاملي ۾ روس جا محقق به پوئتي نه رهيا ۽ هو سينٽرل ايشيا جي رياستن کي روس جو حصو قرار ڏيندي آرين نسلي برتري تي پنهنجو حق جتائڻ لڳا. اصل ۾ سنڌو ماٿري جي سپيتا تي نام نهاد آرين جي حملي واري بي بنياد ٿيوري گهڙيندڙ يورپي ۽ جرمن ماهرن ۾ ان ڳالهه تي به اختلاف موجود آهن ته آرين جو اصل وطن ڪهڙو هو. ڇاڪاڻ ته آرين جي حملي وارو تصور ئي ڪوڙ تي ٻڌل هو. جنهن ڪري هر ماهر ان ڪوڙ کي بنياد فراهم ڪرڻ لاءِ ٻئي ڪوڙ جو سهارو ورتو. جرمن ماهر ميڪس مولر (Max Muller) آرين کي وچ ايشيا جو قرار ڏئي ٿو. جڏهن ته هڪ ٻيو جرمن ماهر اينڊرياس نيهرنگ(Andreas Nehring) آرين کي ڏکڻ روس جو رهواسي قرار ڏئي ٿو. ٻئي طرف براندسٽين (Brandstein) آرين کي ڪرغز اسٽيپي (Kirghiz Steppe) ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. نازي جرمن آرين جو نسل جرمن قرار ڏين ٿا. هڪ ٻئي ماهر مورگان (Morgan) موجب آريا اولهه سائبيريا جا رهواسي هئا. ساڳي طرح جيرازوف (Jairazhov) آرين کي اولهه ڪيپسين سمنڊ واري علائقي جو رهواسي ثابت ڪري ٿو. جڏهن ته پروفيسر ميڪڊونل (Professor Macdonnel) موجب آريا اوڀر يورپ جا رهواسي هيا. ڊاڪٽر گليڪس(dr. Gilex) موجب آريا آسٽريا يا هنگري جا رهواسي هيا. جيڪڏهن آريا واقعي ڪو حقيقي نسلي گروپ هجن ها ۽ اڄ به اتفاق سان زنده هجن ها ته پنهنجي نالي تي ٿيندڙهن ڇنڊاڇاڻ بعد خودڪشيءَ کي ترجيح ڏين ها.

**حوالا:**

(1) Trivedi Aditi, The Aryan Debate,
https://drexel.academia.edu/AditiTrivedi
(2) Dhavalikar, M.K. "Archaeology of the Aryans." Annals of the Bhandarkar Oriental Research Institute 87 (2006): 2. JSTOR. Web. 28 July 2013.
(3) Boyce, Mary (1984), Textual Sources for the Study of Zoroastrianism, Manchester UP.
(4) Eduljee K.E., Zoroastrian Heritage, 2005–17
(https://www.heritageinstitute.com/zoroastrianism/aryans/index.htm)
(5) https://www.britannica.com/place/Iran
(6) Yarshater Ehsan, When "Persia" became "Iran, Iranian Studies, Vol. XXII, No.1, 1989.
(7) Majd, Hooman, *The Ayatollah Begs to Differ: The Paradox of Modern Iran*, by Hooman Majd, Knopf Doubleday Publishing Group, 23 September 2008, ISBN 0385528426, 9780385528429. p. 161

# آريا ٿيوري ۽ برصغير ۾ گهوڙي جو وجود

يورپي ماهرن سنڌو ماٿري تي سينٽرل ايشيا کان آريائي حملي واري مفروضي ۾ اهو به ڄاڻايو ته حملو ڪندڙ گهوڙن جي رٿن تي چڙهي آيا هئا. سندن چوڻ موجب سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي ماڳن مان گهوڙي جون شاهديون نه مليون آهن. جڏهن ته ويدڪ دور ۾ گهوڙن جي موجودگي جو ثبوت ملي ٿو. سندن موجب رگ ويد ۾ گهوڙي جو ذڪر 200 پيرا ڪيل آهي. ان ڪري ويدڪ تهذيب سنڌو ماٿري واري تهذيب کان الڳ يعني ٻاهران آيل حملي آورن جي تهذيب هئي. جيڪي گهوڙن تي چڙهي هن ماٿري تي حملي آور ٿيا. يورپي ماهرن موجب سنڌو ماٿري ۾ گهوڙو 1500 ق م ۾ ٻاهران آيل حملي آور آرين متعارف ڪرايو. آرين گهوڙن تي چڙهي هتان جي ڏاند هڪليندڙ ماڻهن کي شڪست ڏني. آريا حملي واري ٿيوري گهڙيندڙن وٽ پنهنجي ثبوت ۾ ٻولين وچ ۾ هڪ جهڙائي کان پوءِ گهوڙو ئي حرف آخر هيو. جڏهن ته سنڌو ماٿري ۾ گهوڙي جي موجودگي جا ثبوت نام نهاد آرين جي حملي واري وقت 1500 ق م کان به سوين سال اڳ موجود آهن.(1)

سينٽرل ايشيا (Eurasian Steppes) ۾ گهوڙي کي گهريلو جانور طور پالڻ جون ثابتيون 3500 ق م ۾ ملن ٿيون.(2) جڏهن ته ساڳي ئي دور ۾ ڪاغزستان جي اڪمولا صوبي (Akmola Province of Kazakhstan) ۾ به گهوڙي کي گهريلو مقصدن طور استعمال ڪرڻ جون ثابتيون مليون آهن.(3) عرب ملڪن يعني وچ اوڀر ۾ گهوڙي کي گهريلو جانور طور پالڻ جون ثابتيون ساڍا 4 هزار سال اڳ تائين ملن ٿيون. خاص ڪري قديم عراقي ۽ مصري تهذيب مان به 1700 ق م ۾ گهوڙي کي سواري يا جنگي مقصدن طور پالڻ جون ثابتيون مليون آهن. (4) جنهن وقت عراق ۾ ميسوپوٽيما ۽ قديم مصر جون تهذيبون عروج تي هيون, ان وقت عراق, مصر ۽ سنڌو سڀيتا جي وارثن وچ ۾ واپاري لاڳاپا قائم هيا. ان ڪري سنڌو سڀيتا جي دور ۾ واپارين جي ذريعي گهوڙي جي هن خطي ۾ پهچڻ جي امڪان کي رد ڪري نه ٿو سگهجي. ويدڪ دور ۾ گهوڙي جي موجودگي کي بنياد بڻائي اهو نظريو قائم نه ٿو ڪري سگهجي ته گهوڙو آريا حملي آورن جي ذريعي يورپ کان هند ۽ سنڌ ۾ پهتو.

سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳن تان گهوڙي جي موجودگي جا ڪيترائي فزيڪل ثبوت هٿ آيا آهن. اهي ثبوت گهوڙي جي هڏن سميت انهن جي مورتين جي صورت ۾ موجود آهن. آرين ٿيوري جو وڏي ۾ وڏي حمايتي سر مورٽيمر وهيلر پاڻ ان ڳالهه جو اقرار ڪيو آهي ته سنڌو ماٿري جي سڀيتا مان اٺ, گهوڙو ۽ گڏهه جي موجودگي جا ثبوت مليا آهن. (5) (6) جڏهن ته قديم آثارن جي ماهر بي بي

لال قديم سڀيتا جي ماڳن ڪالي بنگن، روپر، مالوان ۽ لوٿل مان گھوڙي جا هڏا ۽ ڏند ڳولي لڌا آهن. (7) ساڳي طرح سينئر آرڪيالاجسٽ ايس پي گپتا بہ ان قسم جا وڏيڪ ثبوت هٿ ڪيا آهن. (8)

قديم آثارن جي ماهر اي ڪي شرما ڪي ڪڇ ۾ سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ سرڪوٽاڊا مان گھوڙي جي باقيات هٿ آئي آهي. جنهن جي هنگري جي نامياري آرڪيوزولاجسٽ سندور بوڪونائي (Sándor Bökönyi) بہ تصديق ڪئي آهي. قديم دور ۾ جانورن جي باقيات متعلق عالمي سطح تي اٿارٽي سمجھيو ويندڙ ماهر سندور بوڪونائي سرڪوٽاڊا مان گھوڙن جي ملندڙ هڏن کي خچر يا ڪنهن گڏهہ جي هڏن بدران گھريلو سطح تي پالجندڙ اصلي گھوڙي جا هڏا قرار ڏنو آهي. (9) دکن ڪاليج جي ماهرن پي ڪي ٿامس ۽ پي پي جوگلڪار سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ شڪارپورا مان بہ گھوڙن جي باقيات هٿ ڪئي آهي. جڏهن تہ ڪڇ ۽ سوراشترا جي سرحدي سنڌو ماڳ ڪنتاسي مان بہ گھوڙن جي پالنا جا ثبوت هٿ آيا آهن. قديم آثارن جي ماهر جي آر شرما اتر پرديش ۾ الله آباد ضلعي جي بيلان ماٿري ۾ ڪولڊوا جي قديم سنڌو ماڳ تان گھوڙي جي باقيات هٿ ڪئي آهي. جڏهن تہ نامياري آرڪيالاجسٽ ايم ڪي ڍوالڪر مڌيا پرديش جي چمبيل ماٿري مان سنڌو سڀيتا جي ماڳ ڪياٿا (Kayatha) تان گھوڙن جي باقيات هٿ ڪئي آهي. جنهن جي ريڊيو ڪاربان تاريخ 2450 ق م کان 2000 ق م مقرر ڪئي وئي آهي. ايم ڪي ڍوالڪر موجب ڪياٿا جي قديم ماڳ تان نہ فقط گھوڙن جا هڏا هٿ آيا آهن. پر مورتيون بہ هٿ ڪيون ويون آهن. ان دور ۾ گھوڙن جي پالنا ڪئي ويندي هئي. (10)



لوٿل مان هٿ آيل گھوڙي جي مورتي



موهن جي دڙي مان هٿ آيل گھوڙي جي مورتي

مائيڪل ڊانينو آرين ٿيوري کي برصغير ۾ گھوڙي جي وجود سان سلهاڙڻ واري خيال کي رد ڪندي چوي ٿو ته سنڌو سڀيتا جي دور ۾ گھوڙي جي موجودگي جو سبب هن سڀيتا جي وارثن جي پر وارن علائقن سان واپاري ناتا هئا. انهن واپاري لاڳاپن ذريعي گھوڙو سنڌو سڀيتا جي دور ۾ ئي هتي متعارف ٿيو. گھوڙي جي موجودگي هن خطي تي نام نهاد آريا حملي واري ٿيوري کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ ڪي به بنياد فراهم نه ٿي ڪري, هن آريائي نسل واري ٿيوري گھڙيندڙن جي ان دعويٰ کي به رد ڪيو آهي ته رگ ويد ۾ ويدڪ دور ۾ گھوڙي جي وڏي انگ ۾ موجودگي جو ذڪر ٿيل آهي. مائيڪل ڊينينو موجب يورپي ماهرن طرفان رگ ويد جي غلط تشريح ڪئي وئي آهي. جڏهن ته رگ ويد ۾ گھوڙي جي وڏي انگ ۾ موجود هجڻ بدران ان کي علامتي طور استعمال ڪيو ويو آهي. (11)

نه فقط سنڌو سڀيتا جي ماڳ سرڪوٽاڊا مان گھوڙي ڏارڻ جون باقيات مليون آهن, پر راجستان جي بيگور, آراولي جابلو سلسلي مان به گھوڙي جي موجودگي جا ثبوت مليا آهن. جيڪي 4500 ق م جا آهن. راجستان جي آراولي جابلو سلسلي مان گھوڙي جي مليل باقيات, دنيا مان مليل گھوڙي جي گھريلو استعمال طور باقيات جي هم عصر يعني ساڍا چار هزار سال اڳ جي آهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هن خطي ۾ گھوڙو ٻاهران آيل آريا نسل جي حملي آورن متعارف نه ڪرايو پر گھوڙو 1500 ق م کان به اڳ دنيا جي مختلف خطن مان واپار جي ذريعي هتي پهتو هو. بلوچستان ۾ سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ راڻا گنڊائي جي کوٽائي مان به اي جي راس (E.J.Ross) کي گھوڙي جا ڏند مليا آهن. (12)

ناميارن آرڪيالاجسٽن سيويل (Sewell) ۽ گوها (Guha) 1931ع ۾ رپورٽ ڪيو ته موهن جي دڙي جي قديم ماڳ تان به گھوڙي جا ثبوت مليا آهن. اهڙي طرح قديم آثارن جي ماهر ڀولاناٿ (Bholanath) 1963ع ۾ رپورٽ ڪيو ته هڙاپا, روپر ۽ لوٿل جي قديم ماڳن تان به گھوڙي جي موجودگي جا ثبوت مليا آهن. سنڌو ماٿري جي سڀيتا واري دور ۾ گھوڙي جي موجودگي بابت ٻيو وڏو ثبوت قديم آثارن جي ماهر جي ايچ ميڪي (E.J.H Mackay) کي 1938ع ڌاري هٿ آيو. کيس موهن جي دڙي جي کوٽائي دوران هڪ ٺڪر تي گھوڙي جي مورتي ملي. (13) سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳن مان گھوڙي جي هڏن, ڏندن ۽ مورتين جي ڪيترائي ثبوت هٿ آيا آهن. جن ۾ چمبا ماٿري ۾ سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ تان گھوڙي جا هٿ آيل هڏا 2450 ق م جا آهن. ساڳي طرح سوات ماٿري, گوملا, مالوان ۽ ٻين هنڌن تان به سنڌو سڀيتا جي دور ۾ گھوڙي جي موجودگي جا آثار مليا آهن. (14) (15)

ڀارتي رياست اترپرديش جي باڳپت ضلعي ۾ سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ سنولي (Sinauli) مان قديم آثارن جي ماهرن کي گھوڙي جي هڪ رٿ (chariot) ملي آهي. سنولي مان مليل گھوڙي جي رٿ کي ماهر انتهائي اهميت لائق قرار ڏئي رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته ڏکڻ ايشيا ۾ هي پهريون ماڳ آهي, جتان گھوڙي جي رٿ جا ثبوت مليا آهن. (16) سنڌو سڀيتا جو هي ماڳ 2200 ق م جو آهي.

سنولي مان گهوڙي جي رث ملڻ مان ثابت ٿئي ٿو ته نام نهاد آرين جي حملي کان 700 سال اڳ به انڊيا ۾ گهوڙو نه فقط پاليو ويندو هو پر سواري لاءِ به استعمال ٿيندو هو.(17)
بلوچستان جي پيراڪ جي قديم ماڳ تان به گهوڙي جا آثار مليا آهن. سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ پيراڪ جي فرينچ آرڪيالاجيڪل مشن جي ٽيم جين ميري ڪيسل جي سربراهي ۾ کوٽائي ڪرائي. جين ميري ڪيسل موجب هي ماڳ 1800 ق م جو آهي. پيراڪ جي کوٽائي دوران گهوڙن ۽ اٺن جون اڻ پڪل مٽي جون مورتيون مليون آهن. (18) ماهرن موجب ڏکڻ ايشيا ۾ هن قديم ماڳ جي تاريخي اهميت اتان گهوڙي جي پراڻي باقيات ملڻ آهي. هن قديم ماڳ جي وارثن 1700 ق م ۾ گهوڙو پالڻ شروع ڪيو. پيراڪ مان مليل ثبوتن بعد يورپي ماهرن جي اها دعويٰ غلط ثابت ٿئي ٿي ته 1500 ق م ۾ آريا نسل جي يورپين سنڌو ماٿري تي حملو ڪري ان کي تباهه ڪيو ۽ آريا نسل جي حملي آورن ئي پهريون ڀيرو گهوڙو هن خطي ۾ متعارف ڪرايو.

سنڌو سڀيتا جي مختلف ماڳن تان گهوڙن جي موجودگيءَ جا ثبوت ملڻ بعد آريا حملي وارو مفروضو رد ٿي وڃڻ گهرجي. گهوڙو آرين حملي آورن ذريعي هن خطي ۾ نه پهتو پر سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي عراق، افغانستان ۽ ترڪمانستان جي ڪجهه علائقن سان واپاري ناتن سبب هن خطي ۾ پهتو. گهوڙو واپار جي هڪ وکر طور سنڌو ماٿري ۾ متعارف ٿيو. ناميارا آرڪيالاجسٽ جين فرانسڪو جيراج ۽ جوناٿن مارڪ ڪينوئر به ان راءِ سان سهمت آهن. ماهرن موجب سنڌو سڀيتا جي وارثن جي واپاري ناتن سبب گهوڙو ۽ اٺ هن خطي ۾ پهتا. ان ڪري گهوڙن جي موجودگي کي هن خطي تي ڪنهن ٻاهرين حملي سان جوڙڻ ڪنهن به طرح دانشمندي نه ٿي چئي سگهجي.

**حوالا:**


(1) Danino Michel, The Horse and the Aryan Debate, Journal of Indian History and Culture of the C.P.Ramaswami Aiyar Institute of Indological Research, Chennai, September 2006, No.13, pp.33_40

(2) "What We Theorize – When and Where Domestication Occurred". International Museum of the Horse. Retrieved 2015_01_27.
http://www.imh.org/exhibits/online/legacy_of_the_horse/what_we_theorize_when_and_where_domestication_occurred/

(3) Alan K. Outram, Natalie A. Stear, Robin Bendrey, Sandra Olsen, Alexei Kasparov, The Earliest Horse Harnessing and Milking,

http://science.sciencemag.org/content/323/5919/1332?sid=d021eb55_bcbd_4ebd_9eca_145ce25969b0

(4) Edwards, Gladys Brown, The Arabian, war horse to show horse, the University of Wisconsin – Madison, 2011

(5) Wheeler Mortimer, The Indus Civilization (Cambridge: Cambridge University Press, 1953), p.92,

(6) Bryant in The Quest for the Origins of Vedic Culture: The Indo_Aryan Migration Debate (New Delhi: Oxford University Press, 2002), pp.170_171.

(7) Lal B.B., The Earliest Civilization of South Asia (New Delhi: Aryan Books International, 1997), p.162.

(8) Gupta S.P., The Indus_Sarasvati Civilization – Origins, Problems and Issues (Delhi: Pratibha Prakashan, 1996), pp.160_161.

(9) Danino Michel, The Horse and the Aryan Debate, Journal of Indian History and Culture of the C.P.Ramaswami Aiyar Institute of Indological Research, Chennai, September 2006, No.13, pp.33_59

(10) Danino Michel, The Horse and the Aryan Debate, Journal of Indian History and Culture of the C.P.Ramaswami Aiyar Institute of Indological Research, Chennai, September 2006, No.13, pp.33_59

(11) Danino Michel, The Horse and the Aryan Debate, Journal of Indian History and Culture of the C.P.Ramaswami Aiyar Institute of Indological Research, Chennai, September 2006, No.13, pp.33_59

http://archaeologyonline.net/artifacts/horse_debate

(12) Bryant Edwin, The Quest for the Origins of Vedic Culture: The Indo_Aryan Migration Debate (Oxford University Press, USA, 2004).P, 170_171

(13) Danino Michel, The Horse and the Aryan Debate, Journal of Indian History and Culture September 2006, no.13: 33_59.

(14) Lal B.B., The Truant Horse Clears the Hurdles,in The Aryan Debate edited by Thomas R.Trautmann (Oxford University Press, USA), 230_233

(15) Anthony, David. (2010). Current Thoughts on the Domestication of the Horse in Asia. South Asian Studies. 1997. 315_318.

(16) Rai, Sandeep. "ASI unearths 'first_ever' physical evidence of chariots in Copper Bronze Age" The Times of India 06 Jun. 2018.

(17) Subramanian, T.S. "Royal burial in Sanauli" Frontline 28 Sept. 2018

(18) Allchin Bridget, Raymond Allchin, The Rise of Civilization in India and Pakistan, Cambridge University Press, 1982, P_311

# جينياتي بنيادن تي آريائي حملي وارو مفروضو رد

جينيٽڪ ٽرمنالاجي ۾ ”هيپلوگروپ“ (haplogroup) اهڙن ماڻهن جو گروپ هوندو آهي، جيڪو جينيٽڪ بنيادن تي هڪجهڙيون مورثي خاصيتون رکندڙ هوندو آهي. هيپلو گروپ ٻن قسمن جو هوندو آهي، هڪ واءِ ڪروموسومس ((Y_chromosome (patrilineal) ۽ ٻيو ايم ٽي ڊي اين اي ((mtDNA (matrilineal) هوندو آهي. هيپلو گروپ کي وڏيڪ ننڍين ننڍين گروپن ۾ ورهايو ويو آهي. واءِ ڪروموسومل هيپلو گروپ R1a1a ، جنهن کي آر ايم 17 طور بہ سڃاتو ويندو آهي، دنيا جو وڏي ۾ وڏو مورثي گروپ قرار ڏنو ويندو آهي. ان انساني جين رکندڙ گروپ جا دنيا اندر اربين ماڻهو رهندڙ آهن. هن گروپ جا ماڻهو برصغير سميت سينٽرل ايشيا، روس، پولينڊ، يوڪرين سميت مختلف يورپي ملڪن ۾ موجود آهن. هيپلو گروپ R1a1a جي بنياد تي ٻولي جي ماهرن انڊويورپين ٻولين واري گروپ جو نظريو قائم ڪيو. برصغير ۾ هيپلو گروپ R1a1a جي بنياد تي ئي انڊو آرين ٿيوري جو مفروضو بہ قائم ڪيو ويو. ماهرن موجب هيپلو گروپ R1a1a جي پيدائشي هنڌ برصغير آهي. جتان ئي هي گروپ يورپ سميت سينٽرل ايشيا ۾ پکڙيو. (1) ڪجھ جينيٽڪ ماهرن موجب هيپلو گروپ R1a1a برصغير ۾ 18000 سال آڳاٽو گروپ آهي. جڏهن تہ فرانس جي انسٽيٽيوٽ آف موليڪيولر اينٿروپالاجي پئرس جي رپورٽ موجب هيپلو گروپ R1a ملڻ جا پراڻي ۾ پراڻا ثبوت انڊيا مان مليا آهن. جيڪي اندازن 15 هزار 450 سال آڳاٽا آهن. (2) نيئن تحقيق ثابت ڪيو آهي تہ هيپلو گروپ R1a1a جو اصلوڪو وطن برصغير هيو ۽ اهو گروپ هتان ئي دنيا جي ٻين خطن ڏانهن پکڙيو. يعني هتان جي ماڻهن لڏپلاڻ ڪري وڃي يورپ، سينٽرل ايشيا ۽ ٻين ملڪن ۾ رهائش اختيار ڪئي. ان ڪري اهو گروپ انهن ملڪن ۾ ملي ٿو. جنهن کي بنياد بڻائي بينڪي دور سميت هاڻي بہ يورپي نسل پرستي ۾ مبتلا ماهر برصغير تي آريائي نسل جي ماڻهن جي قبضي يا لڏپلاڻ واري مئل گهوڙي ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طرح ورِي وري ساهہ وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هيپلو گروپ R1a1a جي بنياد تي اهو چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ دنيا اندر رهندڙ آبادي جو وڏي حصي جا ابا ڏاڏا برصغير ۾ رهندڙ هئا.

جينيٽڪ ماهرن موجب برصغير جي مردن ۾ هيپلو گروپ R1a1a 17 سيڪڙو مليو آهي. اهو گروپ اتر سميت ڏکڻ انڊيا جي ماڻهن ۾ وڏي پئماني تي موجود مليو آهي. اهو گروپ هندو جاتي جي مٿين ذاتين سميت هيٺين ذاتين ۾ به مليو آهي. ساڳي طرح دراوڙن، دلتن ۽ شيڊيول ڪاسٽ هندن ۾ به مليو آهي. ماهر ان تي متفق آهن ته ان هيپلو گروپ R1a1a جو جنم 44 هزار سال کان 18 هزار سال اڳ وچ ايشيا نه پر انڊيا ۾ ٿيو. انڊيا مان ئي هيپلو گروپ R1a1a رکندڙ ماڻهو وچ ايشيا پهتا. ان ڪري وچ ايشيا نه پر انڊيا مان انهن خطن ڏانهن لڏپلاڻ ٿي. (3) جنهن کي بيٺڪي دور جي نسل پرست يورپي ماهرن ابتو ڪري پيش ڪيو.

دي آمريڪن سوسائٽي آف هيومن جينيٽڪس" (The American Society of Human Genetics) جي ماهرن برصغير ۾ رهندڙ ماڻهن جي جينياتي بنيادن تي تحقيق ڪئي آهي. دنيا جي مختلف ملڪن سان واسطو رکندڙ 15 سائنسدانن ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي جينيات تي لڳاتار 3 سال تحقيق ڪئي. جنهن بعد هنن پنهنجي تحقيق جا نتيجا آمريڪن جنرل آف هيومن جينيٽڪس جي 9 ڊسمبر 2011ع واري شماري ۾ شايع ڪيا آهن. ريسرچ ٽيم جي ميمبر ۽ بنارس هندو يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر پروفيسر لالجي سنگهه چيو آهي ته جينياتي بنيادن تي ٿيل تحقيق ثابت ڪيو آهي ته برصغير ۾ آرين يا دراوڙ نسل جي ماڻهن جو ڪوبه وجود نه هيو. آريا ۽ دراوڙ نسل جي ڪابه تفريق موجود نه هئي، پر اها ڪجهه مفاد پرست ماڻهن طرفان من گهڙت ۽ ڪوڙي پرچار هئي. پاڻ وڌيڪ چوي ٿو ته ان تحقيق ان دعوي کي به رد ڪيو آهي ته اتر هندستان جا ماڻهو دراوڙ نسل جا هيا، جيڪي آرين جي حملي ۽ قبضي بعد اتر هندستان مان لڏپلاڻ ڪري ڏکڻ هندستان هليا ويا هئا.

جڏهن ته ريسرچ ٽيم جي هڪ ٻئي ماهر ايسٽونيا جي ايسٽونين بائيو سينٽر تارتو جي ماليڪيورل سائنسدان ڊاڪٽر گائنيشور چوبي (Gyaneshwer Chaubey) چيو آهي ته اسان تحقيق ذريعي ثابت ڪيو آهي ته برصغير ۾ رهندڙ مڙني ماڻهن جو هڪ جهڙو جينيٽڪ بنياد آهي. برصغير جي مڙني ماڻهن جي ڊي اين اي بناوت به ساڳي آهي. هتان جي ماڻهن منجهه گذريل 60 هزار سالن ۾ ڪنهن به پرڏيهي جينز يا ڊي اين اي جي ڪابه مداخلت نه ٿي آهي. ڊاڪٽر چوبي موجب آرين جي برصغير تي حملي واري ٿيوري سراري طور تي بي بنياد آهي. سندس موجب جينيٽڪ بنيادن تي ان تحقيق دوران اسان آٽوسومس (autosomes) کي استعمال ڪيو. يعني اسان پنهنجي تحقيق دوران مڙني 23 ڪروموسومس (chromosomes) کي پنهنجي مطالعي ۾ شامل ڪيو. ان کوجنا ذريعي گذريل 60 هزار سالن جي انسانن جي جيننيٽڪ بنيادن بابت معلومات حاصل ڪئي وئي. جنهن سان ان ڳالهه جو پتو پيو ته برصغير جي ماڻهن جا جينز ساڳيا آهن، انهن ۾ ڪوبه ٻاهريون جين داخل نه ٿيو آهي. سائنسدانن جي هن ٽيم جي هڪ ٻئي ماهر حيدرآباد دکن (انڊيا) جي سينٽر فار سيليولر اينڊ موليڪيولر بائيولاجي جي سينئر سائنسدان

ڪمارسامي ٿنگراج موجب جينيٽڪ بنيادن تي تحقيق سان يورپي نسل جي آرين جو برصغير تي حملي جو ته ڪو ثبوت نه مليو آهي، پر اهي ثبوت مليا آهن ته برصغير مان ماڻهن يورپ طرف لڏپلاڻ ڪئي هئي. اهوئي سبب آهي جو يورپ جي ماڻهن منجهه برصغير جي ماڻهن جا جينيٽڪ ثبوت ملن ٿا. (4)

جڏهن ته هڪ ٻي جينيٽڪ رپورٽ ۾ اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته 13000 ق م کان هڪ هزار ق م تائين برصغير ۾ دنيا جي ڪنهن به ٻئي خطي مان ماڻهن جي لڏپلاڻ نه ٿي آهي. آڪسفورڊ يونيورسٽي جي ڊپارٽمينٽ آف زولاجي، اسٽونيا جي اسٽونين بائيو سينٽر، انڊيا جي نيشنل ڊي اين اي اينالائسز سينٽر ڪولڪتا ۽ انڊيا جي نيشنل انسٽيٽيوٽ آ ف بائيولاجيڪل جي گڏيل پراجيڪٽ هيٺ ناميارن سائنسدانن سنگها مترا ساهو انامڪا سنگهه، جي هيمابندو جهيلم بينرجي، ٽي سيتالڪشمي، سونالي گيڪواد، آر ترپويدي، فلپ اينڊيڪوٽ، ٿوماس ڪيويسلڊ، ميٺ ميتسپائولو رچرڊ وليمس ۽ وي ڪي ڪشياپم ڊي اين اي تحقيق بعد برصغير ۾ ٻاهرين ڪنهن به لڏپلاڻ يا ڪنهن ڌارئي نسل جي ماڻهن جي حملي ڪي رد ڪيو آهي. (5) جڏهن ته ڊي اين اي جي مدد سان اهي ثابتيون مليون آهن ته برصغير مان 15 هزار ق م ۾ هن خطي مان نه فقط انسان، پر جانورن به پير وارن ملڪن طرف لڏپلاڻ ڪئي آهي. (6)

جينيٽڪ بنيادن تي ٿيل وڏيڪ تحقيقن به آريائي حملي واري ٿيوري کي سائنسي بنيادن تي رد ڪيو آهي. هيٺ ڏنل ريسرچ پيپرن (7) (8) (9) ۾ جينيٽڪ سائنس جي ناميارن ماهرن پنهنجي رپورٽن ۾ ٻڌايو آهي ته گذريل 10 هزار کان 15 هزار سالن اندر برصغير جي ماڻهن جي جينيٽڪ بنيادن ۾ ڪابه تبديلي نظر نه ٿي اچي. سنڌن جينيٽڪ بنياد اڄ به ساڳيا آهن، جيڪي 10 کان 15 هزار سال اڳ هيا. مختلف ملڪن جي يونيورسٽين سان تعلق رکندڙ جينيٽڪ سائنسدانن هنن تحقيقي مقالن ۾ ثابت ڪيو آهي ته هن خطي يعني انڊيا ڏانهن آريائي نسل جي ماڻهن جي ڪابه لڏپلاڻ يا حملو نه ٿيو هو ۽ انڊيا جا رهواسي جينياتي بنيادن تي هڪ ئي جين رکندڙ آهن. دنيا اندر آفريقا کان پوءِ انڊيا جا ماڻهو ٻيو نمبر سگهارو جينيٽڪ بنياد رکندڙ آهن.

آمريڪا جي هڪ ناميار بائيولاجسٽ ۽ اينٿروپلاجسٽ ٽوڊ آر ڊسوٽيل (Todd R Disotell) لڳاتار تحقيق بعد ثابت ڪيو ته اتر ۽ ڏکڻ هندستان جي ماڻهن جي ڊي اين اي ساڳي آهي. ساڳي طرح آمريڪا جي هڪ ٻئي اينٿروپلاجسٽ ڪينٿ ڪينڊي (Kenneth Kennedy)، جان لڪاس (John Lukas) ۽ برين هيمپفل (Brian Hemphill) به ڊي اين اي ذريعي ثابت ڪيو آهي ته اتر ۽ ڏکڻ ڀارت جي ماڻهن جي ڊي اين اي ۾ ڪوبه فرق ناهي.

برطانوي جينيٽڪ سائنسدان ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي جي اينٿروپولاجي شعبي جي پروفيسر اسٽيفن اوپنهيمر جي ڪيل تحقيق موجب ايم 17 جين جو ڏکڻ ايشيا حتمي خالق آهي. هتان جا

اصلوڪا رهواسي ايم 17 جينيٽڪ بنياد رڪندڙ آهن. پاڪستان، انڊيا ۽ اوڀر ايران جي رهواسين ۾ ايم 17 (R1a1) جين وچ ايشيا جي پيٽ ۾ انتهائي مٿانهين شڪل ۾ موجود آهي. ان ڪري ڏکڻ ايشيا جي ماڻهن ۾ جين ايم 17 کي بنياد بڻائي انهن کي وچ ايشيا يعني نسلي طور آريا قرار ڏيڻ واري ٿيوري کي ڪمزور ڪري ٿو. ڏکڻ ايشِيا جي ماڻهن ۾ جين ايم 17 جو وجود 51 هزار سال اڳ کان موجود آهي. ايم 17 جين (R1a1) انڊيا ۽ پاڪستان مان ٿي ڪشمير جي رستي وچ ايشيا ۽ روس ۾ پهتو. جتان جين ايم 17 رکندڙ ڏکڻ ايشيا جا ماڻهو يورپ وڃي پهتا. (10) ان ڪري جينيٽڪ بنيادن تي سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي جين ايم 17 رکندڙ نام نهاد آرين جي حملي واري ٿيوري نہ فقط بي بنياد ثابت ٿئي ٿي، پر ان کان بہ اڳتي وڌي اهو ثابت ڪري ٿي تہ ڏکڻ ايشيا يعني سنڌو ماٿري جا رهواسي ئي هتان نڪري يورپ، سينٽرل ايشيا ۽ ٻين خطن ۾ پهتا. سندن ان لڏپلاڻ سبب وچ ايشيا ۽ يورپ جي رهواسين ۾ جين ايم 17 جو وجود ملي ٿو ۽ سندن ٻولين تي سنڌو ماٿري ( انڊيا ـ پاڪستان) جي ٻولين جو اثر موجود آهي. جنهن کي ٻينڪي ذهنيت رکندڙ يورپي دانشورن نہ فقط ابتو ڪري پيش ڪيو پر اٿلندو هن خطي تي نام نهاد حملي واري ٿيوري گهڙي ڏکڻ ايشيا جي ماڻهن کی آريائي قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. جينيٽڪ سائنسدانن موجب سنڌ جي مهاڻن ۾ ايم 17 (R1a1) جين 71 سيڪڙو جي شرح سان موجود آهي. جڏهن تہ گجرات جي لوهاڻن ۾ 60 سيڪڙو ۽ کترين ۾ 67 سيڪڙو شرح سان ملي ٿو. (11) اسٽيفن اوپنهيمر جي تحقيق موجب ڏکڻ ايشيا (سنڌ ـ هند) مان يورپ ڏانهن ماڻهن جي لڏپلاڻ لڳ ڀڳ 50 هزار سال اڳ ٿي. اوپنهيمر موجب جيڪڏهن آفريڪا سڀني انسانذات جو گهر آهي تہ وري انڊيا (سنڌ هند) مڙني اڻ آفريقي ماڻهن جو گهر آهي. آفريقا مان ماڻهن 90 هزار سال اڳ اوڀر طرف هندي سمنڊ واري رستي سان لڏپلاڻ ڪئي ۽ انڊيا ۾ اچي وسنديون قائم ڪيون. جنهن بعد انڊيا (سنڌ ۽ هند) مان 50 هزار سال اڳ يعني برفاني دور ۾ آيل وقفي دوران روس، وچ ايشيا، اوڀر يورپ سميت چين سميت اتر اوڀر طرف لڏپلاڻ ٿي. چاڪاڻ تہ برفاني دور ۾ آيل وقفي کان پوءِ برپٽ بڻجي ويل ميدان ٻيهر آباد ٿي پيا، جنهن ڪري سنڌو ماٿري (انڊيا) کان ماڻهن کاڌي خوراڪ جي ڳولا ۾ انهن آباد ٿيل علائقن طرف لڏپلاڻ ڪري وڃي رهائش اختيار ڪئي. جنهن سبب سندن ٻولي انهن خطن ۾ پنهنجا اثر ڇڏيا ۽ سنڌو ماٿري جي ٻولي يورپي زبانن سان ملي جلي انڊو يورپين (سنڌو يورپين) ٻولين جي گروپ کي جنم ڏنو. سنڌو ماٿري ۽ يورپي ماڻهن جي جينيٽڪ بنيادن ۾ هڪجهڙائي جو بہ اهو ئي سبب آهي. اوپنهيمر موجب قديم دور جي تاريخ بابت يورپين نقطي نظر ئي غلط آهي. اوپنهيمر موجب يورپين جو 50 سال اڳ جينيٽڪ بنياد ئي ڏکڻ ايشيا، يعني سنڌو ماٿري (موجوده پاڪستان) هو. يورپين جا ابا ڏاڏا پنهنجي اباڻي وطن سنڌو ماٿري مان ئي مختلف روٽن سان لڏپلاڻ ڪري يورپي ملڪن ۾ پهتا. اوپنهيمر جي تحقيق موجب سنڌو ماٿري مان لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهن بہ رستا اختيار ڪيا، هڪ رستو فرٽائيل ڪريسنٽ ( Fertile Crescent) ملڪن وارو هيو جنهن رستي سان سنڌو ماٿري جي ماڻهن وچ اوڀر جي ملڪن عراق، اسرائيل، شام، لبنان،

مصر، اردن ۽ ترڪي ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. جڏهن ته ٻيو رستو سنڌو ندي کان مٿي ڪشمير وارو هيو. جنهن رستي هتان جا ماڻهو وچ ايشيا ۽ يورپ طرف لڏپلاڻ ڪري ويا.

هڪ طرف برطانوي جينيٽڪ سائنسدان پروفيسر اسٽيفن اوپنهيمر جينيٽڪ بنيادن تي اها ڳالهه ثابت ڪئي ته 50 هزار سال اڳ سنڌو ماٿري جي ماڻهن يورپ طرف لڏپلاڻ ڪئي ۽ يورپ جا ماڻهن جا ابا ڏاڏا سنڌو ماٿري جا رهواسي هيا ته ساڳي وقت ڪيمبرج يونيورسٽي جي محقق مائيڪل پٽراگليا ۽ هنان جيمس به قديم دور جي ماڳن تان ملندڙ باقيات جي چوک چڪاس بعد ساڳي نتيجي تي پهتا ته سنڌو ماٿري طرف آريائي نسل جي ماڻهن جي ڪا لڏپلاڻ يا حملو ته نه ٿيو هو پر جيڪڏهن ڪا لڏپلاڻ ٿي هئي ته اها انديا (سنڌ ماٿري) کان يورپ طرف ٿي ٿي هئي. (12)

## راکي ڳڙهي ڊي اين اي جا نتيجا

ڀارتي رياست هرياڻه ۾ سنڌو سڀيتا جي ماڳ راکي ڳڙهي جي قبرستان مان هٿ آيل انساني ڍانچن جي ٿيل ڊي اين اي ٽيسٽن مان اها ثابتي ملي آهي ته ان دور ۾ بعد ۾ سنڌو ماٿري طرف پرڏيهه مان ماڻهن جي ڪابه لڏپلاڻ نه ٿي هئي. سنڌو سڀيتا جي ان ماڳ سميت هن ماٿري ۾ رهندڙ ماڻهو هتان جا اصلوڪا رهواسي هئا ۽ اڄ به هن ماٿري ۾ رهندڙ ماڻهو سندن پوئينر آهن. دکن ڪاليج پوني جي وائيس چانسيلر پروفيسر وسنت شاندي چيو آهي ته 5 هزار سال اڳ جي هٿ آيل انساني ڍانچن جي ڊي اين اي ٽيسٽن مان ثابت ٿيو آهي ته هن خطي ڏانهن گذريل 10 هزار سالن دوران ڪابه پرڏيهي ماڻهن جي لڏپلاڻ نه ٿي آهي. ان ڪري آريا نسل جي ماڻهن جي هن خطي تي ڪاهه ڪرڻ ۽ هتان ڏيهي ماڻهن جي لڏپلاڻ واري ٿيوري ۾ ڪابه حقيقت ناهي. ان ڪري ويدن واري دور ۾ آريا ٽرم جو استعمال ڪنهن قبيلي يا برادري طور ڪيو ويو هجي. پروفيسر وسنت شاندي موجب هو اها دعويٰ ڊي اين اي ٽيسٽ جي نتيجن جي بنياد تي ڪري رهيا آهن. هن موجب اسان اها راءِ ڪنهن به هڪ سورس مان حاصل ڪيل ڊيٽا تي قائم نه ڪئي آهي پر اسان جي ڊيٽا ٻن ليبارٽرين ۾ تصديق جي مرحلي مان گذري آهي. راکي ڳڙهي جي قبرستان مان هٿ آيل 2 انساني ڍانچن جي ڊي اين اي ٽيسٽ حيدرآباد دکن جي سينٽر آف سيليولر اينڊ ماليڪيولر بائيولاجي ۽ لکنو جي بيربل ساهني انسٽيٽيوٽ آف پائليو سائنسز مان ڪئي وئي. جنهن جي هاٽي وري هاورڊ يونيورسٽي مان ٻيهر تصديق ڪئي پئي وڃي. پروفيسر شاندي موجب راکي ڳڙهي مان مليل انساني ڍانچن جي جسماني بناوت يعني قد ڪاٺ هرياڻا ۽ پنجاب ۾ هن وقت رهندڙ ماڻهن سان مشابهت رکي ٿي. هن موجب ڏکڻ ڪوريا جي سيئول نيشنل يونيورسٽي ڪاليج آف ميڊيسنس ۾ راکي ڳڙهي جي انساني ڍانچن جو پيٿالاجيڪل تجزيو ۽ سندن فيسڪل ري ڪنسٽرڪشن

( facial reconstruction) ڪئي وئي. جنهن مان به اها ڳالهه ثابت ٿي ته هن وقت هن خطي ۾ رهندڙ ماڻهو 5 هزار سال اڳ راکي ڳڙهي ۾ رهندڙ ماڻهن جو تسلسل آهن.(13)

راکي ڳڙهي جي انساني ڍانچن جي ڊي اين اي ڪندڙ ماهرن نيراج راءِ ۽ وسنت شاندي موجب ڊي اين اي جي نتيجن مان سينٽرل ايشيا مان هن خطي ڏانهن لڏپلاڻ جو ڪوبه ثبوت نه مليو آهي. ان ڪري نتيجن مان اهو ثابت ٿيو آهي ته آرين جي حملي واري ٿيوري بي بنياد آهي ۽ ويدڪ دور سنڌو سڀيتا جي تسلسل هو. ويدن جي دور جي تهذيب جا خالق ڪي ٻاهريان آيل ماڻهو نه پر هن خطي جا اصلوڪا باشندا هئا. نيراج راءِ وسنت شاندي موجب راکي ڳڙهي جي ڊي اين اي ۾ واضح نموني مقامي عنصر ( mitochondrial DNA) موجود آهي. ڊي اين اي ۾ تمام گهٽ ۾ گهٽ سطح تي پرڏيهي عنصر جي موجودگي ظاهر ٿي آهي. (14) ان پرڏيهي عنصر جو واسطو ايران جي هارپو ڪندڙ ماڻهن سان آهي. جن جا هن خطي جي ماڻهن سان واپاري لاڳاپا هئا. ايران ۽ سنڌو ماٿري جون سرحدون هڪ ٻئي جي سلهاڙيل هجڻ سبب ايران مان ماڻهن جو هتي اچڻ ۽ هتان ماڻهن جو پر واري ملڪ ايران ۾ وڃڻ، واپار ڪرڻ يا رهائش اختيار ڪرڻ سپاويڪ لڳي ٿو. پروفيسر نيراج راءِ موجب راکي ڳڙهي مان مليل انساني ڍانچن تي ڪنهن جنگ يا حملي دوران ڪنهن به قسم جي تشدد جا نشان موجود ناهن. راءِ موجب راکي ڳڙهي جي رگ ويدڪ دور واري تهه ۾ به سنڌو سڀيتا جو تسلسل موجود آهي. سنڌو سڀيتا واري دور کان پوءِ راکي ڳڙهي کي آباد ڪندڙ ماڻهو ڪي ٻاهران آيل نه پر اتان جا اصلوڪا رهاڪو هئا، جن اڳ واري تهذيب جي تسلسل کي برقرار رکيو. (15) (16) (17)

وسنت شاندي راکي ڳڙهي جي قديم ماڳ جي کوٽائي بعد اهو نتيجو ڪڍيو ته ان ماڳ جا رهواسي اڄ به ان علائقي ۾ رهندڙ آهن. ڊاڪٽر وسنت شاندي موجب 7 هزار 500 سال اڳ راکي ڳڙهي ۾ رهندڙ ماڻهو اڄ به ان جاءِ تي موجود آهن ۽ ان دور جي تهذيب مڪمل فنا نه ٿي هئي، پر ان پنهنجو تسلسل برقرار رکيو. وسنت شاندي موجب عراق جي ميسوپٽيما سميت مصر جون تهذيبون پنهنجو تسلسل برقرار رکي نه سگهيون، پر سنڌو ماٿري جي تهذيب جو تسلسل اڄ به برقرار آهي. (18)

عالمي سطح تي سيليولر ۽ ماليڪيولر بائيولاجي ۾ ٿيل تحقيق آريا نسل جي سنڌو ماٿري تي حملي واري ٿيوري کي تاريخ جي ڪباڙخاني ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. جينياتي بنيادن تي ٿيل هيءَ تحقيق آريائي نسل جي حملي واري ٿيوري جي وڪالت ڪندڙن لاءِ وڏي صدمي جو سبب بڻي آهي. ان سان گڏوگڏ آريا ۽ دراوڙي بنيادن تي برصغير جي ماڻهن منجهه ورهاست پيدا ڪندڙن کي به مايوسي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. جينيٽڪس (Genetics) بنيادن تي هن تحقيق ثابت ڪيو آهي ته آريا نالي ڪنهن به نسل جي ماڻهن سنڌو سڀيتا جي عروج واري دور کان پوءِ ڪنهن

ڏارئي ديس مان سنڌو ماٿري طرف ڪا به لڏپلاڻ نه ڪئي هئي. نه وري سنڌو ماٿري تي ڪو ٻاهريون حملو ٿيو هو.

## حوالا:

(1) https://www.nature.com/articles/jhg20082

(2) https://www.longdom.org/open_access/the_major_ychromosome_haplotype_xi__haplogroup_r1a_in_eurasia_2161_1041_1000150.pdf

(3) https://www.mynation.com/views/aryan_invasion_theory_ait_kai_friese_indus_valley_civilisation_indian_history_pep13y

(4) Mait Metspalu, Irene Gallego Romero, Bayazit Yunusbayev, Gyaneshwer Chaubey, Chandana Basu Mallick, Georgi Hudjashov, Mari Nelis, Reedik Mägi, Ene Metspalu, Maido Remm, Ramasamy Pitchappan, Lalji Singh, Kumarasamy Thangaraj, Richard Villems, and Toomas Kivisild, Shared and Unique Components of Human Population Structure and Genome_Wide Signals of Positive Selection in South Asia, The American Journal of Human Genetics, 90, 731–744; December 9, 2011

https://www.ncbi.nlm.nih.gov/pmc/articles/PMC3276658/

(5) Sanghamitra Sahoo, Anamika Singh, G. Himabindu, Jheelam Banerjee, T. Sitalaximi, Sonali Gaikwad, R. Trivedi, Phillip Endicott, Toomas Kivisild, Mait Metspalu, Richard Villems and V. K. Kashyapm A prehistory of Indian Y chromosomes: Evaluating demic diffusion scenarios, PNAS 2006 January, 103 (4) 843_848.

https://doi.org/10.1073/pnas.0507714103

http://www.pnas.org/content/103/4/843.full

(6) Priyadarshi, P., Evidence of Indo_European origins from the Early Holocene pollen studies, linguistics and climatology, Dialogue, July_Sept 2013, Vol 15, No. 1.

https://aryaninvasionmyth.wordpress.com/page/2/

(7) Sanghamitra Sengupta, Lev A. Zhivotovsky, Roy King, S. Q. Mehdi, Christopher A. Edmonds, Cheryl_Emiliane T. Chow, Alice A. Lin, Mitashree Mitra, Samir K. Sil, A. Ramesh, M. V. Usha Rani, Chitra M. Thakur, L. Luca Cavalli_Sforza, Partha P. Majumder, and Peter A. Underhill, (Feb. 2006), Polarity and Temporality of High_Resolution Y_Chromosome Distributions in India Identify Both Indigenous and Exogenous Expansions and Reveal Minor Genetic Influence of Central Asian Pastoralists, (https://www.ncbi.nlm.nih.gov/pmc/articles/PMC1380230/)

(8) Peter A Underhill, Natalie M Myres, Siiri Rootsi, Mait Metspalu, Lev A Zhivotovsky, Roy J King, Alice A Lin,Cheryl_Emiliane T Chow, Ornella Semino, Vincenza Battaglia, Ildus Kutuev, Mari Järve, Gyaneshwer Chaubey, Qasim Ayub, Aisha Mohyuddin, S Qasim Mehdi, Sanghamitra Sengupta, Evgeny I Rogaev, Elza K Khusnutdinova, Andrey Pshenichnov, Oleg Balanovsky, Elena Balanovska,Nina Jeran,Dubravka Havas Augustin, Marian Baldovic,Rene J Herrera, Kumarasamy Thangaraj, Vijay Singh, Lalji Singh, Partha Majumder, Pavao Rudan, Dragan Primorac, Richard Villems, and Toomas Kivisild, Separating the post_Glacial coancestry of European and Asian Y chromosomes within haplogroup R1a, (https://www.ncbi.nlm.nih.gov/pmc/articles/PMC2987245/)

(9) Tamang Rakesh and Kumarasamy Thangaraj, Genomic view on the peopling of India, https://www.ncbi.nlm.nih.gov/pmc/articles/PMC3514343/)

(10) Oppenheimer Stephen, The Real Eve: Modern Man's Journey Out of Africa, Carroll & Graf. 2003. ISBN 0_7867_1192_2.

(11) Underhill, Peter A; et al. (2009), "Separating the post_Glacial coancestry of European and Asian Y chromosomes within haplogroup R1a", European Journal of Human Genetics, 18 (4): 479–84

(12) http://varnam.org/2006/01/what_aryan_invasion/

(13) Deepender Deswal, No Rakhigarhi migration since Harappan era: Experts,Tribune News Service, Hisar, June 15, 2018

(14) Anubhuti Vishnoi, Harappan site of Rakhigarhi: DNA study finds no Central Asian trace, junks Aryan invasion theory, ET Jun 13, 2018

(15) https://economictimes.indiatimes.com/news/politics_and_nation/harappan_site_of_rakhigarhi_dna_study_finds_no_central_asian_trace_junks_aryan_invasion_theory/articleshow/64565413.cms

(16) https://www.eupedia.com/forum/threads/36400_Rakhigarhi_DNA_study_finds_no_Central_Asian_trace_junks_Aryan_invasion_theory

(17) https://www.outlookindia.com/magazine/story/we_are_all_harappans/300463

(18) https://timesofindia.indiatimes.com/city/chandigarh/Descendants_of_Harappans_still_living_in_Rakhigarhi/articleshow/53609286.cms

# تهذيب جو تسلسل برقرار

سنڌو سڀيتا جي عروج کان پوءِ وارو دور جنهن کي قديم آثارن جا ماهر آخري هڙپين فيز (Late Harappan phase) چون ٿا، 1900 ق م کان 1300 ق م تائين جاري رهيو. سنڌو سڀيتا جي عروج واري دور بعد هن ماٿري مان ماڻهن جي لڏپلاڻ گنگا ۽ جمنا ماٿرين طرف ٿي. 600 ق م کان 300 ق م دوران گنگا ۽ جمنا ماٿرين ۾ جيڪي شهر اڏيا ويا انهن ۾ به سنڌو سڀيتا جي ڪلچر جي ڇاپ ملي ٿي. انهن شهرن ۾ موجود ٽيڪنالاجي، گهرن جي اڏاوت ۽ مذهبي علامتن جا نمونا بلڪل اهي ئي ساڳيا هئا، جيڪي سنڌو سڀيتا جي اوج واري دور ۾ موجود هئا. گنگا ۽ جمنا جي ماٿرين ۾ به 600 ق م کان 300 ق م دوران ڪي پرڏيهي ماڻهو نه پر سنڌو سڀيتا جا وارث اچي آباد ٿيا ۽ انهن اهي شهر اڏيا ۽ پنهنجي ثقافت جو تسلسل برقرار رکيو. آرڪيالاجي ماهرن ڪي مليل اهي ثبوت به آرين جي حملي واري ٿيوري کي رد ڪن ٿا. (1) جيڪڏهن سنڌو ماٿري جي سڀيتا کي ٻاهران آيل آرين قبضو ڪري تباهه ڪري ڇڏيو هو ته حملي آور گنگا ۽ جمنا جي ماٿرين ۾ پنهنجي ثقافت جو ڦهلاءُ ڪن ها. پنهنجي مذهبي ريتن رسمن، گهرن جي اڏاوت ۽ آرٽ کي هٿي ڏين ها.

بيٺڪي دور ۾ ڪجهه ماهرن جي اها راءِ هئي ته سنڌو سڀيتا جي زوال بعد برصغير ۾ شهري تهذيب جو خاتمو ٿي ويو. پر تازي تحقيق ۾ ثابت ٿيو آهي ته سنڌو سڀيتا اوچتو غائب نه ٿي وئي پر ان تهذيب جا عنصر بعد جي تهذيبن ۾ نمودار ٿيا. هڙاپا جو سميٽري ايڇ ڪلچر (Cemetery H culture) پنجاب، سنڌ، هريانا ۽ اتر پرديش جي اوپر واري حصي ۾ ظاهر ٿيو. جيڪو 1900 ق م کان 1300 ق م تائين جاري رهيو. سنڌ ۾ پوئين هڙپين ڪلچر جا آثار جهڪر ڪلچر ۽ گجرات ۾ رانگپور ڪلچر جي صورت ۾ مليا آهن. سميٽري ايڇ ڪلچر به مقامي ڪلچر ۽ سنڌو سڀيتا جي آخري فيز جو تسلسل هيو. ڊيوڊ گورڊن وائيٽ موجب ويدڪ ڪلچر جو جنم سنڌو ماٿري جي تهذيب مان ٿيو. (2) قديم آثارن تي 2016ع ۾ ٽيل چوڪ ڇڪاس مان اچا به اهي ثبوت مليا ته ليٽ هڙپين ڪلچر 900 ق م تائين جاري رهيو. (3) هاورڊ آرڪيالاجسٽ رچرڊ ميڊائو موجب بلوچستان ۾ سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ پيراڪ ۾ ليٽ هڙپين ڪلچر 1800 ق م کان سڪندر اعظم يوناني جي حملي 325 ق م تائين مسلسل جاري رهيو. (4)

برصغير ۾ قديم ماڳن جي کوٽاين مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته سنڌو سڀيتا جي ڊرڪي پوڻ بعد هن ماٿري مان ماڻهن جي نون ماڳن جي تلاش ۾ اوڀر طرف لڏپلاڻ ٿي. قديم آثارن جي ماهر پوشيل

موجب 1900 ق م بعد سنڌو ماٿري جي اوپر طرف يعني موجوده انڊيا ۾ ان وقت ماڳن جو انگ 218 مان وڌي 853 تي ويو. گنگا ماٿري ۾ ٿيل کوٽاين مان پتو پوي ٿو ته سنڌو سڀيتا جي پوئتي پوڻ کان ڪجهه صديون پوءِ يعني 1200 ق م ۾ انهن شهرن جو گنگا ماٿري ۾ بنياد پوڻ شروع ٿيو. جنهن مان اها ڳالهه پڌري ٿئي ٿي ته تهذيب جو تسلسل رڪجي نه ويو پر اهو سنڌو ماٿري جي اوپر يعني گنگا ماٿري ۾ جاري رهيو. ڀارت جي رياست هرياڻه جي قديم ماڳ ڀاڳوانپورا جي کوٽائي دوران هيٺين تحت مان هڙاپا جي آخري دور جي باقيات ملي آهي. جڏهن ته مٿئين تهه مان ويدڪ دور جي باقيات ملي آهي. جيڪا 1200 ق م جي دور جي آهي. (5) جنهن مان پتو پوي ٿو ته هن ماڳ کي هڙاپا جي آخري دور جي ماڻهن کان پوءِ ويدڪ دور جي رهواسين ٻيهر آباد ڪيو. ساڳي طرح ڀارتي رياست گجرات جي سورٺ ريجن جي راج ڪوٽ ضلعي ۾ سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ روجڙي جي کوٽاين دوران به سنڌو سڀيتا جي تسلسل برقرار رهڻ جا ثبوت مليا آهن. هن ماڳ جي گريگوري پشيل ۽ ايم ايڇ راول طرفان 1982ع ۽ 1995ع ۾ کوٽائي ڪرائي وئي. هن ماڳ جي هيٺين تهه جو واسطو سنڌو سڀيتا جي عروج واري دور 2500 ق م کان 2200 ق م سان آهي. جڏهن ته مٿيون تهه ويدڪ دور 1900 ق م کان 1700 ق م سان واسطو رکندڙ آهي. ماهرن موجب ٻنهي تهن ۾ ساڳئي ثقافت جو تسلسل ملي ٿو. (6)



مارڪ ڪينوائر موجب سنڌو سڀيتا جي قديم آثارن جي ٿيل تازين کوٽائين ۾ تحقيق آرين جي حملي واري ٿيوري کي رد ڪن ٿيون. تازي تحقيق مان ثابت ٿيو آهي ته سنڌو تهذيب جي آخري دور ۾ موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي شهرن ۾ ويدڪ دور جا ماڻهو رهندا هئا. سرسوتي ندي جي سڪي وڃڻ بعد سرسوتي ندي جي پاڻي تي انحصار رکندڙ شهر ڦٽي وڃڻ کان پوءِ اتان جي ماڻهن به موهن جو دڙو ۽ هڙاپا طرف لڏپلاڻ ڪئي. جنهن سبب اهي شهر آباديءَ جي دٻاءَ هيٺ اچي ويا. هڪ اندازي موجب ان وقت هڙاپا شهر ۾ 50 هزار ماڻهو رهندڙ هئا. مارڪ ڪينوائر موجب سنڌو ماٿري ۾ ان وقت مختلف نسلي گروپن پنهنجي پنهنجي سڃاڻپ لاءِ مختلف مهرون ايجاد ڪيون. جن ۾ هڪ سنڱي ڍڳي ۽ مينهن جا نشان علامت طور اختيار ڪيا ويا. هڪ سڱي ڍڳي جي علامت سنڌو

ماڻري جي رهواسين جي ايجاد هئي. جيڪا صديون اڳ سنڌو ماڻري مان ميسوپٽيما جي ذريعي يورپ تائين پهتي. (7)

مارڪ ڪينوائر لکي ٿو ته ماضيءَ ۾ محققن طرفان سنڌو تهذيب بابت اهو نتيجو ڪڍيو ويو ته 1750 ق م ۾ هن سڀيتا جا ماڳ اوچتو صفحه هستي تان غائب ٿي ويا يا متجي ويا. پر اسان جي تازي تحقيق ثابت ڪيو آهي ته سنڌو تهذيب جي عروج کان پوءِ واري فيز ۾ 1900 ق م کان 1300 ق م تائين هڙاپا جي شهرن ۾ ساڳيا ماڻهو آباد رهيا. (8)

قديم آثارن جي ماهر مارڪ ڪينوائر موجب سنڌو سڀيتا جي پوئين دور جي برادرين ۾ ڪنهن به نئين قسم جي آبادي جي موجودگيءَ جو ڪوبه ثبوت نه ٿو ملي. سنڌو تهذيب جي عروج واري دور بعد به ساڳيو ڪلچر برقرار رهيو. هڙاپا ايچ ڪلچر ۾ اهي ساڳيا ماڻهو آباد رهيا. جيڪي ان کان اڳ سنڌو تهذيب جا وارث هئا. سندن ئي تهذيب جو تسلسل برقرار رهيو. (9) (10) (11)

اسڪليٽل بائيولاجي جي ماهرن موجب سنڌو سڀيتا جا وارثن ۽ موجوده دور ۾ هن ماڻري ۾ رهندڙ ماڻهن وچ ۾ قد، بت يعني حياتياتي طور هڪجهڙائي موجود آهي. هن خطي جي اسڪليٽل رڪارڊ (skeletal record) ۾ سنڌو سڀيتا جي دور کان وٺي اڄ تائين ڪابه وڏي پئماني تي تبديلي نظر نه اچي. جيڪا ڳالهه دراوڙن ۽ آرين جي نسل واري مفروضي کي رد ڪري ٿي. اسڪليٽل بائيولاجي جو آمريڪي ماهر ڪينٿ اي آر ڪينيڊي (Kenneth A.R. Kennedy) هن خطي ۾ انساني هڏاون پنجرن جي اڀياس بعد ان نتيجي تي پهتو ته آريائي نسل جي ماڻهن طرفان هن خطي ۾ اچي آباد ٿيڻ جي سلسلي ۾ ڪوبه ثبوت نه ٿو ملي. انساني هڏاون پڃرن جي اڀياس مان پتو پوي ٿو ته موجوده انڊيا ۽ پاڪستان جا ماڻهو سنڌو سڀيتا جي دور سان واسطو رکندڙ ماڻهن جهڙي جسماني بناوت رکندڙ آهن. هن ماڻري ۾ 60 کان 65 هزار سال اڳ آباد ٿيندڙ ماڻهو اڄ به موجود آهن. (12) جڏهن ته جارج اردوسي موجب قديم هڙاپا (سنڌو سڀيتا) جا رهواسي موجوده وقت جي پاڪستان ۽ اتر اولهه ڀارت ۾ رهندڙ ماڻهن کان مختلف نه هيا. (13) ڪينٿ ڪينيڊي موجب سنڌو سڀيتا جي اوج واري دور جي خاتمي بعد هن خطي جي ماڻهن جي ڊيموگرافي ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي نظر نه ٿي اچي. ڪينيڊي سنڌو سڀيتا ۽ گنڌارا تهذيبن وچ ۾ ڀيٽ ڪندي لکي ٿو ته گنڌارا تهذيب جي دور ۾ به اسان کي ٻاهران آيل آرين جي حياتياتي سڃاڻپ جي ڪابه نشاني نه ٿي ملي. جڏهن ته ٻنهي تهذيبن جي ماڻهن جي حياتياتي يعني جسماني بناوت ۾ هڪجهڙايون ضرور ملن ٿيون. ان ڪري موجوده دور ۾ هن خطي ۾ رهندڙ ماڻهو



سنڌو سڀيتا جي وارثن جو اولاد آهن. (14) سنڌو ۽ گنڌارا تهذيب جا رهواسي بائيولاجيڪل (حياتياتي) طور هڪ ئي گروپ سان واسطو رکندڙ هئا. (15) گنڌارا تهذيب جي ماڻهن جو ڪنهن به آريائي ماڻهن جي گروپ سان ڪوبه واسطو نه هو. ڪينڊي موجب هڙاپا جي مٽيئين تهه سميٽري ايڇ ڪلچر (Cemetery H culture) جا رهواسي اهي ئي ماڻهو هئا، جيڪي هڙاپا جي عروج واري دور ۾ موجود هئا. (16) (17)

يونيورسٽي آف الاسڪا جي آرڪيالاجسٽ برين هيمڦل موجب سنڌو سڀيتا جي دور بعد هن خطي ۾ ڪنهن به قسم جي ٻاهرين آبادي جي وڏي پئماني تي لڏپلاڻ يا جينيٽڪ تبديلي جي ڪابه ثابتي نه ملي آهي. جڏهن ته ان دور ۾ سنڌو ماٿري ۽ سينٽرل ايشيا جي ماڻهن وچ ۾ ننڍي سطح تي رابطا موجود هئا. (18) ڀارت جي قديم ماڳ عالمگيرپور جي ثقافت به ٻاهرين حملي آورن جي ثقافت نه پر سنڌو تهذيب جو تسلسل هو. (19) ان ڪري اها ڳالهه وڏي اعتماد سان چئي سگهجي ٿي ته سنڌو تهذيب جي پوئتي پوڻ بعد ڪنهن ٻاهرئين حملي يا لڏپلاڻ سبب آباديءَ ۾ ڪابه تبديلي نظر نه ٿي.



هندن جي آڳاٽي مذهبي ڪتاب رگ ويد ۾ سرسوتي ندي جو ذڪر ڪافي هنڌن تي ملي ٿو. آريائي حملي واري ٿيوري جي حامي ماهرن موجب ويد آرين جي تخليق هئا ۽ هنن هن ماٿري تي حملي بعد ويد لکي سنڌو ماٿري ۾ ويدڪ دور جو آغاز ڪيو هو. هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته آريائي حملي واري ٿيوري جي حامين موجب جيڪڏهن آرين هن خطي تي 1500 ق م کان 1200 ق م ۾ حملو ڪري اچي رهائش اختيار ڪئي ۽ ويد تخليق ڪيا ته پوءِ جنهن وقت ويد تخليق ڪيا ٿي ويا، ان کان 4 سو سال اڳ سرسوتي ندي پنهنجو وجود وڃائي ويٺي هئي. چاڪاڻ ته جيالاجي جي ماهرن موجب سرسوتي ندي 1900 ق م ۾ سڪي پنهنجو وجود وڃائي ويٺي هئي. (20) جيڪا ندي ان وقت وجود ئي رکندڙ نه هئي، ان جو آخر نام نهاد آرين هڪ وهڪرو جاري رکندڙ وڏي ندي طور ويدن ۾ ڪيئن ذڪر ڪيو. آرڪيالاجي جي ماهرن کي سڪي ويل سرسوتي ندي جي ڪنارن تي سنڌو سڀيتا جا ڪيترائي ماڳ هٿ آيا آهن. ان ڪري

ماهرن اها راءِ قائم ڪئي آهي تہ ويد ٻاهران آيل حملي آورن جي تخليق نہ پر انهن جا خالق بہ سنڌو ماٿري جي سڀيتا جا وارث هئا.

سنڌو سڀيتا ۾ ان کان پوءِ واري ڪلچر ۾ ڪيترين ئي هڪ جهڙايون مليون آهن. جيڪو تهذيب جي عمل جي جاري رهڻ جو ثبوت آهي. موهن جي دڙي مان مليل پريسٽ ڪنگ کي اجرڪ جي نموني جي هڪ شال اوڍيل آهي. اجرڪ جو اهو نمونو 5 هزار سال گذرڻ باوجود اڄ بہ سنڌ ۾ ان جي ڀر وارن خطن ۾ استعمال هيٺ اچي رهيو آهي. اڄ بہ سنڌي ماڻهو اجرڪ ان ئي نموني ۾ شان سان اوڍيندا آهن. جهڙي طرح سنڌو سڀيتا جي دور ۾ اوڙهيو ويندو هو. ان کان سواءِ سنڌو سڀيتا جي دور جا اهڙا 39 عنصر موجود آهن. جيڪي 1900 ق م ۾ هن خطي مان ماڻهن جي لڏپلاڻ سبب گنگا ماٿري ۾ رائج ٿيا. (21) موهن جي دڙي مان مليل ناچڻي کي ڪراين ۾ ٺوٺ کان مٿي تائين چوڙا پهريل مليا آهن. جڏهن تہ موجوده سنڌ ۾ اڄ بہ عورتون ڪراين کان ٺوٺ جي مٿئين حصي تائين چوڙا پائين ٿيون. سنڌو سڀيتا جي دور ۾ هڪ ٻئي سان ملڻ وقت هٿ ٻڌي آڏرياءُ ڪرڻ جو رواج هيو. اهو هٿ ٻڌي هڪ ٻئي جو آڏرياءُ ڪرڻ جو طريقو 5 هزار سال گذرڻ باوجود اڄ بہ سنڌ ۾ رائج آهي.



سنڌو ماٿري جي ماڳن تان مليل مهرن ۾ ڪيترين ئي مهرن تي هڪ شخص کي يوگا جي پوزيشن ۾ ويٺل ڏيکاريو ويو آهي. جنهن جي چوڌاري جانور موجود آهن. اها مهر هندن جي ڀڳوان شيوا سان مشابهت رکندڙ آهي. ڀڳوان شيوا يوگا پوزيشن ۾ ويهندو هو ۽ کيس جانورن جو دوست قرار ڏنو ويندو آهي. ماهرن سنڌو ماٿري جي انهن مهرن کي شيوا جون مهرون قرار ڏنو آهي. جڏهن تہ سنڌو ماٿري مان ڪجهہ مهرن تي مرد ڀڳوان جون تصويرون مليون آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌو ماٿري مان ئي شيوا ڀڳوان جي عبادت جي شروعات ٿي جيڪا اڄ سوڏو برصغير ۾ هلندڙ آهي. (22) جيڪڏهن فرض ڪيو وڃي تہ سنڌو ماٿري تي آرين جي صورت ۾ ٻاهرين ماڻهن حملو ڪيو تہ پوءِ هن خطي تي هنن ضرور پنهنجو مذهب، ريتون ۽ رسمون نافذ ڪيون هونديون. پر هن خطي ۾ موهن جي دڙي واري دور کان پوءِ بہ ساڳيو مذهب ۽ عبادت جون ساڳيون رسمون رائج رهيون. جنهن سان آرين جي حملي يا هن خطي طرف لڏپلاڻ واري نظرئي جي ترديد ٿئي ٿي.

سنڌو سڀيتا جي عروج واري دور بعد بہ هن ماٿري ۾ ساڳي تهذيب جو تسلسل جاري رهيو. مارڪ ڪينوائر طرفان ڪيل تازي تحقيق ۾ سنڌو سڀيتا جي دور ۾ خوبصورت زيور، آرائش جون شيون ٺاهڻ لاءِ باهہ جون ڀٺيون ايجاد ڪيون ويون. جن ۾ انتهائي وڏي گرمي پد 940 سي تي شين کي پگهاري مختلف فينسي قسم جو آرائشي سامان، زيور، مهرون، اڏاوتي سرون ۽ رانديڪا ٺهيا ويندا هئا. ان قسم جا ساڳيا ڀٺا اڄوڪي دور ۾ بہ موجود آهن. (23) باهہ جي ڀٽن جو اهو تسلسل ثابت ڪري ٿو تہ هن خطي ۾ هزارين سالن کان ساڳيا ماڻهو رهائش پذير آهن. ڪنهن بہ ٻاهرين حملي سبب هن خطي ۾ ڪابہ ثقافتي تبديلي نظر نہ ٿي اچي.



پروفيسر بي بي لال ويدڪ تهذيب کي سنڌو ماٿري جي سڀيتا جو تسلسل قرار ڏئي ٿو. سندس تحقيق موجب سنڌو سڀيتا جي ماڳن لوٿل، ڪالي بنگن ۽ بناوالي ۾ باهہ جي پوڄا وارا هنڌ مليا آهن. باهہ جي پوڄا جا اهي هنڌ نہ فقط گهرن پر عوامي هنڌن تان بہ مليا آهن. ويدڪ لکتن مان بہ ساڳي طرح باهہ جي پوڄا جا ثبوت مليا آهن. ڪالي بنگن شهر جي مرڪز مان هڪ ئي هنڌ تان باهہ جي پوڄا جا 5 هنڌ مليا آهن. اهي پوڄا جا هنڌ اهڙي طرح ٺاهيا ويا آهن، جو عبادت وقت پوڄارين جو منهن اوڀر طرف هجي. ساڳي طرح ويدن ۾ بہ باهہ جي پوڄا وقت اوڀر طرف مهڙ ڪرڻ بابت لکيل آهي.

سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي لڳ ڀڳ اڌ صديءَ تائين تحقيق ڪندڙ آرڪيالاجسٽ پروفيسر بي بي لال موجب سنڌو ماٿري مان مليل قديم آثارن ۽ انهن تي ٿيل تحقيق دوران هن خطي تي ٻاهرين حملي يا جنگ جو ڪوبہ ثبوت نہ مليو آهي. ان ڪري آريائي حملي واري ٿيوري حقيقت نہ پر مفروضو آهي. بي بي لال موجب سنڌو ۽ ويدڪ تهذيب جا بنياد ساڳيا آهن. سنڌو تهذيب ۽ ويدڪ دور هڪ سڪي جا ٻہ پاسا آهن. جهڙي طرح سنڌو سڀيتا جا وارث هن ڌرتي جا فرزند هئا، ساڳي طرح ويدڪ دور جا رهواسي بہ سنڌو تهذيب جو تسلسل ۽ هن ڌرتي جا مقامي باشندا هئا. (24) پروفيسر بي بي لال آريا حملي واري ٿيوري بابت پنهنجي مشهور تحقيقي ڪتاب (The Rigvedic People: Invaders? Immigrants? or Indigenous) ۾ آريائي حملي کي رد ڪرڻ بابت ڪيترائي آرڪيالاجيڪل ثبوت ڏنا آهن. هن اهو ثابت ڪيو آهي تہ سنڌو سڀيتا جي دور جون ڪيتريون ئي ريتون رسمون ۽ ثقافتي قدر اڄ بہ هن خطي ۾ موجود آهن. (25) پروفيسر لال موجب يوگا، شولنگم ۽ يوني جي پوڄا، شادي شده عورتن طرفان سينڌ ۾ سنڌور وجهڻ، ٻانهن ۾ ڪاراين تائين چوڙا پائڻ، ٻئي هٿ ٻڌي نمستي چوڻ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي رسمون سنڌو سڀيتا جي دور کان اڄ تائين هن خطي ۾ موجود آهن. (26)

هڙاپا آرڪيالاجيڪل ريسرچ پراجيڪٽ (HARP) ۾ تحقيق ڪندڙ ماهر جارج ايف ڊيلز آرين حملي واري ٿيوري بابت چوي ٿو تہ اسان کي سنڌو سڀيتا جي اهم ماڳن جي 9 سالن دوران ڪيل کوٽاين دوران اهڙو ڪوبہ ثبوت نہ مليو آهي تہ هن سڀيتا کي ٻاهرين ماڻهن يعني آرين حملو ڪري تباهہ ڪيو. قديم ماڳن تان مليل انساني ڍانچن مان اهڙو ڪوبہ ثبوت نہ ٿو ملي تي ٻاهرين حملي آورن جنگ ڪري هنن شهرن کي فتح ڪيو هجي ۽ شهرن ۾ وڏي پئماني تي تباهي آندي هجي. (27)

اسٽيفن ڪنيپ موجب سنڌو سڀيتا جي ماڳن تان جيڪي 4 هزار سال پراڻا انساني ڍانچا مليا آهن، سي موجوده دور جي گجرات ۽ پنجاب جي ماڻهن سان نسلي هڪجهڙائي رکندڙ آهن. هن موجب اها ڳالهہ انتهائي دلچسپ آهي تہ جيڪڏهن پرڏيهي سفيد نسل جي ماڻهن هن خطي ۾ داخل ٿي ان تي قبضو ڪيو تہ پوءِ ان پرڏيهي نسل جي ماڻهن جا جينيٽڪ ثبوت موجوده دور جي ماڻهن ۾ هجڻ گهرجن ها. (28) ان ڪري هن خطي جي ماڻهن ۾ صدين کان نسلي هڪ جهڙائي ثابت ڪري ٿي تہ سنڌو ماٿري تي ڪابہ پرڏيهي يلغار نہ ٿي هئي. نہ وري ڪنهن ٻاهرين نسل جا ماڻهو هن خطي جي آباديءَ ۾ ضم ٿيا هئا.

سنڌو ماٿري ۾ اڄ بہ اهي ماڻهو آباد آهن، جيڪي سنڌو سڀيتا جي دور ۾ هن خطي ۾ رهندڙ هئا. سندن فزيڪل خاصيتن ۾ اڄ بہ هڪ جهڙائي موجود آهي. هن خطي ۾ سنڌو سڀيتا جي دور ۽ اڄوڪي دور ۾ رهندڙ ماڻهن جي وچ ۾ جينيٽڪ هڪ جهڙايون موجود آهن. ناميارن بائيو اينٿروپلاجسٽس پرتاپ سي دتا، ڪينٿ اي آر ڪينيڊي، بي اي هيمپفل ۽ ايس آر ولمبي سنڌو سڀيتا جي ماڳن تان ملندڙ انساني ڍانچن جي هن ئي خطي مان مختلف دورن ۾ مليل انساني ڍانچن سان ڀيٽ ڪندي اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ سنڌو ماٿري ۾ اڄ بہ اهي ماڻهو رهندڙ آهن، جيڪي سنڌو سڀيتا جا خالق هئا. انهن ماهرن موجب فزيڪل اينٿروپلاجيڪل ڊيٽا آرين جي حملي واري ٿيوري کي رد ڪري ٿي. سندن موجب برصغير جي اتر اولهہ سيڪٽر ۾ سنڌو سڀيتا جي ڊرڪي پوڻ بعد ڪنهن بہ قسم جي ڊيموگرافڪ تبديلي نظر نہ ٿي اچي. نامياري اينٿروپلاجسٽ اي آر ولمبي (S.R. Walimbe) چيو آهي تہ انساني ڍانچن جي چڪاس مان اهڙو ڪوبہ ثبوت نہ ٿو ملي تہ سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي ٻاهران آيل حملي آورن قبضو ڪيو هو. (29) (30)

حوالا:

(1) Kenoyer, Jonathan. (1998). Ancient Cities of the Indus Valley Civilization. Oxford, New York. Oxford University Press.

(2) *White, David Gordon (2003). Kiss of the Yogini. Chicago: University of Chicago Press. p. 28.* ISBN 978_0_226_89483_6.

(3) *Shaffer, Jim (1993). "Reurbanization: The eastern Punjab and beyond". In* Spodek, Howard*; Srinivasan, Doris M. (eds.). Urban Form and Meaning in South Asia: The Shaping of Cities from Prehistoric to Precolonial Times.*

(4) *"Indus Collapse: The End or the Beginning of an Asian Culture?" Science Magazine. 320: 1282–1283. 6 June 2008* (https://science.sciencemag.org/content/320/5881/1281)

(5) Kenoyer J.M. (2006), "Cultures and Societies of the Indus Tradition. In Historical Roots" in the Making of 'the Aryan', R. Thapar (ed.), pp. 21–49. New Delhi, National Book Trust.

(6) Possehl, Gregory L.; Raval, M. H. (1989). Harappan Civilization and Rojdi. American Institute of Indian Studies.

(7) Kenoyer, Jonathan. (July 2003) Uncovering the keys to lost Indus cities. Scientific American. pg 67 to 75. (Scientific American, Vol. 289, No. 1 (JULY 2003), pp. 66_75 Published by: Scientific American, a division of Nature America, Inc.)

(8) Kenoyer, Jonathan. (July 2003) Uncovering the keys to lost Indus cities. Scientific American. pg 72 to 75.

(9) Bryant, Edwin *(2001), The Quest for the Origins of Vedic Culture: The Indo_Aryan Migration Debate, Oxford University Press,* ISBN 978_0_19_513777_4. p. 231.

(10) Kenoyer Jonathan Mark, UNCOVERING THE KEYS TO THE LOST INDUS CITIES, Scientific American, Vol. 289, No. 1 (JULY 2003), pp. 66_75 (PDF)

(11) Bryant 2001, p. 231

(12) Kennedy Kenneth A.R, Have Aryans been identified in the Prehistoric Skeletal record from South Asia? Biological Anthropology and the concepts of Ancient races in The Decline and fall of the Indus civilization ed. Nayanjot Lahiri, Permanent Black 2000

(13) Erdosy, George, ed. (1995), The Indo_Aryans of Ancient South Asia: Language, Material Culture and Ethnicity, Berlin/New York: Walter de Gruyter, ISBN 978_3_11_014447_5

(14) Mandavilli Sujay Rao, The Demise of the Dravidian, Vedic and Paramunda Indus
Hypotheses: A brief explanation as to why these three
Hypotheses are no longer tenable, Pp: 20_21

(15) Erdosy 1995, p. 49

(16) Erdosy, George, ed. (1995), The Indo_Aryans of Ancient South Asia: Language, Material Culture and Ethnicity, Berlin/New York: Walter de Gruyter, ISBN 978_3_11_014447_5

(17) Erdosy 1995, p. 49

(18) Hemphill 1998 "Biological Affinities and Adaptations of Bronze Age Bactrians: III. An initial craniometric assessment", American Journal of Physical Anthropology, 106, 329–348.; Hemphill 1999 "Biological Affinities and Adaptations of Bronze Age Bactrians: III. A Craniometric Investigation of Bactrian Origins", American Journal of Physical Anthropology, 108, 173–192 (https://www.academia.edu/7065096/Biological_affinities_and_adaptations_of_Bronze_Age_Bactrians_III._An_initial_craniometric_assessment)

(19) Singh Ravindra N, et al. (2014) & Recent Excavations at Alamgirpur, Meerut District: A Preliminary Report. (https://www.academia.edu/8246061/Recent_Excavations_at_Alamgirpur_Meerut_District_A_Preliminary_Report)

(20) Feurstein, George, Kak, Subash, Frawley, David. (2001) In Search of the Cradle of Civilization. Wheaton, Illinois. Quest Books. pg. 91.

http://www.archaeologyonline.net/artifacts/harappa_mohenjodaro

(21) Mandavilli Sujay Rao, The Demise of the Dravidian, Vedic and Paramunda Indus, Pp: 38_39

(22) Stephen Knapp,. (2000). Proof of Vedic Culture's Global Existence. Detroit, Michigan. The World Relief Network. 42.

(23) Kenoyer, Jonathan. (1998). Ancient Cities of the Indus Valley Civilization. Oxford, New York. Oxford University Press. pg. 97.

(24) Lal B. B. Read more at: http://www.newsgram.com/vedic_and_harappan_are_respectively_literary_and_material_facets_of_same_civilization

(25) Lal B. B. The Rigvedic People: Invaders? Immigrants? or Indigenous?, Aryan Books International (February, 2015)

(26) Lal B. B. (2015). The Rigvedic People: 'Invaders'?/'Immigrants'? or Indigenous?. Aryan Books International.

(27) Dales F. George "The Mythical Massacre at Mohenjo_Daro" *Expedition Magazine* 6.3 (1964): n. pag. *Expedition Magazine*. Penn Museum, 1964 Web. 30 May 2019 http://www.penn.museum/sites/expedition/?p=733

(28) Knapp, Stephen. (2000). Proof of Vedic Culture's Global Existence. Detroit, Michigan. The World Relief Network. pg. 43. (https://www.stephen_knapp.com/proof_of_vedic_culture's_global_existence.htm)

(29) Hemphill BE, Lukacs JR, Kennedy KAR. 1991. Biological adaptations and affinities of the Bronze Age Harappans. In: Meadow RH, editor. Harappa excavations 1986–1990: a multidisciplinary approach to third millennium urbanism. Madison (WI): Prehistory Press. pp 137–182.

(30) Walimbe SR. 1993. The Aryans: the physical anthropological approach. In: Deo SB, Kamath S, editors. The Aryan problem. Pune: Bharatiya Itihasa Sankalana Samiti. pp 108–115.

# سنڌو ماٿري مان پرڏيهه ڏانهن لڏپلاڻ

سنڌو سڀيتا جي رهواسين طرفان ٻين ملڪن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري اتي وڃي آباديون قائم ڪرڻ بابت ڪيئي ماهر متفق آهن. ناميارن آرڪيالاجسٽن ۽ اينٿروپلاجسٽن سينگوپتا ۽ اندرهل به تحقيق بعد اهو نتيجو ڪڍيو ته هن خطي ڏانهن ڪابه لڏپلاڻ نه ٿي هئي، پر اصل ۾ سنڌو ماٿري (انڊيا) مان ماڻهن يورپ ۽ ٻين ملڪن طرف لڏپلاڻ ڪئي هئي. (1) ساڳي طرح ليوئس ڪيونٽنا، مورسي ۽ سنڌس ساٿي محققن ونسينٽ ماڪيولي ۽ سنڌس ساٿين، وي اي هناهه، جيمس ۽ مائيڪل پترا گاليا به پنهنجن پنهنجن مطالعن بعد اهو نتيجو ڪڍيو ته آفريڪا مان جديد انسان لڏپلاڻ ڪري 75 هزار سال اڳ ڏکڻ اولهه ايشيا ۾ پهتو. جنهن بعد هن اتان دنيا جي ٻين خطن طرف لڏپلاڻ ڪئي. اهڙي طرح جديد انسان 50 هزار سال اڳ وچ اوڀر ۽ اولهه يورپ ۾ پهتو.

سنڌو ماٿري تي سينٽرل ايشيا مان نام نهاد آرين جي حملي واري ٿيوري ۽ بعد ۾ ان مفروضي جي ناڪامي کان پوءِ گهڙيل لڏپلاڻ وارين ٿيورين کي دنيا سميت انڊيا جي ڪيترن ئي محققن دليلن سان رد ڪيو ۽ ان کي بينڪي راڄ دوران گهڙيل ڪوڙ ۽ مڪاري قرار ڏنو. ماهرن جي وڏي انگ آرين کي ڪو ٻاهران آيل حملي آور گروپ نه پر هتان جا مقامي باشندا قرار ڏنو. ان ٿيوري کي مقامي آريا ٿيوري ( Indigenous Aryans theory (IAT)) سميت انڊيا کان پرڏيهه ٿيل لڏپلاڻ واري ٿيوري (Out of India theory (OIT)) جو نالو ڏنو ويو. مقامي آرين واري ٿيوري موجب آريا ڪي ٻاهران حملو ڪري يا لڏپلاڻ ڪري آيل ماڻهو نه هئا، پر هو هن ديس جا ئي اصلوڪا باشندا هئا ۽ سنڌن ٻوليون هن ئي خطي ۾ اسريون ۽ نسريون. مقامي آريا ٿيوري جي ماهرن موجب سنڌو تهذيب دراوڙن جي تهذيب نه پر ويدڪ تهذيب هئي. (2)

آرين جي مقامي هجڻ واري ٿيوري جا حامي ماهر پنهنجي دليلن جي حق ۾ آرڪيالاجي ۽ ثقافتي تسلسل جا ثبوت ڏين ٿا. ان سان گڏ سندن اهو به دليل آهي ته انڊيا جي قديم مذهبي ڪتابن پراڻ، مهاڀارتا ۽ رامائڻ ۾ جن بادشاهن جو ذڪر موجود آهي، اهي آرين جي حملي يا لڏپلاڻ بابت ڏنل تاريخن کان هزارين سال پراڻا آهن. جن کي ڪجهه ماهر قصا ۽ ڪهاڻيون (Mythology) قرار ڏئي رد ڪن ٿا.

انڊيا جي رياست هرياڻه جي ضلعي فتح آباد ۾ ڀهرانا جو قديم ماڳ اڄ کان 9 هزار سال آڳاٽو آهي. سنڌو سڀيتا جو انتهائي قديم ماڳ ڀهرانا سرسوتي ندي جي ڪناري تي 7 هزار ق م ۾ آباد هيو.

(3) آرڪيالاجي جي ماهر سارڪر موجب سرسوتي ندي جي ڪنارن تي سنڌو سڀيتا جي شروعاتي دور جا ماڳ مليا آهن. 5 هزار ق م ۾ موسمي تبديلين يعني برساتون گهٽجي وڃڻ سبب سرسوتي ندي آهستي آهستي پنهنجو وهڪرو گهٽائڻ لڳي ۽ 1500 ق م تائين هي ندي مڪمل طور سڪي پنهنجو وهڪرو وڃائي ويٺي. (4) موسمي تبديلين سبب سنڌو سڀيتا آهستي آهستي پنهنجو شهري اوج وڃائڻ لڳي. جنهن بعد هماليه جبل جي پسگردائي سميت جمنا ندي جي ماٿري، گجرات ۽ راجستان ۾ ننڍيون ننڍيون آباديون اسرڻ لڳيون.

ڪيناڊا جي ناميارِي آرڪيالاجسٽ وم بورسبوم (Wim Borsboom) موجب موجوده بلوچستان جي اپرندي حصي وارين ماٿرين مان شڪار ۽ پوکي راهي تي گذر سفر ڪندڙ ماڻهن جي ٽولن سپتا سنڌو ماٿري طرف لڏپلاڻ ڪئي. هنن ماڻهن سپتا سنڌو ماٿري ۾ پوکي راهي ڪرڻ شروع ڪئي. ان ڪري ڪين آريا يعني زمين کيڙيندڙ ۽ پوکي راهي ڪندڙ سڏيو ويو ۽ سندن خطي کي آرين جو خطو يا زمين قرار ڏنو ويو. مهرڳڙهه ۾ رهندڙ هي ماڻهو تهذيب جا ابتدائي ڏاڪا اتي طئہ ڪرڻ بعد سپتا سنڌو ماٿري ۾ شاندار شهري تهذيب جو حصو بڻجي ويا. وم بورسبوم موجب 1850 ق م ۾ آريا لفظ عزت دار، زمين رکندڙ يا پوکي راهي ڪندڙ طور استعمال ڪيو ويندو هو. مهرڳڙهه وارو خطو ان دور ۾ زرعي زرخيزي جي حوالي سان مشهور هو. وم بورسبوم موجب مهرڳڙهه وارو ماڳ زراعت يعني پوکي راهي ڪرڻ جي حوالي سان ڏکڻ ايشيا جو پهريون قديم ماڳ آهي. هن ئي خطي ۾ پهريون ڀيرو زراعت جا نوان طريقا استعمال يا ايجاد ڪيا ويا. وم بورسبوم جي مهرڳڙهه اميگريشن ٿيوري موجب مهر ڳڙهه جا زراعت پيشا ماڻهو ئي آريا سڏجڻ ۾ آيا. (5) پارت جي قديم لٽريچر ۾ انهن ماڻهن جو ئي ذڪر آهي. جن ڏکڻ انديا طرف لڏپلاڻ ڪئي. مهرڳڙهه جا اهي ماڻهو سنڌو ماٿري ۾ اڳ رهندڙ ماڻهن کان سرن ناهڻ، بٺن ۾ سرن پچائڻ، تعميرات، ڊرائنگ ۽ لکڻ جي فن ۾ وڌيڪ اڳيرا هئا. وم بورسبوم جي مهرڳڙهه اميگريشن ٿيوري موجب سنڌو ماٿري ۾ هي لڏپلاڻ ڪا ٻاهرين ملڪ مان نہ ٿي پر هي هن ئي خطي يعني پنهنجي ئي وطن اندر ماڻهن جي لڏپلاڻ هئي.

آمريڪا جي اوڪلوهوما اسٽيٽ يونيورسٽي جي پروفيسر سڀاش ڪاڪ چيو آهي تہ جيڪڏهن آفريڪا انسانذات جو هندورو آهي تہ انڊيا ان جي نرسري آهي. هن انڊيا تي آريائي حملي واري ٿيوري کي رد ڪندي چيو آهي تہ نئين کوجنائن ذريعي 4 کان 5 هزار سال اڳ آرين جي هن ديس تي حملي واري ٿيوري رد ٿي چڪي آهي. يونيورسٽي آف ويسٽ فلوريڊا جي پروفيسر ڊاڪٽر مدن لال گوئيل جو چوڻ آهي تہ جديد تحقيق موجب آفريڪا کان پوءِ انسانذات جو ٻيو گهر انڊيا هو. انڊيا مان ئي ماڻهن جي يورپ، جاپان ۽ چين طرف لڏپلاڻ ٿي. ان ڪري هن خطي جي ماڻهن جي ٻولين يورپ جي ٻولين تي پنهنجا اثر ڇڏيا. هن جو چوڻ آهي تہ تازي تحقيق ان ڳالهہ کي رد نہ ٿي ڪري تہ انڊيا جي ماڻهن جا يورپ ۽ ايشيا جي انڊو يورپين ماڻهن سان لاڳاپا قائم هئا. انڊيا کان

**ميڊيٽرين سمنڊ (بحر روم) تائين هڪ بيلٽ قائم هيو جنهن جا ماڻهو هڪ ٻئي سان لاڳاپيل زبانون ڳالهائيندا هئا. جن کي انڊو يورپين زبانون قرار ڏنو پيو وڃي. (6) ڊاڪٽر مدن لال گوئيل موجب انڊو يورپين زبانن واري خاندان ۾ سنسڪرت سڀ کان وڌيڪ قديم زبان آهي. ان ڪري ان کي انڊو يورپين زبانن جي ماءُ قرار ڏئي سگهجي ٿو.**

قديم دؤر جي مختلف تهذيبن وچ ۾ هڪجهڙايون ملڻ جيئن قديم مصر جي تهذيب، عراق جي تهذيب ۽ سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳن مان مليل سامان، لڪتن ۽ گهرن جي اڏاوت ۾ مشابهت، ان ڳالهه جا وڌيڪ پختا دليل آڏو آندا ته قديم دؤر ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ لڏپلاڻون ٿينديون رهيون. ڪيئي قبيلا ۽ برادريون موسمي ڦيرين گهيرين ڪري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وينديون رهيون. لڏپلاڻ جي عمل ۾ اچڻ جو سبب اهوئي هيو جو موسمي تبديلين، يعني گهٽ برساتن، سردين، طوفانن، ٻوڏن، زلزلن ڪري سرسبز ميدان صحرائن ۾ تبديل ٿي ويندا هئا ته وري ڪي ٽوٽ سڪل ۽ انساني تهذيب کان نا آشنا خطا بدلجي سرسبز ۽ آباد ٿي ويندا هئا. اهڙي طرح موسمي ڦيرين گهيرين کان سواءِ لڏپلاڻ آبادي جي واڌ ڪري به عمل ۾ ايندي هئي. سنڌو ماٿري مان جيڪا لڏپلاڻ ٿي ۽ هتان جا ماڻهو قديم دؤر ۾ ٻين خطن ۾ وڃي آباد ٿيا. ان جي پويان به اهي عمل ڪارفرما هيا. انساني تاريخ جا ڪيترائي ماهر ان ڳالهه سان هم خيال آهن. فرگوسن ته چوي ٿو ته سنڌ مان سنڌوندي رستي ڌاتين پنيان ڌاتيون ۽ بي شمار ماڻهو ٻاهر ويا آهن. جن تهذيب جو ڦهلاءُ ڪيو آهي. (7)

دنيا جي گهڻن قديم قومن جي تهذيب ۽ تمدن، ٻوليءَ ۽ ڪلچر ۾ سنڌو ماٿري جي پروٽو سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر جي ڇاپ ملڻ، ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته هزارين سال اڳ جڏهن سنڌ ڌرتيءَ تي انساني اوسر ۽ تهذيب جي ابتدا ٿي ته هتان جا ماڻهو قافلن جي صورت ۾ خشڪيءَ توڙي سمنڊ رستي دنيا ۾ ڦهلجڻ لڳا. هو پنهنجن ٻيڙين ۽ غورابن ۾ چڙهي، نين انساني آبادين کان خالي توڙي تهذيب جي ابتدائي مرحلن ۾ سفر ڪندڙ انساني آبادين تائين وڃي نڪتا. (8) هيءَ لڏپلاڻ سنڌو ماٿر مان ان وقت ٿيڻ لڳي، جڏهن موهن جو دڙو، هڙاپا، چانهون جو دڙو، ڪوٽڏيجي پنهنجي تهذيب جي اعليٰ منزل تي رسيل هيا.

## حوالا:


(1) Danino Michel, Aryans and the Indus Civilization: Archaeological, Skeletal and Molecular Evidence, Book: A Companion to South Asia in the Past, Pp.205_224, April, 2016.

(2) Chavda A.L., The Aryan Invasion Myth: How 21st Century Science Debunks 19th Century Indology, May, 2017, P_1_33 (PDF)

(http://indiafacts.org/aryan_invasion_myth_21st_century_science_debunks_19th_century_indology/) (A.L. Chavda is a theoretical physicist whose research interests include dark matter, dark energy, black hole physics, quantum gravity, and the physics of the very early universe.)
(3) Dikshit, K.N. (2013), "Origin of Early Harappan Cultures in the Sarasvati Valley: Recent Archaeological Evidence and Radiometric Dates" (PDF), Journal of IndIan Ocean Archaeology No. 9, 2013.
(4) Sarkar, Anindya (2016), "Oxygen isotope in archaeological bioapatites from India: Implications to climate change and decline of Bronze Age Harappan civilization", Scientific Reports, 6 (https://www.nature.com/articles/srep26555)
(5) https://independent.academia.edu/WimBorsboom
(6) GOEL MADAN LAL, THE MYTH OF ARYAN INVASIONS OF INDIA, www.uwf.edu/lgoel
(7) Frgossen, "History of Indian and Eastern Architecture" Vol: 1, Introduction P_4
(8) رڪ سنڌي، سنڌو سيپتا جي اوسر، حيدرآباد

# نتيجا

هن ڪتاب ۾ جديد سائنسي بنيادن تي تحقيق ذريعي اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي پوئتي پوڻ بعد هن خطي تي 1500 ق م ۾ يورپ يا سينٽرل ايشيا ڪان آرين نالي نسل جو ڪوبہ حملو نہ ٿيو هو ۽ نہ وري آرين طرفان برصغير طرف ڪا لڏپلاڻ ڪئي وئي.

يورپي ماهرن طرفان جنهن انڊو يورپين ٻولين جي گروپ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. اهو اصل ۾ آڳاٽي سنڌي زبان جي اثر هيٺ ٻولين جو گروپ هيو. جنهن کي جديد تحقيق بعد مليل ثبوتن جي بنياد تي سنڌو يورپين زبانن جو گروپ قرار ڏيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ سنڌو يورپين زبانن واري گروپ جو اصل وطن سنڌو ماٿري هئي.

سنڌو سڀيتا جي پوئتي پوڻ بعد هن ماٿري ۾ تهذيب جو ڦيٿو ڦرڻ رڪجي نہ ويو نہ وري هن خطي تي ٻاهران آيل آرين حملو ڪري پنهنجي تهذيب ۽ ٻولي جو بنياد وڌو پر سنڌو تهذيب پوئتي پوڻ بعد ويدڪ دور ۾ داخل ٿي. ويدڪ دور سنڌو سڀيتا جو تسلسل هيو.

برصغير ۾ هندو مذهب جي شروعات ٻاهران آيل آرين نہ ڪئي هئي، پر سنڌو ماٿري هندو ڌرم جو جنم هنڌ آهي. 1500 ق م ۾ رگ ويد سنڌو ندي جي ڪنارن تي لکيو ويو. جنهن جا خالق سنڌو ماٿري جا رهواسي هئا.

سنڌو ماٿري جي تهذيب ڏکڻ انڊيا ۾ رهندڙ دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن جي سڀيتا نہ هئي، پر ان تهذيب جا خالق اهي ئي ماڻهو هئا، جيڪي اڄ بہ سنڌو ماٿري يعني اڄوڪي پاڪستان (سنڌ ۽ پنجاب) ۽ انڊيا جي علائقن پنجاب، راجستان، گجرات، ڪڇ، ڪانياواڙ ۾ رهندڙ آهن.

رگ ويد ۾ جاٽايل ويڙهہ پرڏيهہ کان آيل حملي آور آريائي قبيلن ۽ هتان جي اصلوڪن رهواسين وچ ۾ جنگ نہ هئي، پر اها ويڙهہ مقامي راجائن وچ ۾ هڪ ٻئي جا علائقا هٿ ڪرڻ ۽ اندروني ڇڪتاڻ جو نتيجو هئي.

سنڌو ماٿري سميت انڊيا جي ماڻهن جو جينيٽڪ بنياد R1a1a هو جيڪو هتان هزارين سال اڳ اولهہ وارن ملڪن طرف پکڙيو. سنڌو ماٿري جي ماڻهن اولهہ وارن يورپي ملڪن طرف لڏپلاڻ ڪري وچي آباديون قائم ڪيون. جنهن ڪري سنڌن جينيٽڪ R1a1a بنياد يورپ جي ملڪن ۾ بہ ملي ٿو.

# سنڌو سڀيتا جي سڃاڻپ سان هٿ چراند

برصغير تي انگريزن جي قبضي وقت جڏهن قديم دور جي ماڳن جي کوٽائي دوران 5 هزار سال کان وڌيڪ قديم تهذيب جو انڪشاف ٿيو تہ ان کي پهريان ملندڙ قديم ماڳ هڙاپا جي نالي پويان، هڙاپائي تهذيب جو نالو ڏنو ويو. هڙاپا کان پوءِ ان جهڙو ئي قديم ماڳ موهن جو دڙو سميت ڪيئي ٻيا ماڳ هٿ آيا. انهن مليل ماڳن جو لاڳاپو جيئن تہ سنڌو ماٿري سان هو ان ڪري هن تهذيب کي ڪنهن هڪ ماڳ بدران سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي نالي سان منسوب ڪيو ويو. بيٺڪي دور جي خاتمي تائين هن تهذيب جو نالو سنڌو ماٿري جي سڀيتا (Indus Valley Civilization) برقرار رهيو. جڏهن برصغير جي ورهاڱي بعد بہ الڳ الڳ ملڪ پاڪستان ۽ انڊيا جي نالن سان وجود ۾ آيا تہ سنڌو سڀيتا جي نالي تي بہ ورهاڱي سميت مذهب پنهنجا اثر ڏيکارڻ شروع ڪيا. انڊيا ۾ هن عظيم تهذيب کي مختلف نالن ڏيڻ جو هڪ سلسلو شروع ٿيو. ان سلسلي هيٺ پهريان تہ سنڌو ماٿري جي سڀيتا کي سنڌو- سرسوتي تهذيب (Sindhu_Saraswati Civilisation) جو نالو ڏنو ويو. ان جو اهو جواز ڏنو ويو تہ جيئن تہ اڳ رڳو سنڌو ماٿري مان هن سڀيتا جا ماڳ مليا هئا، ان ڪري هي تهذيب سنڌو تهذيب قرار ڏني وئي، جڏهن تہ بعد ۾ سرسوتي ندي جي ڪنارن سان بہ هن تهذيب جا ڪيئي ماڳ مليا آهن. ان ڪري هن تهذيب جو نالو رڳو سنڌو نہ پر سرسوتي جي گڏيل نالي سان منسوب هجڻ گهرجي. هتي هڪ ڳالهہ سمجهڻ ضروري آهي تہ سرسوتي ندي، جنهن کي مختلف نالن هاڪڙو، گهاگهر ۽ نالاشڪر سان سڏيو ويندو آهي، اهو ڪو سدا وهندڙ درياهہ نہ هو پر برساتن ۽ ٻوڏ جي موسم ۾ وهي ايندو هو. وري جڏهن موسم خشڪ ٿي ويندي هئي يا برساتون گهٽجڻ لڳنديون هيون تہ اهو درياهہ پنهنجو اوج وڃائي وهندو هو. جڏهن تہ سنڌو درياهہ سدا وهندڙ درياهہ رهيو آهي ۽ هزارين سال گذرڻ بعد اڄ بہ پنهنجو وجود برقرار رکيو پيو اچي. ان ڪري هي قديم شهري تهذيب ڪنهن موسمي درياهہ نہ پر سدا وهندڙ درياهہ جي ڪنارن تي سرجي، وڌي ويجهي ۽ جوان ٿي. ان تهذيب جا وڏا مرڪزي شهر بہ سنڌو ندي جي ڪنارن تي آباد هئا. ان ڪري ان تهذيب جي سڃاڻپ فقط سنڌو سڀيتا جي نالي سان ئي سونهين ٿي. جڏهن تہ سڄي دنيا اندر اها تهذيب سنڌو درياهہ جي نالي سان ئي سڃاتي وڃي ٿي. ان ڪري هن تهذيب کي ڪو ٻيو نالو ڏيڻ ڪنهن بہ طرح دانشمندي چئي نہ ٿي سگهجي.

جڏهن انڊيا ۾ مذهبي ڪٽرپڻي ۾ واڌ آئي ۽ خاص ڪري هندو انتهاپسند جماعت جنتادل پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو تہ سنڌو تهذيب کي انڊيا جي تهذيب (Indian Civilization) قرار ڏئي، ان جي وڏي پئماني تي تشهير ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ ادارا قائم ڪيا ويا، انڊين تهذيب جي عنوان هيٺ ڪتاب لکيا ويا. جيڪو سلسلو اڄ بہ جاري آهي. ساڳي طرح پاڪستان ۾ بہ اهڙيون

ڪوششون ڪيون ويون. خاص ڪري ان سلسلي ۾ ڪتاب لکرايا ويا. قديم پاڪستان جي نالي سان نه صرف ڏيهي پر پرڏيهي ليکڪن کان ڪتاب لکرائي اهو تاثر ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته پاڪستان جي تاريخ 5 هزار سال پراڻي يعني موهن جي دڙي جي دور کان شروع ٿئي ٿي. (1) (2) پر پاڪستان ۾ اهي ڪوششون ڪامياب نه ٿي سگهيون. خاص ڪري ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومتي دور ۾ سنڌو سيپيتا تي عالمي ڪانفرنس " سنڌ صدين کان" جي عنوان هيٺ 1975ع ۾ ڪرائي، اهڙي تاثر کي رد ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

هتي هڪ ڳالهه واضح ڪرڻ ضروري آهي ته جنهن وقت هن خطي ۾ 5 هزار سال کان به اڳاتي هڪ ترقي يافته شهري تهذيب موجود هئي، ان وقت انڊيا يا پاڪستان نالي ملڪن، قومن يا خطن جو ڪو به وجود نه هيو. پاڪستان نالي ملڪ جي وجود کي ته اڃا هڪ صدي به مڪمل نه ٿي آهي. ان ڪري سنڌو تهذيب کي پاڪستان جي تهذيب قرار ڏيڻ ڪنهن به طرح سان عقلي عمل نه ٿو لڳي. اصل ۾ اڄ جو پاڪستان قديم دور جي سنڌو سيپيتا جي سرحدي حدبندين اندر ئي وجود رکي ٿو. سنڌو سيپيتا جون سرحدون فقط اڄوڪي پاڪستان تي مشتمل نه هيون، پر ان ۾ اڄوڪي انڊيا جو وڏو حصو به شامل هيو. ايئن چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته اڄ جو پاڪستان اصل ۾ سنڌو ماتري جي وارثن جو ملڪ آهي. ساڳي طرح جنهن وقت سنڌو سيپيتا وجود ورتو ان وقت هن خطي ۾ انڊيا نالي به ڪو ملڪ موجود نه هيو. اصل ۾ انڊيا تي اهو نالو سنڌو ندي جي نالي پويان پيو. يونان جي تاريخدان هيروڊٽس پهريون ڀيرو 4 صدي قبل مسيح ۾ سنڌو جي تلفظ کي ڦيرائي انڊ (انڊيا) نالو استعمال ڪيو. هيروڊٽس پنهنجي جاگرافي ۾ سنڌو ندي لاءِ انڊوس نالو استعمال ڪيو. جڏهن ته اتان جي رهواسين کي انڊين قرار ڏنو. سڪندر اعظم جي سنڌ تي حملي وقت سنڌو جو انڊيا جي نالي سان ذڪر ڪيو ويو.(3) (4) ساڳي طرح لفظ هندو يا هندستان به سنڌو جي نالي تان ورتل آهي. پراڻين پارسي لکتن ۾ سنڌو کي بدلائي هندو لکيو ويو. جنهن وقت دارا اول 516 ق م ۾ سنڌ فتح ڪئي ته پارسي لکتن ۾ س جو تلفظ هه ۾ بدلائي سنڌو ماتري جي هيٺين حصي واري خطي لاءِ هندو لفظ استعمال ڪيو ويو. (5) (6) جيڪو اڳتي هلي ملڪ مٿان هندستان جي نالي سان ڪتب اچڻ شروع ٿيو. جڏهن ته پراڻين انگريزي لکتن ۾ انڊيا نالو 9 صدي عيسوي ۾ استعمال ڪيو ويو. اهڙي طرح جديد انگريزي لکتن ۾ انڊيا جو نالو 17 صديءَ کان استعمال ۾ اچي ٿو. جنهن وقت هن خطي ۾ سنڌو تهذيب اُسري، نسري ۽ وڏي ترقي جون منزلون طئه ڪيون، ان وقت هن خطي ۾ انڊيا يا هندستان نالي ڪو جاگرافيائي ملڪ يا خطو موجود ئي نه هيو. ته پوءِ ان دور جي تهذيب کي انڊيا جي تهذيب قرار ڏيڻ پٺيان آخر گروهي مفادن کان سواءِ ڪهڙو منطق ٿي سگهي ٿو.

## حوالا:


(1) Wheeler Robert Eric Mortimer , Five Thousand Years of Pakistan: An Archaeological Outline, 1950

(2) Dani Ahmad Hasan, History of Pakistan: Pakistan Through Ages. 2007

(3) Harris, J. (2012), Indography: Writing the "Indian" in Early Modern England, Palgrave Macmillan US, p. 8, ISBN 978-1-137-09076-8

(4) Mukherjee, Bratindra Nath (2001), Nationhood and Statehood in India: A historical survey, Regency Publications, p. 3, ISBN 978-81-87498-26-1

(5) Thieme, P. (1970), "Sanskrit sindu-/Sindhu- and Old Iranian hindu-/Hindu-", in Mary Boyce; Ilya Gershevitch (eds.), W. B. Henning memorial volume, Lund Humphries, pp. 447–450

(6) Eggermont, Alexander's Campaigns in Sind and Baluchistan (1975)

# Bibliography


1. Advani Bhero Mal M. (2004) Ancient Sindh, Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Sindh
2. Alan K. Outram, Natalie A. Stear, Robin Bendrey, Sandra Olsen, Alexei Kasparov, The Earliest Horse Harnessing and Milking. http://science.sciencemag.org/content/323/5919/1332?sid=d021eb55-bcbd-4ebd-9eca-145ce25969b0
3. Allana, G.A, (2002) Origin and growth of Sindhi language, p: 301, nstitute of Sindhology. Jamshoro.
4. Allchin Bridget, Raymond Allchin, The Rise of Civilization in India and Pakistan, Cambridge University Press, 1982.
5. Amarakosha compiled by B.L.Rice, edited by N.Balasubramanya, 1970.
6. Ambedkar Baba sahib: Writings and Speeches, Volume 7, Education Department, Government of Maharashtra, 1990.
7. Ambedkar Bhimrao Ramji. Castes in India: Their Mechanism, Genesis and Development, Paper read at an anthropological seminar of Dr. Alexander Golden weiser in New York on 9 May 1916.
8. Anthony, David. (2010). Current Thoughts on the Domestication of the Horse in Asia. South Asian Studies. 1997.
9. Anthony, David; Ringe, Don (2015), "The Indo-European Homeland from Linguistic and Archaeological Perspectives", Annual Review of Linguistics, 1.
10. Anubhuti Vishnoi, Harappan site of Rakhigarhi: DNA study finds no Central Asian trace, junks Aryan invasion theory, ET Jun 13, 2018.
11. Arvidsson, Stefan, Aryan Idols: Indo-European Mythology as Ideology and Science, University of Chicago Press, 2006.
12. Aurobindo Sri, The Secret of the Veda, V 10, the Centenary Edition.
13. Auroux, Sylvain (2000). History of the Language Sciences. Berlin, New York: Walter de Gruyter.
14. Beckwith, Christopher I. (16 March 2009), Empires of the Silk Road: A History of Central Eurasia from the Bronze Age to the Present, Princeton University Press.
15. Bergunder Michael, HeikoFrese, Ritual, Caste, and Religion in Colonial South India, Primus Books, 2011.

16. Boyce, Mary (1984), Textual Sources for the Study of Zoroastrianism, Manchester UP.
17. Brohi Nasser, Studies in Brahui history, Pakistan Herald Press, Karachi, 1977
18. Brohi Nazeer Shakir, Mehran, (1993, 1_2) Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Sindh.
19. Brohi Sikander, Brahui Language Past, Present and Future, Brahui Academy, Pakistan, Quetta, 2018.
20. Brohi, Dad M. Study of Sindhi Language and Literature in Balochistan, Sindhi Language Authority, Hyderabad, Sindh.
21. Bryant, Edwin (2001), The Quest for the Origins of Vedic Culture: The Indo_Aryan Migration Debate, Oxford University Press, ISBN 978_0_19_513777_4.
22. Carol, G. Thomas (1988). Paths from ancient Greece. Brill. Retrieved 12 June 2011.
23. Chandora, Deen, Distorted Historical Events and Discredited Hindu Chronology, Revisiting Indus_Sarasvati Age and Ancient India.
24. Chavda A.L. The Aryan Invasion Myth: How 21st Century Science Debunks 19th Century Indology, May, 2017. (PDF) (http://indiafacts.org/aryan_invasion_myth_21st_century_science_debunks_19th_century_indology/)
25. Dales F. George "The Mythical Massacre at Mohenjo_Daro" Expedition Magazine 6.3 (1964): Expedition Magazine. Penn Museum, 1964 Web. 30 May 2019 http://www.penn.museum/sites/expedition/?
26. Dani Ahmad Hasan, History of Pakistan: Pakistan Through Ages. 2007
27. Danino Michel and Sujata Nahar, The Aryan Invasion of Europe, The Invasion that never Was.
28. Danino Michel, (2018) Fabricating Evidence in Support of the Aryan Invasion/Migration Theory. National Conference on Indian History: Emerging Perspectives, Indian Council of Historical Research, New Delhi.
29. Danino Michel, Aryans and the Indus Civilization: Archaeological, Skeletal and Molecular Evidence, Book: A Companion to South Asia in the Past, April, 2016. (https://www.researchgate.net/publication/301336677_Aryans_and_the_Indus_Civilization_Archaeological_Skeletal_and_Molecular_Evidence)

30. Danino Michel, The Horse and the Aryan Debate, Journal of Indian History and Culture of the C. P. Ramaswami Aiyar Institute of Indological Research, Chennai, September 2006, No.13.
31. David W. McAlpin, Brahui and the Zagrosian Hypothesis, Journal of the American Oriental Society, Vol. 135, No. 3 (July–September 2015).
32. Deepender Deswal, No Rakhigarhi migration since Harappan era: Experts,Tribune News Service, Hisar, June 15, 2018
33. Denys Bray, The Brahui Language Part 1, Brahui Academy, Quetta, 1977
34. Denys Bray, The Brahui Language Part 2, Brahui Academy, Quetta, 1978
35. Dhavalikar, M.K. "Archaeology of the Aryans." Annals of the Bhandarkar Oriental Research Institute.(2006): 2. JSTOR. Web. 28 July 2013.
36. Dikshit, K.N. (2013), "Origin of Early Harappan Cultures in the Sarasvati Valley: Recent Archaeological Evidence and Radiometric Dates" (PDF), Journal of IndIan Ocean Archaeology No. 9, 2013.
37. Eduljee K. E., Zoroastrian Heritage, 2005.
38. Edwards, Gladys Brown, The Arabian, war horse to show horse, the University of Wisconsin – Madison, 2011.
39. Eggermont, Alexander's Campaigns in Sind and Baluchistan (1975)
40. electricpulp.com. "BRAHUI – Encyclopaedia Iranica". www.iranicaonline.org.
41. Elfenbein J. H., The Baluchi language: a dialectology with texts, Royal Asiatic Society of Great Britain & Ireland; London, Luzac, 1966
42. Encyclopædia Britannica. Overview of Dravidian languages". . Retrieved 4 July 2018.
43. Erdosy, George, ed. (1995), The Indo_Aryans of Ancient South Asia: Language, Material Culture and Ethnicity, Berlin/New York: Walter de Gruyter, ISBN 978_3_11_014447_5
44. Evans, Stephen (2002). "Macaulay's minute revisited: Colonial language policy in nineteenth_century India". Journal of Multilingual and Multicultural Development 23 (4).
45. Feurstein, George, Kak, Subash, Frawley, David. (2001) In Search of the Cradle of Civilization. Wheaton, Illinois. Quest Books.
46. Frgossen, "History of Indian and Eastern Architecture" Vol: 1.
47. Goel M. Lal, The Myth of Aryan Invasions of India, University of West Florida, http://www.infinityfoundation.com/mandala/h_es/h_es_goel_m_aryan_frameset.htm

48. Grierson, George Abraham, Linguistic Survey of India, 11 Vols. In 19 Parts. Delhi, (2005).
49. Gupta S. P., The Indus_Sarasvati Civilization – Origins, Problems and Issues (Delhi: Pratibha Prakashan, 1996).
50. Harris, J. (2012), Indography: Writing the "Indian" in Early Modern England, Palgrave Macmillan US. ISBN 978_1_137_09076_8
51. Hemphill 1998 "Biological Affinities and Adaptations of Bronze Age Bactrians: III. An initial craniometric assessment", American Journal of Physical Anthropology, 106. (https://www.academia.edu/7065096/Biological_affinities_and_adaptations_of_Bronze_Age_Bactrians_III._An_initial_craniometric_assessment)
52. Hemphill BE, Lukacs JR, Kennedy KAR. 1991. Biological adaptations and affinities of the Bronze Age Harappans. In: Meadow RH, editor. Harappa excavations 1986–1990: a multidisciplinary approach to third millennium urbanism. Madison (WI): Prehistory Press.
53. http://archaeologyonline.net/artifacts/aryan_invasion_history.
54. http://archaeologyonline.net/artifacts/horse_debate
55. http://encyclopediasindhiana.org
56. http://indiatoday.intoday.in/story/indians_are_not_descendants_of_aryans_study/1/163645.html
http://timesofindia.indiatimes.com/india/Aryan_Dravidian_divide_a_myth_Study/articleshow/5053274.cms
http://hinduonline.co/Articles/HinduHistory/AryanInvasionTheory.html
57. http://topyaps.com/aryan_invasion
58. http://varnam.org/2006/01/what_aryan_invasion/
59. http://www.archaeologyonline.net/artifacts/harappa_mohenjodaro
60. http://www.asiaticsocietykolkata.org/history
61. http://www.columbia.edu/itc/mealac/pritchett/00generallinks/macaulay/txt_minute_education_1835.html
62. http://www.dnaindia.com/india/report_new_research_debunks_aryan_invasion_theory_1623744
63. http://www.imh.org/exhibits/online/legacy_of_the_horse/what_we_theorize_when_and_where_domestication_occurred/
64. http://www.pnas.org/content/103/4/843.full
65. http://www.slideshare.net/nidhi1509/aryans_invaded_india_fabricated_history

66. https://agniveerfan.wordpress.com/2011/08/04/dayanand-vedas-4/
67. https://aryaninvasionmyth.wordpress.com
68. https://books.sindhsalamat.com/book.php?book_id=288
69. https://doi.org/10.1073/pnas.0507714103
70. https://economictimes.indiatimes.com/news/politics-and-nation/harappan-site-of-rakhigarhi-dna-study-finds-no-central-asian-trace-junks-aryan-invasion-theory/articleshow/64565413.cms
71. https://economictimes.indiatimes.com/opinion/interviews/all-indians-have-the-same-genes-kumarasamy-thangaraj/articleshow/11324640.cms
72. https://independent.academia.edu/WimBorsboom
73. https://royalasiaticsociety.org/
74. https://sanskritdocuments.org/doc_z_misc_amarakosha.html
75. https://timesofindia.indiatimes.com/city/chandigarh/Descendants-of-Harappans-still-living-in-Rakhigarhi/articleshow/53609286.cms
76. https://www.britannica.com/place/Iran
77. https://www.britannica.com/topic/Aryan
78. https://www.eupedia.com/forum/threads/36400-Rakhigarhi-DNA-study-finds-no-Central-Asian-trace-junks-Aryan-invasion-theory
79. https://www.harappa.com/script/danitext1.html
80. https://www.heritageinstitute.com/zoroastrianism/aryans/index.htm
81. https://www.longdom.org/open-access/the-major-ychromosome-haplotype-xi--haplogroup-r1a-in-eurasia-2161-1041-1000150.pdf
82. https://www.mynation.com/views/aryan-invasion-theory-ait-kai-friese-indus-valley-civilisation-indian-history-pep13y
83. https://www.nature.com/articles/jhg20082
84. https://www.ncbi.nlm.nih.gov/pmc/articles/PMC3276658/
85. https://www.outlookindia.com/magazine/story/we-are-all-harappans/300463
86. https://www.stephen-knapp.com/proof_of_vedic_culture's_global_existence.htm
87. ICHR says – No Aryans or Dravidians, HISTORY: INDIA, JUNE 27, 2006, http://varnam.nationalinterest.in/2006/06/ichr_says_no_aryans_or_dravidi/

88. Indus Collapse: The End or the Beginning of an Asian Culture?" Science Magazine. 320: 1282–1283. 6 June 2008 (https://science.sciencemag.org/content/320/5881/1281)
89. International Journal of Dravidian Linguistics, Volumes 36_37" department of linguistics, University of Kerala
90. Interview of B. B. Lal, Hinduism Today, May, 1998
91. Jonathan Peter Spiro, Defending the Master Race, 2009
92. Kennedy Kenneth A.R, Have Aryans been identified in the Prehistoric Skeletal record from South Asia? Biological Anthropology and the concepts of Ancient races in The Decline and fall of the Indus civilization ed. Nayanjot Lahiri, Permanent Black 2000
93. Kenoyer J.M. (2006), "Cultures and Societies of the Indus Tradition. In Historical Roots" in the Making of 'the Aryan', R. Thapar (ed.), New Delhi, National Book Trust.
94. Kenoyer, Jonathan. (1998). Ancient Cities of the Indus Valley Civilization. Oxford, New York. Oxford University Press.
95. Kenoyer, Jonathan. (July 2003) Uncovering the keys to lost Indus cities. Scientific American. pg 67 to 75. (Scientific American, Vol. 289, No. 1 (JULY 2003), pp. 66_75 Published by: Scientific American, a division of Nature America, Inc.)
96. Knapp, Stephen, Crimes Against India: and the Need to Protect its Ancient Vedic, New York, 2009, https://books.google.com.pk/
97. Knapp, Stephen, The Aryan Invasion Theory: The Final Nail in its Coffin, www.stephen_knapp.com
98. Knapp, Stephen. (2000). Proof of Vedic Culture's Global Existence. Detroit, Michigan. The World Relief Network.
99. Kumar, Senthil, A.S. (2012), Read Indussian, Amarabharathi Publications & Booksellers.
100. Lal B. B. (2015). The Rigvedic People: 'Invaders'?/'Immigrants'? or Indigenous?. Aryan Books International.
101. Lal B. B. Read more at: http://www.newsgram.com/vedic_and_harappan_are_respectively_literary_and_material_facets_of_same_civilization
102. Lal B. B., The Earliest Civilization of South Asia (New Delhi: Aryan Books International, 1997).
103. Lal B.B (2002). The Sarasvatī flows on: the continuity of Indian culture. Aryan Books International

104. Lal B.B (2005). The Homeland of the Aryans. Evidence of Rigvedic Flora and Fauna & Archaeology. Aryan Books.
105. Lal B.B., The Truant Horse Clears the Hurdles,in The Aryan Debate edited by Thomas R. Trautmann (Oxford University Press, USA).
106. Lal, B. B. "Rigvedic Aryans: The Debate Must Go On." East and West 48.3 (1998): 441.JSTOR. Web. 28 Jan. 2013.
107. Letters of Swami Viveknanda,1976.
108. Macaulay by Zareer masani – a review". Guardian. Retrieved 20 September 2018.
109. MacKenzie, John, "A family empire," BBC History Magazine (January 2013).
110. Mait Metspalu, Irene Gallego Romero, Bayazit Yunusbayev, Gyaneshwer Chaubey, Chandana Basu Mallick, Georgi Hudjashov, Mari Nelis, Reedik Mägi, Ene Metspalu, Maido Remm, Ramasamy Pitchappan, Lalji Singh, Kumarasamy Thangaraj, Richard Villems, and Toomas Kivisild, Shared and Unique Components of Human Population Structure and Genome–Wide Signals of Positive Selection in South Asia, The American Journal of Human Genetics, 90, December 9, 2011
111. Majd, Hooman, The Ayatollah Begs to Differ: The Paradox of Modern Iran, by Hooman Majd, Knopf Doubleday Publishing Group, 23 September 2008, ISBN 0385528426, 9780385528429.
112. Mandavilli Sujay Rao, The Demise of the Dravidian, Vedic and Paramunda Indus Hypotheses: A brief explanation as to why these three Hypotheses are no longer tenable. (Josef Elfenbein, 1987)
113. Marri Mir Khuda Bakhsh, Searchlights on Baloches and Balochistan, Royal Book Company, 1974
114. Marshall Sir Johan, Mohenjo Daro and the Indus Civilization, Three Volumes, Arthur Probsthain, London, 1931.
115. Mirashi Vasudev Vishnu, Literary and Historical Studies in Indology, Motilal Banarsidass Publ. 1975.
116. Mukherjee, Bratindra Nath (2001), Nationhood and Statehood in India: A historical survey, Regency Publications. ISBN 978–81–87498–26–1
117. Mukherjee, Sibasis, Sindhi language and its history, https://www.academia.edu/800843/Sindhi_language_and_its_history
118. Muller, Max (1988), Biographies of words and the home of the Aryas, Longmans

119. Nagar, Shanti Lal, ed. (2012). HarivamsaPurana. ISBN 978_8178542188.
120. Navayana. The Annihilation of Caste (1936) (The 2014 annotated edition, published by in India)
121. Nehring, Andreas, Aryans and Dravidians.The Discovery of the Dravidian Family of Languages and the Representation of the Tamil Society by German Missionaries in the 19. Century, in: ICHR 2002.
122. Noehden, G. H. (1824). "Report of the Proceedings of the Asiatic Society of Great Britain and Ireland, at Its First General Meeting, on the 15th of March, 1823". Transactions of the Royal Asiatic Society of Great Britain and Ireland.
123. Oppenheimer Stephen, The Real Eve: Modern Man's Journey Out of Africa, Carroll & Graf. 2003. ISBN 0_7867_1192_2.
124. Pagani, Luca; Colonna, Vincenza; Tyler_Smith, Chris; Ayub, Qasim (2017). "An Ethnolinguistic and Genetic Perspective on the Origins of the Dravidian_Speaking Brahui in Pakistan". Man in India. 97 (1).
125. Parpola, Asko (2015), The Roots of Hinduism. The Early Arians and the Indus Civilization, Oxford University Press.
126. Parpola, Asko (1994). Deciphering the Indus script. New York: Cambridge University Press. ISBN 978_0_521_43079_1.
127. Peter A Underhill, Natalie M Myres, Siiri Rootsi, Mait Metspalu, Lev A Zhivotovsky, Roy J King, Alice A Lin,Cheryl_Emiliane T Chow, Ornella Semino, Vincenza Battaglia, Ildus Kutuev, Mari Järve, Gyaneshwer Chaubey, Qasim Ayub, Aisha Mohyuddin, S Qasim Mehdi, Sanghamitra Sengupta, Evgeny I Rogaev, Elza K Khusnutdinova, Andrey Pshenichnov, Oleg Balanovsky, Elena Balanovska,Nina Jeran,Dubravka Havas Augustin, Marian Baldovic,Rene J Herrera, Kumarasamy Thangaraj, Vijay Singh, Lalji Singh, Partha Majumder, Pavao Rudan, Dragan Primorac, Richard Villems, and Toomas Kivisild, Separating the post_ Glacial coancestry of European and Asian Y chromosomes within haplogroup R1a, (https://www.ncbi.nlm.nih.gov/pmc/articles/PMC2987245/)
128. Pirzado, Anwar, Sindhi Language and Literature, Sindhi Language Authority, Hyderabad, ISBN: 978_969_9098_14_7
129. Pokorny, Julius. 1959, 2007. Proto_Indo_European Etymological Dictionary. A Revised Edition of Julius

Pokorny'sIndogermanischesEtymologischesWörterbuch. Published on the Internet: Indo_European Language Revival Association.
130. Possehl, Gregory L. (1996). Meluhha. Reade, Julian (ed.), The Indian Ocean in antiquity. London: Kegan Paul International in association with the British Museum.
131. Possehl, Gregory L. (2002), The Indus Civilization: A Contemporary Perspective, Rowman Altamira.
132. Possehl, Gregory L.; Raval, M.H. (1989). Harappan Civilization and Rojdi. American Institute of Indian Studies.
133. Preston Peet, Disinformation guide to ancient aliens, lost civilizations, astonishing archaeology & hidden history, San Francisco, 2013.
134. Priyadarshi, P. Evidence of Indo_European origins from the Early Holocene pollen studies, linguistics and climatology, Dialogue, July_Sept 2013, Vol 15, No. 1.
135. Priyadarshi, P., Evidence of Indo_European origins from the Early Holocene pollen studies, linguistics and climatology, Dialogue, July_Sept 2013, Vol 15, No. 1.
136. Qamar, R; Ayub, Q; Mohyuddin, A; et al. (May 2002). "Y_Chromosomal DNA Variation in Pakistan". Am. J. Hum. Genet. 70: 1107–24.
137. Raheel Qamar, Qasim Ayub, Aisha Mohyuddin, Agnar Helgason, Kehkashan Mazhar, Atika Mansoor, Tatiana Zerjal, Chris Tyler_ Smith, and S. Qasim Mehdi, Y_Chromosomal DNA Variation in Pakistan, National Center for Biotechnology Information, U.S. National Library of Medicine8600 Rockville Pike, Bethesda MD, 20894 USA, Published online 2002 Mar 15. Doi: 10.1086/339929
138. Rahman Tariq, Teaching in Brahui Language.
139. Rai, Sandeep. "ASI unearths 'first_ever' physical evidence of chariots in Copper Bronze Age" The Times of India 06 Jun. 2018.
140. Rajaram N. S., Closing the Chapter on the Aryan Problem, http://archaeologyonline.net/artifacts/decline_of_ai
141. Rajaram N. S.,Caste and Science: Hot Air and Cold Fusion
142. Rajaram, N.S., Aryan Invasion — History or Politics?
143. Rao S.R. Lost City of Dvaraka, 1999 http://www.thehindu.com/todays_paper/significant_finds_at_dwaraka/article1801011.ece
144. Reinhard Bendix, Max Weber: An Intellectual Portrait, Volume 2, 1998

145. Rig Veda, translated by Ralph T.H. Griffith in 1896 (PDF)
146. Robinson, Andrew (2007). The Last Man Who Knew Everything: Thomas Young, the Anonymous Genius who Proved Newton Wrong and Deciphered the Rosetta Stone, among Other Surprising Feats. Penguin. ISBN 978_0_13_134304_7.
147. Roslyn Wallach Bologh, Love Or Greatness (Routledge Revivals): Max Weber and Masculine Thinking, 2009
148. Sanghamitra Sahoo, Anamika Singh, G. Himabindu, Jheelam Banerjee, T. Sitalaximi, Sonali Gaikwad, R. Trivedi, Phillip Endicott, Toomas Kivisild, Mait Metspalu, Richard Villems and V. K. Kashyapm A prehistory of Indian Y chromosomes: Evaluating demic diffusion scenarios, PNAS 2006 January, 103 (4).
149. Sanghamitra Sengupta, Lev A. Zhivotovsky, Roy King, S. Q. Mehdi, Christopher A. Edmonds, Cheryl_Emiliane T. Chow, Alice A. Lin, Mitashree Mitra, Samir K. Sil, A. Ramesh, M. V. Usha Rani, Chitra M. Thakur, L. Luca Cavalli_Sforza, Partha P. Majumder, and Peter A. Underhill, (Feb. 2006), Polarity and Temporality of High_Resolution Y_ Chromosome Distributions in India Identify Both Indigenous and Exogenous Expansions and Reveal Minor Genetic Influence of Central Asian Pastoralists, (https://www.ncbi.nlm.nih.gov/pmc/articles/PMC1380230/)
150. Sarkar, Anindya (2016), "Oxygen isotope in archaeological bioapatites from India: Implications to climate change and decline of Bronze Age Harappan civilization", Scientific Reports, 6 (https://www.nature.com/articles/srep26555)
151. Shaffer, Jim (1993). "Reurbanization: The eastern Punjab and beyond". In Spodek, Howard; Srinivasan, Doris M. (eds.). Urban Form and Meaning in South Asia: The Shaping of Cities from Prehistoric to Precolonial Times.
152. Sharp. H. Minute by the Hon'ble T. B. Macaulay, dated the 2nd February 1835" (From: Bureau of Education. Selections from Educational Records, Part I (1781_1839). Calcutta: Superintendent, Government Printing, 1920. Reprint. Delhi: National Archives of India, 1965.
153. Shourie, Arun, Missionaries in India, May 1st 1998 by South Asia Books.
154. Shukla, Shyam Narayan, The Myth of the Aryan Invasion Theory. http://theindianheritage.blogspot.com/2010/09/macaulays_letter_and_origin_of_f_max.html

155. Sindhi Ruk, Rise of Indus Civilization, Hyderabad, Sindh.
156. Singh Ravindra N, et al. (2014) & Recent Excavations at Alamgirpur, Meerut District: A Preliminary Report. (https://www.academia.edu/8246061/Recent_Excavations_at_Alamgirpur_Meerut_District_A_Preliminary_Report)
157. Stephaniem Jamison and Joel Brereton (2014), The Rigveda : the earliest religious poetry of India, Oxford University Press, ISBN 978-0199370184,
158. Stephen G. Alter (9 March 2005). "The Battle with Max Müller". William Dwight Whitney and the Science of Language. Johns Hopkins University Press.
159. Stephen Knapp. (2000). Proof of Vedic Culture's Global Existence. Detroit, Michigan. The World Relief Network.
160. Subramanian, T. S. "Royal burial in Sanauli" Frontline 28 Sept. 2018
161. Tamang Rakesh and Kumarasamy Thangaraj, Genomic view on the peopling of India, https://www.ncbi.nlm.nih.gov/pmc/articles/PMC3514343/)
162. The Sacred Books Of The East – All 50 Volumes. https://www.holybooks.com/the-sacred-books-of-the-east-all-50-volumes/
163. Thieme, P. (1970), "Sanskrit sindu-/Sindhu- and Old Iranian hindu-/Hindu-", in Mary Boyce; Ilya Gershevitch (eds.), W. B. Henning memorial volume, Lund Humphries.
164. Trautmann, Thomas R. (2005). The Aryan Debate. New Delhi: Oxford University Press.
165. Tripathi D.N. (2005) A Discourse on Indo European Languages and Culture,, Manak Publications Pvt. Ltd, Delhi.
166. Trivedi Aditi, The Aryan Debate, https://drexel.academia.edu/AditiTrivedi
167. Underhill, PA; Myres, NM; Rootsi, S; Metspalu, M; Zhivotovsky, LA; King, RJ; Lin, AA; Chow, CE; Semino, O; Battaglia, V; Kutuev, I; Järve, M; Chaubey, G; Ayub, Q; Mohyuddin, A; Mehdi, SQ; Sengupta, S; Rogaev, EI; Khusnutdinova, EK; Pshenichnov, A; Balanovsky, O; Balanovska, E; Jeran, N; Augustin, DH; Baldovic, M; Herrera, RJ; Thangaraj, K; Singh, V; Singh, L; Majumder, P; Rudan, P; Primorac, D; Villems, R; Kivisild, T (2010). "Separating the post-Glacial coancestry of European and Asian Y chromosomes within haplogroup R1a". Eur. J. Hum. Genet. 18.

168. Varma Vishwanath Prasad, The Political Philosophy of Sri Aurobindo, 1990.
169. Venkatesh, Karthik (2017_02_18). “A slice of south India in Balochistan”. Livemint.com
170. Vivekananda Swami. The complete works, Jan1989,Vol.V.
171. Wadhwa Y K,The Myth of the Aryan invasion of India.
172. Walimbe SR. 1993. The Aryans: the physical anthropological approach. In: Deo SB, Kamath S. editors. The Aryan problem. Pune: Bharatiya Itihasa Sankalana Samiti.
173. West, Barbara A. (1 January 2009). Encyclopedia of the Peoples of Asia and Oceania. Info base Publishing. ISBN 978_1_4381_1913_7.
174. What We Theorize – When and Where Domestication Occurred". International Museum of the Horse. Retrieved 2015_01_27.
175. Wheeler Mortimer, The Indus Civilization (Cambridge: Cambridge University Press, 1953).
176. Wheeler R. E. M. 1947. Harappa 1946: The Defences and cemetery R-37. Ancient India 3.
177. Wheeler R. E. M. Five Thousand Years of Pakistan: An Archaeological Outline, 1950.
178. White, David Gordon (2003). Kiss of the Yogini. Chicago: University of Chicago Press. ISBN 978_0_226_89483_6.
179. Wright, Rita P. (2009). The Ancient Indus: Urbanism, Economy, and Society. Cambridge University Press.
180. Yarshater Ehsan, When "Persia" became "Iran, Iranian Studies, Vol. XXII, No.1, 1989.

# رڪ سنڌي جو تعارف



سنڌ سان تعلق رکندڙ اديب، محقق ۽ تاريخدان رڪ سنڌي (اصل نالو غلام اصغر منگي) 5 آگسٽ 1961ع تي تعلقي ڪنڊياري ضلع نواب شاهه جي ڳوٺ حامد اڄڻ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد صحافت جو پيشو اختيار ڪيو. پاڻ روزاني سنڌ سجاڳ جي ايڊيٽر ۽ روزاني جاڳو ڪراچي جي ايڊيٽر ۽ پبلشر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. جڏهن ته روزاني عوامي آواز ڪراچي، روزاني سچ ڪراچي، روزاني سوڀ ڪراچي، روزاني تعمير سنڌ ڪراچي، روزاني سنڌ حيدرآباد ۾ نيوز ايڊيٽر ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ مختلف صحافتي تنظيمن ۾ شامل رهيو آهي.

رڪ سنڌي گذريل 30 سالن کان ادب، سياست ۽ صحافت سان لاڳاپيل هجڻ سميت ڪيترن ئي ڪتابن جو خالق رهيو آهي. جن ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جڏهن ته سندس سوين مقالا ۽ مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. رڪ سنڌي جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ "قومون ۽ قومي تحريڪ آزادي"، "توڙي ڦاٽڪ جو سانحو"، "سنڌي قوم جو مقدمو"، "سنڌ جي سياسي صورتحال"، "تاريخ جي لاٽ"، "قاضي فيض محمد"، "سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌين جو اتحاد"، "اڄ جي سنڌ"، "سنڌو سيپتا جي اوسر"، "سنڌو سيپتا جا محقق" ۽ "سنڌو سيپتا: آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو" ڪتاب ڳڻائي سگهجن ٿا.

رڪ سنڌي ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ وڌا آهن. جن ۾ بينظير ڀٽو جو ڪتاب "پاڪستان طوفان جي گهيري ۾" به هڪ آهي. جڏهن ته ڪيئي ڪتاب مرتب به ڪيا آهن. جن ۾ "باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي"، "سنڌي ٻولي رت رتولي" ۽ ٻيا شامل آهن.